# جيئن ڏٺو مون

Gul Hayat Institute

جي ايم سيّد

# جيئڻ ڏتو آهه مون

”جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.“
(شاهه)

”ڏسڻ جي ڏسين، ته هر ڪي حق چوين.“
(شاهه)

Gul Hayat Institute

جي ايم سيّد

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچيءَ وٽ محفوظ آهن.

تعداد: ٻه هزار] [ڇاپو پهريون

نومبر ١٩٧٤ع

قيمت

سادي ڪاپي: ٨-٠٠ روپيا

آوچي ڪاپي: ١٥-٠٠ روپيا

**نئين سنڌ پبليڪيشن**

ابراهيم منزل

آءِ - آءِ - چندريگر روڊ

ڪراچي سنڌ

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب نئين سنڌ پبليڪيشن طرفان، نئين سنڌ پريس، ابراهيم منزل، آءِ - آءِ - چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان ڇپرائي پبليڪيشن جي آفيس مان پڌرو ڪيو ويو.

# انتساب

هي ڪتاب سنڌ جي صوفي اعظم، وحدت الوجود، وحدت انساني، وحدت مذاهب جي پرچارڪ، راهه حق ۾ شهادت پاتل، عاشقن جي استاد حضرت شاهه عنايت الله صوفي ملقب به شاهه شهيد عليہ الرحمت جي نام نامي اسم گرامي سان معنون ٿو ڪريان، جنهن سنڌ مان مذهبي ڪٽرپڻي جي پاڙ پٽي ڪڍڻ جي هنن لفظن سان ابتدا ڪئي.

سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد!
اين بار گران بود ادا شد چہ بجا شد!

Gul Hayat Institute

گر قبول افتد زهي عزو شرف.

غلام مرتضيٰ

# فهرست


پيش لفظ ١

فصل پهريون:

مذهب جي تاريخ ١٠

فصل ٻيو:

مذهب جي پيدائش جا ڪارڻ
۽ ان جي جوڙجڪ جا جزا ٢٦

فصل ٽيون:

مذهب هڪ آهي يا گهڻا آهن ٧١

فصل چوٿون:

اسلام جا ٻه تعبير ٨٦

فصل پنجون:

تصوف، جيئن مون سمجهيو آهي ١٧٦


Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

آءٌ بنيادي طرح جذباتي هئڻ ڪري، گهڻي قدر مذهب جي اثر هيٺ رهيو آهيان. ڪو وقت هو، جو نماز جو پابند هوس. رمضان جا روزا رکڻ، راتيون جاڳي تهجد پڙهڻ، چلا ڪڍڻ، وظيفا پڙهڻ، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪرڻ، درويشن جي صحبت ۾ گذارڻ، پيران طريقت کان ذڪر وٺڻ، ختما ڏيارڻ، عرس، يارهيون ۽ اضحيون ڪرڻ، ماڻهن کي زوريءَ نماز پڙهائڻ، مسجدون ٺهرائڻ، مذهبي وعظ ڪرڻ، منهنجا خاص مشغلا هوندا هئا.

مذهب اسلام جي عام روايتي عقيدن ۾ ويساهه ويٺل هوم، جنهنڪري شريعت اسلام مطابق زندگي گذارڻ ۾ راهه نجات سمجهندو هوس.

پر ڪجهه وقت کان پوءِ مختلف مذهبن جي ماڻهن سان بحث مباحثي ڪرڻ، جدا جدا مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد آهستي ٽي، انهيءَ خوش اعتقاديءَ جي آهني ديوارن ۾ شڪن جا شگاف پوڻ لڳا، جن جو مفصل احوال ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ ڪتاب ۾ درج ڪيو اٿم.

Gul Hayat Institute

هتي هي ظاهر ڪرڻ ڪافي ٿيندو ته سر سيد احمد خان جي مذهبي نظرين، ٻين مذهبن جي عقائد جي معلومات، تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي، مٽريلزم (دهريت) جي نظريي جي واقفيت ۽ مجازي عشق جي مرحلن بعد منهنجي عقيدن ۾ معلومات ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي. پنهنجي هڪ مضمون "مجازي مرحلا" جي آخر ۾ ۳۵ سال اڳ ۾ هيئنءَ طرح لکيو هوم:

"(شخصي، مجازي عشق ۾) مايا جي چڪر پلائي گمراه ڪري ڇڏيو هو. آهستي آهستي ٿي، صفاتي بي ثباتيءَ ۾ مون ڪي 'لا احب الآفلين' جي معنيٰ جو پتو پوڻ لڳو. هي اهو دور هو، جو نفساني خواهشن جي ماهيت معلوم ٿيڻ ڪري، ظاهري خواهشون سرد پئجي ويل هيون. خون جي گرمي ٿڌي ٿيڻ لڳي هئي. مايا جو موهه جهڪو ٿيو هو. پر اڃا حقيقت پري هئي. هاڻ نه مئن سان گڏ، نه جيئرن سان جوڙو هوس ...... مجازي عشق جو تصور به شخصي هو. ان جي اثر سان ٻاهر نڪرڻ بعد سجده گاهه به ٻيو ڳولٹو هو. "اڳي حقيقت مجاز ۾ نظر ايندي هئي. هاڻ (شخصي) مجازي موهه ٽٽڻ ۽ حقيقت طرف اکيون نه کلڻ سبب گمراهيءَ ۾ گذارڻ لڳس ...... ويرا ڳ ويڙهي ويم. حقيقت سان روشناسي ڪانه ٿي هئي......(ڪجهه وقت ڪان پوءِ) وري مجازي معشوق ٻيءَ صورت ۾ اچي منهن ڏيکاريو. اڳي فردي (جزوي) صورت ۾ منهن ڏيکاري ڪشش ڪئي هئائين، هاڻ هڪ نظريي جي شڪل ۾ ڪشش پئي ڪيائين. اڳي مارئي ڪيت جي درد فراق ۾ مبتلا هئي، هاڻ ڪيت جي عيوض مارن جي ياد اچڻ لڳي هيس. مارئيءَ جا مارو ٿر جا ڇاولي سندس هم قوم هئا. منهنجا مارو سنڌ ديس جا رهاڪو سنڌي

Gul Hayat Institute

هئا. اها مجازي مرحلي جي ارتقا هئي. مجاز ساڳيو هو، پر ان جو تصور ۽ ڪشش جدا نموني جا هئا. محبت جو جوش ۽ اڪير ساڳيا هئا...... نشا ۽ خمار ساڳيا هئا، پر ساقي بدليل هئا."

ان ڪان پوءِ منهنجي خيالن ۾ جا تبديلي آئي، ان جو اظهار بزم صوفياءِ سنڌ جي مختلف خطبن ۾ هيٺينءَ طرح ڪيو اٿم:
ڊنڙي ڪانفرنس جي موقعي تي چيم ته

"سرزمين سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي مادياتي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ هڪ خاص پيغام آهي. ان پيغام جي اسان جي ولين ۽ درويشن حتي‌الامڪان تشريح ڪري، ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي."

وڏيڪ چيو هوم ته

"ائين ته هر ملڪ ۽ هر قوم کي پنهنجو پيغام ٿئي ٿو — ليڪن سنڌ کي جاگرافيائي ۽ تاريخي طرح مختلف ڪلچرن ۽ مذهبي عقيدن جي ميلاپ ڪري، خاص خصوصيتون هيون."

انهن خصوصيتن جي تشريح ۾ سن ڪانفرنس جي موقعي تي، آل انڊيا مسلم ليگ جي سالياني اجلاس، منعقده ڪراچي سنه ١٩٤٣ع، ۾ پڙهيل پنهنجي استقباليه ڪميٽيءَ جي صدارتي خطبي جا هيٺيان اقتباس پيش ڪري، ان تي روشني وڌي هيم:

"دوستو، فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو، ۽ مون کي اميد آهي ته ان جو مستقبل به اهڙو ئي روشن ٿيندو."

"ڪيترن ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ نهايت بي نظير رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي،

Gul Hayat Institute

جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي جي آثار قديم مان ملي سگهي ٿي."

"هيءَ ئي سرزمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل گڏجي ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي ۽ منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا."

"نه صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ فلسفن جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ، جهڙو هتي ٿيو، اهڙو ٻيءَ جاءِ تي ڇٿو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو هن زمين تي وڌيو ۽ ويجهيو. اسلام جڏهن هن زمين تي پير پاتو، ته ٻڌ ڌرم اڃا مروج هو، ۽ هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اڃا نه وساريو هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳيءَ تي اثر وجهي، بت پرستي ڪي گهٽايو، ته ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهوتي ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل-جول جي نچوڙ جو مکيه مثال ۽ نتيجو آهي."

"مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهه عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو-مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. هندستان جي ٻين حصن وانگر ڇوت ڇات جو مرض

ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي."

"انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سرزمين سنڌ جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواه آهن ته ڪيئن نه هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويڇا سيڱجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سرزمين سنڌ ڪي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن اندوڪار جي زماني ۾ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهي."

هي خيال ٢٢ سال اڳي ظاهر ڪيا هئم. سنڌ جي خاص پيغام ۾ تڏهانکر منهنجو ويساه پئي رهيو آهي. اهو پيغام ڪهڙو آهي، جنهن جي تعليم ۽ تربيت اسان جي درويشن ڏني آهي؟ عمر جو سمورو وقت انهيءَ کوجنا ۾ گذاريو اٿم. غور، فڪر ۽ تجربي بعد، جن نتيجن تي پهتو آهيان، تن کي هن ڪتاب ۾ قلمبند ڪريان ٿو.

اهي منهنجا شخصي رايا آهن، جن کي حق جي گولا ۾ هڪ فرد جي تجربن سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي. ان لاءِ آءٌ صداقت جي هڪ-هٽيءَ (Monopoly) جي دعوىٰ نٿو ڪريان. انسان خطا جو گهر آهي. ممڪن آهي ڪيترا ماڻهو انهن راين کي صحيح نه سمجهي، مون سان اتفاق نه ڪن. تنهن هوندي به انهن جي ظاهر ڪرڻ کي عيب نٿو سمجهان. حق جو بحر ڪثير تعداد قطرن جو مجموعو آهي. دنيا جو بوقلموني باغ مختلف گلن جي رنگارنگي رونق رکي ٿو. هيءَ به هڪ راءِ آهي.

مون کي معلوم آهي ته ڪثرت تعداد ماڻهن جو، مذهبي شريعتن جي مقتدي هئڻ ڪري، شايد منهنجي راين کي ناپسنديءَ

جي نگاه سان ڏسي. وڏيڪ اهو بہ پتو اٿم تہ ڪيترا نوجوان، جي مذهبن جي ظاهري عقيدن ۽ انهن جي ناليءَ استعمال غرضيءَ (Exploitation) مان بيزار ٿي، مٽيريلزم ۾ ويساه رکڻ لڳا آهن، سي بہ هنن راين کي رجعت پسند سمجهندا. ليڪن باوجود ان علم جي بہ، پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ کان نٿو هٻڪان — پوءِ ڪٿي ان کي مجذوب جي بڪواس سمجهڻ لڳن. هن مان سنهنجو مقصد ٻين کي همراءِ بنائڻ جو نہ آهي، ۽ نہ ڪنهن جي جذبات کي ٺيس لڳائڻ مقصود آهي. هيءُ هڪ نقطي نگاه آهي، جيئن ان جي ناليءَ مان معلوم ٿئي ٿو.

"من هايءِ هويءِ ميڪنم ڪس بشنود يا نشنود"

[معني- آءٌ پيو اندر جون آهون ڪيان، پوءِ ڪير ٻڌي يا نہ ٻڌي.]

اميد اٿم تہ منهنجا معترض قران شريف جي هن آيت شريف "لڪم دينڪم ولي دين" مطابق، منهنجي راين کي برداشت ڪندا.

منهنجي خيال ۾ هر مذهب، فلاسافي ۽ سائنسي علم، بحر فيض الاهي يعني علم ڪل جا جزا آهن. ان بي انت بحر مان ماسو مال بہ پوچارين کي پر ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو ليڪن پنهنجيءَ پر ۾ پر ٿيڻ بعد بہ ڪنهن کي صداقت جي هڪ-هٽيءَ (Monopoly) جي دعوي ڪرڻ جو حق نہ آهي. اهو بحر عميق ڪنهن جي ورٿي ۾ اچڻ کان برتر ۽ بالا آهي. خواجہ حافظ ان حالت کي رسي، بي اختيار چيو ڏئي تہ:

در هر طرف کہ رفتم جز حيرتم نيفزود،
فرياد زين بيابان وز راه بي نهايت.

[جيڏانهن بہ نظر ڪنيم ۽ ويس، تہ سواءِ حيرت ۾ واڌاري ٿيڻ جي ڪجھ معلوم نہ ٿيم: اهڙي بي انت صحرا ۽ اڻ ڪٽ رستي تي هلڻ بعد دانهن نڪريو وڃي.]

Gul Hayat Institute

سچ يا حق جو قطرو، مسلسل فڪر ۽ تجربي کان پوءِ علم پرائڻ، تزڪيہ نفس ۽ اخلاقن جي درستيءَ بعد هٿ اچي سگهي ٿو. مون بہ جر ۾ جهوتون پائي، ڪجهہ موتين هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پتو نہ آهي تہ صراف انهن کي موتين ۾ شمار ڪندا، يا ڪوڙو ڪچ ثابت ڪندا. بهرحال، "برگ سبز تحفۂ درويش" موجب، آءٌ پنهنجي دماغ سوزيءَ جا هي نتيجا، جيئن آهن ۽ جيڪي آهن، پيش ڪريان ٿو.

قانون ارتقا موجب، هر زماني ۽ دور ۾ نوان راز کلنا ۽ نوان نياپا اچنا آهن، جن جي انتها جو پرو پاند هڪ وقت پوڻ مشڪل آهي. ڪنهن بہ مذهب يا نظريي جي ڪمال جي دعويٰ دين فطرت (قانون ارتقا) جي بنيادي اصول جي خلاف آهي. مون کي هر مذهب ۾ حق جو پرتوو ڏسڻ ۾ آيو آهي، ۽ اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ انهن ۾ ڪيتريون ڳالهيون فرسوده ۽ بي معنيٰ ثابت ٿي چڪيون آهن. مون کي ان ڳولا ۾ ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏسڻ ۾ آئي آهي. سڀني مذهبي نظرين کي آءٌ دين فطرت جا جزا تسليم ڪريان ٿو، جنهن جا بنيادي مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم معلوم ٿيا آهن.

منهنجي نظر ۾ صوفيءَ لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ هو ڪنهن خاص مذهبي عقيدي يا نظريي جو پابند هجي. هو هر مذهب، فلسفي، سائنس، علم ۽ تجربي مان، بنان تفاوت پنهنجي ۽ پرائي جي فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو. صوفي لا ڪوفي (Non-alligned) آهي—

"هر ملڪ ملڪ ما است، ڪہ ملڪ خدا اي ماست"

آءٌ تصوف جي هن نظريي کي سچ جو گلدستو سمجهان ٿو، جنهن ۾ سڀني رنگن ۽ خوشبوين جا سهڻا ۽ خوبصورت گل ڪٺا ٿيل آهن. صوفي جملي مذهبي عقيدن، علمن، سائنسن ۽ فلسفن

مان بنيادي وحدت ۽ صداقت جو کوجنا کندڙ آهي. هو پاڻ کي کنهن محدود دائري ۾ نظربند نٿو رکي. هو "خذما صفا دع ما کدر" [يعني، هر سٺيءَ ڳالهہ کي هٿ کري، خراب کي ڇڏي ڇڏيو] جي افاديت ۾ اعتبار رکي ٿو.

صوفيءَ کائنات جي خلقت ۾ رٿا ۽ مقصد پرکيا آهن، جن جي علم ۽ واقفيت کي هو مذهب جو روح سمجهي ٿو، ۽ هر اها ڳالهہ، جا نفرت، نفاق، بدامنيءَ، وڏنڊائيءَ، هنسا ۽ پاڪ پليت جا تفاوت ۽ ويڇا پيدا کري ٿي، ان کي هو دين فطرت جي خلاف سمجهي ٿو.

— غلام مرتضيٰ

سن
٢١-١-١٩٦٧ع

Gul Hayat Institute

# فصل ٻهريون

## مذهب جي تاريخ

تاريخ جي، مختلف علمن جي وسيلي، هن وقت تائين گهڻي معلومات ميسر ٿي ويئي آهي، آئنده پڻ ان جي معلوم ٿيڻ جو امڪان آهي. ساڳيءَ طرح مذهب جي تاريخ تي به ڪافي ڪوجنا ٿي آهي.

تاريخ کي جن علمن مالا مال بنايو آهي، تن مان ڪي هيٺيان آهن:

(١) جيالاجي (Geology) يا علم الارضيات — زمين جي طبقن يا ڌرتيءَ جي تهن جو علم.

(٢) جاگرافي (Geography) يا علم جغرافيه — زمين جي مختلف حصن، آب هوائن، سمنڊن، بيابانن، وغيره جو علم.

(٣) آنٿراپالاجي (Anthropology) يا علم الانسان — جسم انسان جي ارتقائي درجن جو علم.

(٤) ايٿنالاجي (Ethnology) يا علم نسل انسان — ماڻهن جي مختلف نسلن بابت علم.

(٥) فلالاجي (Philology) يا علم اللسان يا ڀاشا وگيان — مختلف زبانن بابت علم.

(٦) سوشالاجي (Sociology) يا علم عمرانيات — ماڻهن جي سماجي زندگيءَ بابت علم.

Gul Hayat Institute

(۷) آرڪيالاجي (Arachaeology) يا علم‌الاثار — زير زمين قديم تهذيبن ۽ تمدنن جو علم.
(۸) فوڪ لور (Folk lore) يا علم قديم روايات — انسانن جي پراڻن قصن ڪهاڻين وغيره بابت علم.
(۹) فوڪ ڪسٽمس (Folk customs) يا علم قديم رسم و رواج — انسانن جي پراڻين رسمن ۽ رواجن بابت علم.
(۱۰) ميٿالاجي (Mythology) يا علم‌الاصنام يا ديو مالا — قديم ڏند ڪٿائن جو علم.
(۱۱) فلاسافي (Philosophy) يا فلسفو — قياس ۽ فهم جي تقابلي سان فطرت ۽ زندگيءَ جي مسئلن بابت پرايل علم — وغيره وغيره.

اهو زمانو گذر ڪري ويو، جڏهن هر مذهب جي علم رڳو الهامي ڪتابن، تفسيرن ۽ روايات وغيره سان حاصل ڪيل احوالن تي اڪتفا ٿي ڪئي. هن وقت مذهب جو علم به سائنس ٿي پيو آهي. ڪيترن محققن مذهب جي مختلف شعبن جي کوجنا ۾ عمريون صرف ڪري، آن جي جدا جدا پاسن تي کوجنا ڪئي آهي. هيءَ مذهب جي تفتيش هيٺين ٻن صيغن ۾ ٿي آهي.

(۱) مخصوص مذهبن جي خاص شعبن جي کوجنا.
(۲) جملي مذهبن جي تاريخ، انهن جي پيدائش جي ڪارڻن، ترڪيبي جزن ۽ مقصدن جي کوجنا.

پهرين صيغي جي تفتيش ڪندڙن ۾ مفسر، محدث، فقيه، مقلد، غير مقلد، سناتني، آريه وغيره عالم، آچاريه، پشپ شامل هئا، ۽ ٻئي صيغي جي تفتيش ڪندڙن ۾ وحدت‌الوجودي، ويدانتي، صوفي، فلسفهءِ انسانيت جا قائل، تاريخ ۽ سائنس جا ڄاڻو، طريقت جا صاحب، سنياسي ۽ جوڳي اچي ٿي ويا.

عالمن جي هنن ٻنهي گروهن جي علمي تحقيق ۽ حاصلات کي جيڪڏهن هوشمند نگاهن سان ڏسبو، ته انهن جو پهريون گروهه، باوجود پنهنجي پنهنجي مخصوص شعبي يا شعبن ۾ مهارت حاصل

Gul Hayat Institute

ڪرڻ جي، هميشه چاڪيءَ جي اٽ وانگر محدود دائري يا دائرن جي گهاٽي ۾ چوڌاري ڦرندي ڏسڻ ۾ ايندو. دراصل اهو ٻئي گروهه جو ڪارنامو هو، جو ان جي محققن ۽ عالمن، مٿي ذڪر ڪيل مختلف علمن جي مدد سان، مجموعي طور مذهب جي تاريخ، پيدائش جي ڪارڻن، بنيادي مقصدن، جوڙجڪي جزن ۽ ڪثرت مذاهب پٺيان وحدت جي ڳولا ڪري، ڪي هم گير اصول هٿ ڪيا ۽ دنيا جي اڳيان پيش ڪيا.

آءٌ مذهب جي تاريخ تي ڪا ٿيسز (سندي مقالو =Thesis) ڪونه لکي رهيو آهيان، جو آءٌ ان تي هتي مفصل روشني وجهان. هتي آءٌ صرف مختصر طرح مذهبن جي پيدائش ۽ ارتقا جي تاريخ تي، پنهنجي علم ۽ سمجهه آهر، ٿورڙائين ڪجهه احوال پيش ڪريان ٿو، ان لاءِ ته جو ڪجهه سون ڪي اڳتي ڪرڻو آهي، آن جو پس منظر صاف ٿي بيهي.

هن زمين تي زندگيءَ جا آثار سائنسدانن ڪي، سندن مشاهدن مطابق ڪروڙين ورهين کان ڏسڻ ۾ آيا آهن. ان عرصي ۾ زندگي، جسماني طرح، اڪيلن جيو گهرڙن، آمويبا، مڇين، سرندڙ جانورن، پکين، چوپاين جانورن سان ترقي ڪندي، آخر ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ نمودار ٿي، جنهن کي عالمن اشرف المخلوقات جي لقب سان ياد ڪيو آهي. ٻئي طرف زندگي ذهني ارتقا جا مختلف درجا ــ جماداتي، نباتاتي ۽ حيواني ڪيفيتن سان گذرندي ــ طي ڪندي، ماڻهوءَ جي صورت ۾ ترقي يافته نفس ۽ عقل سان نمودار ٿي.

سائنسدان، ماڻهوءَ جي اوائلي پيدائش جي کوجنا بعد، هي چئي سگهيا آهن ته زمين تي ماڻهو جي وجود جا هنن ڪيترن لکن ورهين کان آثار ڏٺا آهن. اها ڳالهه به پايي ثبوت تي پهتل آهي ته ابتدا ۾ ماڻهو جهنگلن ۽ جبلن ۾، ٻين جانورن وانگر، وحشياني زندگي گذاريندا هئا، ۽ انهن کي شروع ۾ جانورن پالڻ، اناج پوکڻ، باهه سان ڪم وٺڻ، يا اوزارن جي ايجاد جو پتو پيل ڪونه هو. هو اڪيلا ڏٺن ۽ ولرن ۾ گهمندا ڦرندا هئا. سندن گذران وٺڻ جي پنن،

ڦلن، ميون، جهنگلي جانورن جي ڪچي گوشت، مڇي وغيره تي هوندو هو. هنن جو مستقل گهر گهاٽ ۽ مڙهه مقام ڪونه هوندو هو. جانورن وانگر، گرميءَ ۽ سرديءَ کان غارن يا وڻن جي گهاٽن جهنگلن ۾ پاڻ بچائيندا ۽ کاڌي خوراڪ جي سانگي سان ڪڏهن هتي ۽ ڪڏهن هتي هلندا چلندا رهندا هئا. هو ڪڏهن ڳالهائڻ سکيا، اوائلي ڳالهائڻ ڪهڙو هون، ابتدائي رهڻ جا طريقا ڪهڙا هئن، وغيره — انهن مسئلن تي جيئن پوءِ تيئن ڪوجنا ٿي رهي آهي. ممڪن آهي ته ڪجهه وقت کان پوءِ هنن ۽ ڪن ٻين ڳالهين تي پوري معلومات ميسر ٿي سگهي.

موجوده عالمگير مذهب، جهڙوڪ (۱) هندو ڌرم، (۲) ٻڌ ڌرم، (۳) مسيحيت ۽ (۴) اسلام گذريل ڇئن هزارن ورهين کان پوءِ جي پيدائش آهن ۽ انهن وسيلي انسانذات جي ابتدائي تاريخ، رسم و رواج، مذهبي عقيدن وغيره تي، سواءِ ڪن ڏندڪٿائي ڳالهين جي زياده روشني نه ٻئجي سگهي آهي. ڪائنن جيڪا تاريخي معلومات ميسر ٿي سگهي آهي، اها گهڻي قدر سائنسي تجربي، جديد تاريخي معلومات ۽ فلسفي جي بنياد تي غلط ثابت ٿيندي وڃي.

تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته، لکها ورهيه اڳي، ماڻهن کي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو، جن مان ڪي، مشڪلاتون هيٺين قسمن جون هيون:

(۱) **سماوي آفتون:** جن مان ڪي، سردي، گرمي، طوفان، سخت بارشون، سيلاب، سوڪ، ڌرتين جو ڌٻڻ، جبلن جو ڦاٽڻ ۽ باهين جو لڳڻ وغيره هيون.

**(۲) خطرناڪ جانورن ۽ غيبي طاقتن جا خوف:**

هڪ طرف کين جهنگلي ۽ دريائي جانورن، جهڙوڪ شينهن، هاٿين، گينڊن، رڇن، نانگن ۽ واڳن ۽ ٻين اژدهائن جو ڊپ رهندو هو، ته ٻئي طرف کين نامعلوم غيبي طاقتن جو خوف ستائيندو هو، جن کي هو جن، ڀوت ۽ شيطاني روح وغيره جي نالن سان سڏڻ لڳا.

(۳) **اتفاقي حادثا:** جن ۾ وچڙندڙ بيماريون، ٻين طاقتور

Gul Hayat Institute

ماڻهن جا حملا، ڏڪارن ڪري گذر معاش جي تنگي، اتفاقي موت، عورتن ۽ ڪاڌي تان هڪٻئي ۾ جهڳڙا فساد، وغيره شامل هئا.

اهڙين اوچتين ۽ وس کان ٻاهر مشڪلاتن ۾ رهڻ سبب مٿن هر وقت غير سلامتيءَ جو خوف ۽ هراس ڇانيل رهيو، ۽ پين ڳالهين سان گڏ هو انوسانن، وسوسن ۽ وهمن جي اشڪنجن ۾ پڻ اڙجي ويا. بهرحال، سندن توجهه نيث انهن ڳالهين جي ڪارڻن ۽ بچاءَ طرف ڇڪيو، جنهنڪري ان معاملي ۾ هنن ٻن طريقن سان سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ شروع ڪيو: (۱) جسماني بچاءَ ۽ حفاظت جو طريقو، ۽ (۲) نفسياتي ۽ ذهني بچاءَ جو طريقو.

پهرئين طريقي تي، لکن ورهين جي تجربي بعد، هنن ڳالهين جي علم ۽ ايجاد مان فائدو ورتو:

پهريون ته هنن ڪير ڏيندڙ چوپاين جانورن کي کير ۽ گوشت لاءِ پالڻ شروع ڪيو، جنهنڪري هر روز جي گذر معاش لاءِ شڪار واسطي وڃڻ جي تڪليف گهٽ ٿين.

ٻيو ته هنن کن ٻوٽن جو اناج گڏ ڪري رکڻ جي عادت سکي، جنهنڪري ڪن موسمن ۾ وڻن جي پنن، ڦلن، ۽ ميوي ميسر ٿي نه سگهڻ جي حالت ۾، هي آن کي ڪاڌي لاءِ ضرورت وقت ڪم آڻڻ لڳا.

ٽيون ته هو ڪاٺ ۽ پٿر مان ڪي اوزار ۽ بچاءَ لاءِ هٿيار ٺاهڻ سکيا، جن کي جانورن ۽ ٻين جي شڪار ۽ درندن کان بچاءَ لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا.

چوٿون ته هو باهه کي ڪتب آڻڻ سکيا. باهه جي پيدا ڪرڻ جو علم ته شايد گهڻو پوءِ حاصل ٿيو هجين، ليڪن پهرين ۾ وڻن جي گسجڻ ڪري پيدا ٿيل ۽ پهاڙن جي ڦاٽڻ وغيره مان قدرتي طرح پيدا ٿيل باهه کي محفوظ ڪرڻ ڪري هو ان کي گوشت ۽ اناج جي سيڪي رکڻ لاءِ، روشنيءَ لاءِ ۽ سرديءَ کان بچڻ لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

هن قسم جي نئين معلومات سندن جسماني تڪليف ڪي گهٽ ڪرڻ ۾ ڪين گهڻي قدر مدد ڪئي. انهن ڳالهين جي واقفيت انساني معاشري ۾ انقلابي پيشقدميءَ جي شروعات ڪئي. هي ڳالهيون سندن آئنده ايجادن جو پيش خيمو ۽ بنياد بنيون.

ٻئي طرف، نفسياتي ۽ ذهني بچاءَ جي طريقي تي لڪن، ۽ ورهين جي تجربي، معلومات ۽ غور فڪر بعد، ڪي ويساه ۽ وهم هنن ڪي مستقل طور دماغ ۾ ويهي ويا، جن مان مکيه هيٺيان هئا:

**(الف)** دنيا جي هر هڪ ساهه واري يا مادي شيءِ ۾ روح، آتما يا جوهري نفس هو، جو زندگيءَ وارين شين جي مئي ڪان پوءِ ٻه جدا وجود رکندو آيو، ۽ اهڙيءَ طرح وڻن، جبلن، عنصري ۽ فلڪياتي جسمن ڪي ٻه ظاهري طور ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا، ليڪن ڪن آثارن جي بنياد تي، جن ڪي هو ڪنهن ٻئي طريقي سان سمجهي يا سمجهائي نٿي سگهيا، انهن روحن جي وجود جو ڪين يقين ويهي ويو هو. سماوي آفتن، اتفاقي حادثن ۽ هر نقصان لاءِ انهن روحن جي ڪاوڙ يا ناراضگيءَ ڪي جوابدار ٺهرايو ٿي، انهيءَ ڪري سج، چنڊ، تارن، هوائن، بارشن، باهه، زمين، جبلن، دريائن، سمنڊن، وڻن، خوفناڪ جانورن ۽ ماڻهن جي روحن متعلق ڪي اميدون ۽ ڪي خوف سندن دلين تي ويهي ويا. ازانسواءِ ٻين به ڪن غيبي هستين جهڙوڪ شيطانن، جنن، ڀوتن، پرين وغيره جي جدا وجود ۾ اهڙي ئي قسم جا ويساهه ويهي وين، جن ڪي طوفانن، بارشن، باهين، ڏڪارن، ڌرتيءَ جي زلزلن، بيمارين ۽ ٻين نقصانڪار ڳالهين لاءِ ڪارڻ ٿي ڄاڻائون.

جيئن ته ماڻهو اڃا وحشي حالت ۾ هئا، ۽ رحم ۽ پيار جي صفتن سان، جي تهذيب سان وڌن ٿيون، اڃا پوريءَ طرح مايوس نه ٿيا هئا، ان ڪري ڪين وهم ويٺل هو ته جملي روح، جن ڪي هنن ديون ۽ ديوين، ڀوتن، جنن، ۽ ٻين اڪيچار نالن سان سڏڻ شروع ڪيو هو، سڀ خونخوار، ظالم، خطرناڪ ۽ رت جا پياسي هئا، ۽

آهي صرف خوشامد، (پوڄا)، ڪاڌي خوراڪ آڇڻ، ڪريا ڪرم، قربانيءَ جي رت ڏيڻ، منترن، جادو ۽ ٽوٽڻ وغيره جي ذريعي سان راضي ڪري سگهبا، تنهنڪري هر هڪ قبيلي جي ڄاڻو ماڻهن انهن غيبي طاقتن جي تسخير ۽ رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ جدا حل ڳولي ڪڍيا هئا. اهڙيءَ طرح سان ختمن، شرڌائن، ڪريا ڪرمن، جادوءَ جي منترن ۽ ٻين مختلف قسم جي پوڄاپاٺن جو بنياد پيو. سج، چنڊ ۽ تارن جي روحن کي جدا جدا نالا ڏنائون، انهن جي هڪ پاسي پرستش شروع ٿي، ته ٻئي پاسي جبلن، سمنڊن، بادلن، وڻن، هوائن ۽ باهه وغيره جي روحن کي الڳ الڳ نالن وارا ديوتائون ٺهرائي، انهن جي تسخير يا رضامندي لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي. ساڳيءَ ريت، مري ويل جانورن، عزيزن ۽ دشمنن جي روحن جي راضي ڪرڻ يا انهن جي نحوست کي ٽارڻ لاءِ ڪيئي طريقا ايجاد ڪيا ويا — ڪيترن ئي قديم ڏندڪٿائون اهڙن عقيدن جو يادگار ۽ ثبوت آهن. نه رڳو ايترو پر ماڻهن جي جدا جدا نفساني خواهشن جا نشان (Symbols) مقرر ڪري، انهن جي پوڄا شروع ڪئي ويئي. جهڙوڪ زنانه ۽ مردانه تناسلي عضوا (لنگم- Phalus)، جنسي خواهش (Sex) جي ديوتا (ڪامديو)، حسن جي ديوتا، موت ۽ فنا ڪندڙ طاقت جي ديوتا وغيره جي پوڄا شروع ٿي.

### (ب) سعد ۽ نحس (سياڳي ۽ نياڳي) جو وهم:

سماوي آفتن، غيبي طاقتن ۽ اتفاقي حادثن جي خوف جي اثر هيٺ، ماڻهن کي، سالها سالن جي تجربن ۽ وهمن بعد، ڪن شين يا جانورن جي بنيادي طرح سياڳي ۽ نياڳي هئڻ بنسبت وهم ۽ ويساهه ويهي ويا هئا، جنهنڪري جدا جدا قبيلن وٽ ڪي مادي شيون، جانور ۽ غيبي طاقتون سياڳيون ۽ نياڳيون شمار ٿيڻ لڳيون هيون. ان مطابق جدا جدا قبيلي هر سياڳي شيءِ، جانور، ديوتا ۽ روح وغيره کي ٻختاور سمجهي، ان جي پوڄا ۽ احترام ڪيو، ۽ هر نياڳي شيءِ، جانور، روح وغيره کي بدسوڻ ۽ نقصان ده سمجهي، ان جي

بدسوڻيءَ ۽ نقصان کان بچاءَ جا طريقا استعمال ڪيا. هر هڪ قبيلي جا اهڙيءَ طرح ڪي سڀاڳا ۽ طرفدار جانور، ديوتائون ۽ روح شمار ٿيڻ لڳا، ته ڪن جانورن، ديوتائن ۽ روحن کي وري نڀاڳو ۽ دشمن سمجهڻ ۾ آيو. علم الانسان جي ڪتابن ۾ اهڙن سڀاڳن جانورن لاءِ ٽوٽم (Totem) جو لفظ ۽ نڀاڳن لاءِ ٽئبو (Taboo) جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. ڳئون ۽ باندر جي پاڪ ۽ سوئر جي پليت شمار ٿيڻ جا اصلي وجهه آهي وهمي عقيدا هئا. مطلب ته ڪن قبيلن پنهنجا طرفدار، پاڪ ۽ فائدي بخش جانور ۽ ديوتائون ۽ روح مقرر ڪري، انهن جي پوڄا شروع ڪئي. نتيجو اهو نڪتو ته هڪڙن جا طرفدار، پاڪ ۽ فائدي بخش جانور، ديوتائون ۽ روح ٻين وٽ دشمن، پليت ۽ نقصان ده شمار ٿيڻ لڳا.

انهن اٿرن هيٺ ڪي قبيلا ان حد تائين ويا، جو پاڻ تي پنهنجن طرفدار جانورن جا نالا رکيائون، ۽ اڳتي هلي، اهي جانور ڪن قومن جي قومي نشانن طور ڪتب اچڻ لڳا. دنيا جي ڪيترن حصن ۾ اجا تائين ڪن ماڻهن ۽ قبيلن جا نالا، سندن طرفدار جانورن جا رکيل آهن يا رکيا وڃن ٿا. ماڻهن جا نالا جهڙوڪ: هاگ (سوئر)، شير، اسد (شينهن)، مور، هاٿي، وغيره اجا تائين هليا اچن. ساڳيءَ ريت قبيلن جا نالا بنو اسد، ڪيهر، واگها، گوالا وغيره رکيل آهن. قومن جا اهڙا پوتر قومي نشان انهن عقيدن جي بنياد تي اجا تائين هليا اچن. مثال ـ رشيا جو رڇ، چين جو اژدها، جرمن ۽ آمريڪين جو ٻن منهن وارو عقاب، برطانيه جو ٻن منهن وارو شينهن وغيره. اسان وٽ ڳوٺن ۾ اجا تائين ڪي ساٿهو مسافريءَ تي نڪرڻ وقت جدا جدا جانورن جي منهن پوڻ مان ڪي سوڻ وٺن ٿا. سهي کي نڀاڳو ۽ لومڙ کي سڀاڳو سمجهيو وڃي ٿو. تتر ۽ ڪانگن جي آواز مان به ڪي معنائون ڪڍيون وڃن ٿيون. ڪو زمانو هو، جو واڳو، شينهن، هاٿي، گينڊي، ڳئونءَ، باندر ۽ نانگ وغيره جي پوڄا ٿيندي هئي. اجا به ڪن کي عزت ۽ نفرت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ويندي تارن ۽ گرهن ۾ به ڪي نڀاڳا ۽ سڀاڳا سمجهڻ ۾ آيا. اهڙيءَ

Gul Hayat Institute

ڪنهن تميز ۽ رڪاوٽ جي، سڌ پوري ڪرڻ جي طرف مائل هئا؛ پر لکن ورهين جي تجربي بعد، هنن معاشري جي پاڪ رکڻ، باهمي جهڳڙن کان بچڻ، جدا وڙن ۽ نسلن جي برقرار رکڻ، ۽ ڪن وهمي، عقلي ۽ تعصبي جذبن هيٺ، ڪي دستور ۽ قانون قائم ڪيا، جن اڳتي هلي قبيلن، قومن ۽ مذهبن جي اخلاقي ۽ سماجي قانونن جي تعمير لاءِ سواد ميسر ڪيو. اهي دستور، جي اڄڪلهه بنا چون چرا جي مذهبن ۽ قبيلن جا قانون سمجهي قبول ڪيا وڃن ٿا، تن جي مختلف ملڪن، قبيلن، نسلن ۾ ڪهڙيءَ طرح نشونما ٿي، سو عالمن ۽ محققن جي کوجنا جو مرغوب مشغلو ٿي، وسيع معلومات ميسر ڪرڻ جو ڪارڻ بنيو آهي. علم النفس، عمرانيات، جنسيات، علم نسل انساني انهيءَ جبلت جي ڪارفرماين جي پيداوار آهن.

## (٣) پاڻ بچائڻ جي جبلت:

انسان جي پيدائش کان وٺي، هن جي زندگيءَ ۽ املاڪ سان خطرو ڳنڍيو اچي. غالب ان جي پوري ترجماني ڪئي آهي، جڏهن چيو اٿس ــــ

قيد حيات بند غم، اصل ميں دونوں ايک ہيں،
موت سے پہلے آدمی، غم سے نجات پائے کيوں!

اهو جان جي خطري جو خوف هو، جنهن انسان کي وهم پرست بنايو، ۽ جنن، ڀوتن ۽ ديون ۾ سندس ويساهه ويهاريو، ۽ ڪائنس سج، چنڊ، تارن، جبلن، سمنڊن، دريائن، بادلن، ڦاڙيندڙ جانورن، نانگن، واڳن وغيره جي پوڄا ڪرائي، ۽ کيس غيبي طاقتن جي رضامنديءَ لاءِ انهن کي طعامن جي پيٽا جا ۽ قربانيءَ، جادوءَ ۽ منترن اچارڻ جا رستا سيکاريا. هن ئي جبلت، بعد ۾، هن کي مذهبن ذريعي امن حاصل ڪرڻ جا حيلا وسيلا سيکاريا. ليڪن اڃا تائين کيس جان ۽ مال جي خوف کان آزادي نصيب نه ٿي آهي. روزا رکيائين، نمازون پڙهيائين، خير خيرات ڪيائين، ذڪر فڪر ڪيائين، پر تسڪين

Gul Hayat Institute

۽ هٺ، تڪبر، ڏاڍائي ۽ اقتدار جي خواهش پيدا ڪئي آهي. جنهن ڪري انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي پيدا ٿيڻ ۾ رنڊڪون پونديون رهيون آهن. ان جي نقصانڪار نتيجن کي گهٽائڻ لاءِ مذهبن کي دخل ڏيڻو پيو، ۽ رهبانيت، فقيري، ساڌو پڻو وغيره ان جا علاج ڏسيا ويا.

## (٦) جهڳڙي ۽ اڳرائيءَ جي جبلت:

ماڻهو گوشت خور ۽ سبزي خور جانور آهي. پيا اڪثر جانور يا سبزي خور ٿين ٿا يا گوشت خور. ان ڪري ماڻهوءَ ۾ گوشت خور ۽ سبزي خور، ٻنهي جانورن جون صفتون سمايل آهن. ولرن ۽ ڌڻن ۾ رهڻ جي عادت سبزي خوريءَ ڪري پيدا ٿي اٿس، ۽ توريءَ ڳالهه تي اشتعال ۾ اچي تشدد جو استعمال ڪرڻ، سنجهس گوشت خوريءَ جو ورثو آهي. ان خواهش جي ڪري هو جهڳڙا ۽ اڳرايون ڪري ٿو، ۽ ان کي ڏاڍ جوانيءَ ۽ همت جي نالن سان سڏي ٿو. ڏاڍن جو هيڻن کي ستائڻ، جنگجو يا طاقتور قبيلن جو هيڻن تي تسلط قائم ڪرڻ، سرمائيداري ۽ سامراج انهيءَ خواهش جي پيداوار آهن. ڪن مذهبن ان کي نقصان ده سمجهي، سبزي خوريءَ ۽ اهنسا جي تعليم ڏني. ڪن ان کي قطري حقيقت سمجهي، ان مان فائدو حاصل ڪرڻ گهريو. اڃا تائين ماڻهو ان خواهش مان پيدا ٿيل خرابين مان جان ڇڏائي نہ سگهيا آهن.

انسان جي ذهني ارتقا ۽ مذهبن جي انهيءَ مختصر تاريخ جي احوال معلوم ڪرڻ بعد باخبر ۽ اهل نظر صاحبن کي پتو پئجي سگهندو تہ مذهبن جي ابتدائي عقيدن، رسم رواجن ۽ ڪريا ڪرمن جي شروعات ڪهڙن سببن ڪري ٿي، ۽ اهي آهستي ٿي، موجوده منظم مذهبن جي درجي تي ڪهڙيءَ طرح پهتا. جيڪڏهن ذڪر ڪيل احوال جو مزيد اختصار ڪري پيش ڪبو، تہ هينيان نتيجا مرتب ٿي سگهندا:

Gul Hayat Institute

(۱) موجوده مذهبي عقيدن جي شروعات انسان جي وحشاني دور جي خوف ۽ خطري جي حالات ۾ پيدا ٿيل وهمن سان ٿي.

(۲) انهن خطرن جي ٽارڻ لاءِ جي طريقا ايجاد ڪيا ويا، تن ابتدا ۾ جادوءَ جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن مطابق انهن موهوم غيبي طاقتن جي تسخير ۽ رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ علاج سوچيا ويا.

(۳) موجوده عالمگير يا ثانوي مذهبن، جهڙوڪ عالمگيرمذهب هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، عيسائيت ۽ اسلام، ۽ ثانوي مذهب جين ڌرم، زردشتي دين، يهودي مذهب، چين جي تائوزم ۽ ڪنفيوشش جي مت، جپان جي شنتوئزم ۽ ٻين سڀني مذهبن مٿي ذڪر ڪيل اوائلي دور جي پيدا ٿيل عقيدن، رسم رواج ۽ ڪريا ڪرمن جي مواد مان گهڻو ڪجهہ قبوليو آهي.

(۴) مادي، فلڪياتي ۽ ساهہ وارين شين جي روحن جو اعتقاد، طاقتور غيبي طاقتن جي تسخير يا رضامندي لاءِ قرباني ڪرڻ، ڪين ڪاڏي جون شيون آڇڻ، ڪن لفظن جي آچارڻ ۾ تاثير هئڻ جو ويساهہ، ڌوپ ساڙڻ، ڌاڳا ۽ تعويذ ڪرڻ، پاڪ ۽ پليت يا سياڻين ۽ نياڻين طاقتن جا عقيدا سڀ قديم ۽ وحشاني دور جا ورثا آهن.

(۵) جديد منظم مذهب سڀ گذريل پنجن هزارن ورهين کان پوءِ جي ايجاد آهن.

Gul Hayat Institute

(٦) موجوده سماجي قانونن جي کوجنا بعد پتو پوندو تہ انهن لاءِ گهڻو مواد بہ قديم وقت جي قبائلي دستورن مان ملي سگهندو.

(۷) موجوده مذهبن جي اخلاقي قانون جي کوجنا ڪبي، تہ ان ۾ بہ ڪي جزا قديم قبائلي دستورن جا ملي سگهندا.

(۸) مذهب، ڪثرت پرستيءَ (خدائن جي ڪثرت) جي عقيدي سان شروع ٿيا، ۽ پوءِ نمورتيءَ، دوئيءَ ۽ توحيد تي پهتا.

(۹) اوائلي مذهبن جو خدائن بابت تخيل هو ته هو خوفناڪ هئا. مهربان خدائن يا مهربان خدا جو تخيل بعد جو آهي.

(۱۰) جديد عقلي ۽ قياسي علمن ۽ سائنس جي فروغ بعد سيني مذهبن جي عقيدن، شريعتي قانونن، عبادتن وغيره جي نظام جي افاديت گهٽجي ويئي آهي.

(۱۱) دنيا جي ارتقائي قانون (Law of Evolution) موجب (جنهن کي قرآن دين فطرت سڏيو آهي)، هي سڀ مذهب هڪبئي پٺيان يا هڪبئي سان گڏوگڏ ترقي ڪندا ۽ بدلبا پئي آيا آهن.

(۱۲) جديد منظم مذهبن جي بانين ۽ ان جي شارحن پڻ اڳوڻن عقيدن، دستورن، ڪريا ڪرمن (عبادتن)، وهمن، رسمن ۽ رواجن، روايتي ڳالهين ۽ ماڻهن جي توهمات ۽ جذبات کي مدنظر رکي، هر زماني جي بدليل حالتن، وقتي تقاضائن، بدليل معاشري جي ضرورتن ۽ مڪاني دستورن مطابق، تجربي ۽ غور و فڪر بعد، انهن ۾ تبديلي پئي آندي آهي، ۽ نيون ڳالهيون داخل پئي ڪيون آهن.

(۱۳) فوق‌العقل علم ۽ الهامي معلومات جي دعوي جو هڪ ڪارڻ ماڻهن تي سردست پيغام جي اهميت جو اظهار هو.

جهڙيءَ طرح ڪٽنب گڏجي، قبيلا بنجي، پوءِ قومن جي صورت اختيار ڪن ٿا، يا جيئن مڪاني ايراضيون ملي، ضلعا ٿي، صوبا بنجي، ملڪن جي شڪل وٺن ٿا، اهڙيءَ طرح سان مختلف قبيلن جي قديم عقيدن، روايتي دستورن، ڏندڪٿائن، ڪريا ڪرمن (عبادتن)، رسمن ۽ رواجن گڏجي، ڪجهه نون اضافن سان، عالمگير مذهبن ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي. مذهبن جي بنيادي پيدائش جا محرڪ جذبا خوف ۽ اميد آهن، جن سان رنج ۽ خوشي، غلط ۽ صحيح، عارضي ۽ دائمي عقيدن جا مسئلا پيدا ٿيا. پر جهڙيءَ طرح خود علم ۽ سائنس تي جدا جدا حڪيمن، عالمن ۽ سائنسدانن، هڪ حد تائين،

Gul Hayat Institute

جدا جدا نظريا ۽ رايا ظاهر ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪائنات جي پيدائش، روحن جي وجود، حيات بعدالممات، ڪرمن جي جزا ۽ سزا، خوشي ۽ رنج (بهشت ۽ دوزخ)، زندگيءَ جي مقصدن ۽ سردان تي ۽ هر هڪ پيغمبر، حڪيم، رشي، فيلسوف پنهنجو نقطهٔ نگاهه پيش ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح اخلاقي اصولن ۽ معاشري جي سماجي ڳالهين سان وابسته معاملن کي به جدا جدا مذهب جي بانين حالتن جي تقاضائن مطابق پئي بدلايو آهي. جيئن ته اڳتي هلي اهي مذهب سندن شارحن ۽ پوئلڳن جي ڪوشش سان جدا نظام بنجي پيا، تنهنڪري مذهب جي بانين کي مجسم اخلاق ۽ معصوم ڄاڻي، انهن جي انڌي تقليد ڪرڻ جي تلقين ڪئي ويئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته هر هڪ نبيءَ طرفان پيش ڪيل مذهبي تعليم کي بنا چون چرا جي مڃڻ جو رواج عام ٿي ويو، ۽ ڪيترن معاملن ۾ انهن مسئلن تي عقل جي دخل اندازيءَ کي ناجائز ٺهرايو ويو.

ڪجهه زماني گذرڻ بعد مذهبي جماعتن جا پڙ، قبيلن، قومن ۽ ملڪي حڪومتن جي نظامن وانگر، مستقل مفاد بنجي پيا، ۽ جيئن طاقتور قومون ڪمزور قومن مٿان قابض ٿي ساسراج بنجن ٿيون، تيئن طاقتور مذهبي جماعتون به ننڍين مذهبي جماعتن کي پاڻ ۾ ضم ڪري، نظرياتي ۽ سماجي ساسراج بنجيو پون. تفاوت انهن جي وچ ۾ اهو آهي ته ملڪي ساسراج قومي تعداد، جنگي قوت، پيسي ۽ ملڪي نظام جي لياقتن جي آڌار تي ننڍين ملڪي حڪومتن تي مختلف بهانن سان قابض ٿين ٿا، ته مذهبي جماعتون وري تبليغ (پروپيگنڊا)، جهاد ۽ بدليل حالتن مطابق جديد خيالن جو اضافو ڪري، طاقتور ۽ عالمگير بنجن ٿيون.

هر هڪ اهڙي عالمگير مذهب جي پوئلڳن ۽ شارحن جي دعويٰ اها رهي آهي ته انسانذات جي جملي مسئلن جو حل، مشڪلاتن کان نجات ۽ آخرت جو ڇوٽڪارو صرف سندن مذهبن وسيلي حاصل ٿيڻ وارو آهي. حق ۽ صداقت جي هڪ - هٽي (Monopoly) وٺن

Gul Hayat Institute

محفوظ آهي. ٻين مذهبن وارا گمراهه، دشت، ڪافر، اينٽي - ڪرائيسٽ هئڻ ڪري، جهنم ۾ وڃڻ وارا هئا. نجات يا بهشت جي ٺيڪيداري صرف سندن مخصوص مذهبن جي پيروئن کي هئي. ليڪن سندن اهي دعوائون مبالغ آميز ۽ غلط هيون. اهڙن خيالن ڪري مذهب دنيا ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻڻ جي عيوض نفاق، فساد ۽ باهمي اختلافن پيدا ڪرڻ جا ڪارڻ بنيا آهن.

---

Gul Hayat Institute

# فصل ٻيو

## مذهب جي پيدائش جا ڪارڻ
## ۽ ان جي جوڙجڪ جا جزا

مذهب جي تاريخ جي سلسلي ۾ مختصر طور ٻڌايو اٿم ته ماڻهن جي وحشيانه دور ۾ سنجهن مختلف شين بابت ڪي ڊپ ۽ وهم ويهي ويا هئا، جن جي بنياد تي هنن ڪي عقيدا، دستور، رسم رواج ۽ ڪريا ڪرم قائم ڪيا، جن تي اڳتي هلي جادوءَ ۽ مذهب جي تعمير ٿي.

انهن ابتدائي عقيدن ٽيڻين قسمن جي صورت اختيار ڪئي— جن جي مختصر تشريح اڳتي پيش ڪئي ويندي:

(١) سماجي وجودن، عنصرن، مادي شين، جانورن، ماڻهن ۽ انهن جي چند خواهشن ۾ روح، آتما يا جوهري نفس هئڻ جي عقيدي جو اسرڻ.

(٢) انهن جي غضب ۽ ڪاوڙ کان بچڻ يا ڪائنڻ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ قربانين، پوڄا پاٺ، ڪريا ڪرمن ۽ ٻين اهڙين رسمن ۽ رواجن جو پيدا ٿيڻ.

(٣) ڪن شين ۽ جانورن جي سياڳي ۽ نياڳي يا پاڪ ۽ پليت هئڻ جي عقيدي جو بنياد پوڻ.

Gul Hayat Institute

(ع) سياويڪ ٻڌين يا جبلتن جـي تقاضـا موجب پيدا ٿيل خواھشن تي ضابطي رکڻ لاءِ ڪن اخلاقي قانونن، دستورن ۽ عقيدن جو رائج ٿيڻ.

(١) **روحن بنسبت عقيدو:-** جيئن مٿي ظاهر ڪري آيو آهيان، ماڻھن کي لکن ورهين جي تجربي، وهم ۽ خيال بعد اهو عقيدو ويهي ويو ته سج، چنڊ، سيارن، نکتن، آسمان، بادلن، وڄ، سمنڊن، دريائن، تلاون، جبلن، وڻن، جانورن، ماڻهن ۽ انهن جي پنهنجي ڪن خواهشن جهڙوڪ: نفساني خواهش، نشي جي حالت وغيره ۽ سندن ڪن صفتن جهڙوڪ: طاقت، حسن، وغيره کـي روح هئا. انهن ساں گهڻن کي مختلف ملڪن ۽ قومن ۾ جدا جدا نالن سان منسوب ڪيو ويو. ماڻهن کي اهو وهم يا خيال ويهي ويل هو ته هرڪا شيءِ هڪ لڪل طاقت جي سهاري هلي رهي هئي، جنهن کي هو ان جو روح يا آتما سڏڻ لڳا. انهيءَ ساري مسئلي تي مختلف قومن جي مٿالاجي (علم‌الاصنام يا ديو مالا) پري پيئي آهي، جنهن مان انهن جي ابتدائي وهمن ۽ عقيدن جو پتو پوي ٿو. ديوين ۽ ديوتائن، پرين، ملائڪن، جنن ۽ ديون، شيطانن ۽ اهڙن ٻين منحوس ۽ مسعود روحن جا قصا ۽ ڪهاڻيون انهيءَ تخيل جي پيداوار آهن.

(٢) **انهن طاقتن جي تسخير يا راضپو:** انهن طاقتن جي وهم ۽ خيال ابتدائي دور جي ماڻهن کي خوفزده ۽ مرعوب بنائي ڇڏيو هو، هنن ٻه طريقا اختيار ڪيا هئا: (الف) جادوءَ جو، ۽ (ب) مذهب جو؛ جن ٻنهي طريقن جا مقصد ماڻهن کي انهن نحس ۽ سعد طاقتن جي نقصان ۽ خطري کان بچائڻ ۽ انهن کي پنهنجي فـائدي لاءِ ڪم آڻڻ هئا ــ جيتوڻيڪ استعمال جا ڍنگ ٻنهي طريقن جا ڪيترين ڳالهين ۾ جدا جدا هئا.

جادوءَ انهن طاقتن کي تسخير ڪرڻ، رضامند بنائڻ ۽ سندن نحوست يا بدبختيءَ جـي ٽـارڻ لاءِ ڪـي رواج ۽ ٽوٽڪا ايجاد ڪيا، جهڙوڪ: ماڻهو يا جانور ڪهي (قرباني ڪري)، ان جو رت مکيه جاين

تي هارڻ، گوشت کي چيئن يا ڪن خاص طرفن تي رکڻ، ان جي هڏن، گوشت ۽ وارن وغيره کي ساڙي هيڏانهن هوڏانهن دونهون ڏيڻ، وغيره؛ ڪن لفظن جي ڪيترا دفعا اچارڻ ۾ تاثير ڄاڻي، انهن کي ڪن ڪن جاين تي ليڪا ڪڍي پڙهڻ سان، چنڊ، سيارن، جنن، ديون، شيطانن کي قبضي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ؛ بيماريءَ جي حالت ۾ جنن کي ڪڍڻ لاءِ (ڇاڪاڻ ته بيماريءَ جو مکيه ڪارڻ انهن جي ناراضگي يا دشمني سمجهبي هئي) بيمار کي مارون ڏيڻ، داغ هڻڻ يا ڏاڀا وٺي، انهن تي منتر پڙهي، شوڪاري، ڳنڍيون ڏيئي، ٻڌڻ؛ ڪاڌي جون شيون جهڙوڪ ميوا، ڪچو گوشت، گل، پن وغيره، روحن کي پهچائڻ لاءِ ڪن خاص جاين تي رکڻ، ۽ ٻيا اهڙا سوين جادو جنتر منتر ايجاد ٿيا ۽ ڪم ۾ آيا، جن جو احوال جادوءَ جي ڪتابن يا عالمن طرفان ڪيل کوجنائن مان پئجي سگهي ٿو. خاص ڪري سر جان فريزر جي ڪتاب "گولڊن بو" * ۾ ان مسئلي تي عمدي کوجنا ڪيل آهي.

اوائلي مذهبي عقيدن، دستورن ۽ رسمن، ۽ جادوءَ جي مٿي بيان ڪيل طريقن ۾ تمام ٿورو تفاوت هو، سواءِ هن ڳالهه جي، ته جادوءَ وارن وانگر غيبي طاقتن کي مطيع بنائڻ، ڊيڄارڻ يا رشوت ۽ اٽڪل بازيءَ سان ريجهي ريبي ٺارڻ جي عيوض، مذهب جا طريقا انهن کي ميڙمنت ڪري ۽ انهن جي چاپلوسي ۽ خدمت چاڪري ڪري انهن کي رضامند ڪرڻ جي حق ۾ هئا. مذهب جي طريقن انسان ۾ گهڻي قدر بي وسيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي جذبن کي فروغ تي ڏنو، ۽ جادوءَ انسان ۾ گهڻي قدر پنهنجي همت، طاقت ۽ لياقت تي ڀروسي پيدا ڪرڻ جو ڪم تي ڏنو. بهرحال اوائلي عقيدن جو بنياد جنهن صورت ۾ ڊپ جي آڌار تي هو، تنهنڪري جادو ۽ مذهب جي رسمن ۽ دستورن ۾ ڪو گهڻو تفاوت نه هو. قربانيءَ جو دستور ٻنهي وٽ هو.

* هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو چئن جلدن ۾ "جادو ۽ سائنس" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي ۽ شايع ٿي چڪو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪن لفظن جي تاثير ۾ ٻنهي جو اعتقاد هو. روحن يا غيبي طاقتن کي ڪاڏي آڇڻ جو رواج ٻنهي وٽ جاري هو. ڏا ڳڻ، منترن ۽ وظيفن ۾ پڻ ٻنهي کي ويساهہ هو. ٻنهي مان ڪهڙو طريقو پهريائين پيدا ٿيو ۽ عمل ۾ آيو، ان بابت اختلاف راءِ آهي. پر ڪيترن ماهرن جو رايو آهي تہ مذهب کان جادو قديم آهي. انهن جي ابتدائي ڪارڻن ۽ سدباب لاءِ طريقن جو مفصل ذڪر اسان جي ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي. انهيءَ بابت سائنسدانن ۽ عالمن طرفان ڪافي کوجنا ٿي رهي آهي. عمرانيات، ۽ فوڪ لور، فوڪ ڪسٽمس، ۽ ديومالا جي علمن ان مسئلي تي ڪافي معلومات ميسر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

**(۳) سياڳين ۽ نياڳين شين جو عقيدو:** مذهبن جي تاريخ ۾ ذڪر ٿي آيو آهي تہ هزارن ورهين جي تجربن بعد، ڪيئن ماڻهن جي جدا جدا قبيلن ۾ مختلف شين، جانورن وغيره جي سيا ڳي ۽ نيا ڳي هئڻ بابت وهم ويٺا هئا. ان سان، غور ڪرڻ بعد، پتو پئجي سگهندو تہ ترقي يافتہ مذهبي عقيدن جي شروعات اتان ٿئي ٿي. پهريائين سڀ شيون، جانور ۽ روح خوفناڪ ۽ نقصانڪار شمار ٿيندا هئا. ٿورو ئي پوءِ، ڪي شيون، جانور ۽ روح سيا ڳا شمار ٿيڻ ۾ آيا، جنهن سان خوف سان گڏ اميد جو بہ مذهب جي محرڪ جذبي ۾ اضافو ٿيو. هنن ڪثير طاقتور هستين جي هنن ٻن گروهن ۾ ورهاست، اڳتي هلي، دوئيءَ جي ترقي يافتہ خيال جو بنياد وڌو، جنهن جي آڌار تي پاڪ ۽ پليت، غلط ۽ صحيح، فائديمند ۽ نقصانڪار، خوشي پهچائيندڙ ۽ رنج ڏيندڙ قوتن جي تخيل جي شروعات ٿي، ۽ جادوءَ کان مذهب جي علحده شمار ٿيڻ جو بنياد پيو.

**(۴) چڙواڳ فطري خواهشن تي ضابطي جا دستور:** مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ جانورن وانگر ماڻهن ۾ بہ ڪي سياويڪ ٻڌيون يا جبلتون قدرت طرفان وديعت ٿيل هيون، جن جي ذريعي هو زندگيءَ جي وسيلن جي حصول، نسل جي قائم رکڻ، پاڻ بچائڻ، نقصانڪار شين کان دور رهڻ، زيب زينت ۽ اقتدار جي حصول لاءِ

ڪوشش ڪري سگهيا ٿي. رواجي طرح اهي خواهشون، فطري هئڻ ڪري، انفرادي دائري ۾، بي ضرر هيون، پر ماڻهو جنهن صورت ۾ وڳرن ۾ رهڻ واري قسم جي حيوانن (Gregarious animals) مان هو، تنهنڪري جڏهين هن انهن خواهشن جي پورائي جماعتي زندگي جي بنيادي مفادن يعني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي خلاف ڪرڻ گهري ٿي، تہ سندس اهي خواهشون باهمي نفاق، بدامنيءَ ۽ نتيجتن گڏيل تباهيءَ جو ڪارڻ بنيون ٿي. ان ڪري، هزارن ورهين جي تجربن بعد، مختلف قبيلن انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪي دستور ۽ رواج قائم ڪيا، جن اڳتي هلي، جماعتي زندگيءَ جي نظام ۽ امن ۽ آسودگيءَ لاءِ، قومن ۽ مذهبن طرفان پيش ٿيندڙ قانونن ۽ ضابطن واسطي بنيادي مواد ميسر ڪيو.

مذهب جي پيدائش جي ڪارڻن جي ايتري مختصر ذڪر ڪرڻ بعد، هاڻ آءٌ مذهبن جي ترڪيبي اجزا (جوڙجڪ جي جزن) تي روشني وجهڻ جي، پنهنجي سمجهہ آهر ڪوشش ڪندس.

جيتري قدر مون غور ڪيو آهي تہ مذهبن جي تعليم ۽ عمل جا هيٺيان مکيہ صيغا يا جزا معلوم ٿيا اٿم:

۱. ڪائنات جي پيدائش ۽ روحن وغيره جي بابت عقيدا يا معلومات، جنهن کي الاهيات جو صيغو سڏي سگهجي ٿو.

۲. اخلاق، نفس ۽ علم سان واسطو رکندڙ اصولن جو صيغو، جنهن کي طريقت جي نالي سان شمار ڪري سگهجي ٿو.

۳. مذهبي رسومات، ڪرياڪرم ۽ عبادات جو صيغو.

۴. سماجي دستورن ۽ قانونن جو صيغو، جو عام طور شريعت يا فقهہ جي نالي سان مشهور آهي.

جيئن تہ هي احوال مذهب جي بنيادي شعبن تي روشني وجهڻ جي مراد سان لکيو وڃي ٿو، تنهنڪري ان تي ذرا وڌيڪ تفصيل سان بحث ڪندس، جيئن پڙهندڙن اڳيان ان ساري مسئلي جو پس منظر پيش ٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

## ١- لاهيات جو صيغو

مذهب جي هن صيغي جي وسيلي هيٺين ڳالهين تي روشني پوي ٿي:

(الف) ڪائنات جي پيدائش ۽ ان جي مختلف حصن جي معلومات.

( ب ) روحن جي وجود، ابتدائي پيدائش، تسلسل ۽ انتها جو علم.

( ج ) خلقت جي رٿا ۽ مقصدن جي تحقيق.

( د ) جسم ۽ روح جو باهمي رابطو ۽ ان جو نتيجو.

( ه) غيبي طاقتن جي ڪوجنا ۽ ان جو علم.

## (الف) ڪائنات جي پيدائش ۽ ان جي مختلف حصن جي معلومات

هن ڪي هيٺين ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي، انهن تي مختصر روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس:

(١) فلڪيات جي پيدائش ۽ نظام جو علم:

(٢) ساهه وارين شين جي پيدائش ۽ ارتقا جو علم، ۽

(٣) ماڻهن جي پيدائش ۽ ارتقا جو علم.

Gul Hayat Institute

## (١) فلڪيات جي پيدائش ۽ نظام جو علم:

جيتريقدر منهنجي ناقص علم ماں مون کي معلوم ٿي سگهيو آهي، دنيا جي موجوده عالمگير يا ثانوي مذهبن جي بانين هن علم طرف ڪو خاص توجهه نه ڏنو آهي. سندن ڪتابن ۾ ان وقت جي هيئتدانن جي ڪوجنا ڪيل معلومات جي بنا تي ڪي ناقص حوالا ڏنل آهن. هندستان، وچ مشرق، يونان، مصر ۽ چين جي قديم هيئتدانن

ان مسئلي تي، سندن وسائل آھر، ڪجهہ روشني برابر وڌي آھي؛ ليڪن جديد سائنسي ايجادن سبب ان مسئلي تي جا معلومات ميسر ٿي سگهي آھي، ان اڳوڻي معلومات مان ڪيترين ڳالهين کي غلط ثابت ڪيو آھي ۽ ڪن ۾ اضافو ڪيو آھي. اها دعويٰ تہ مذهب جي بانين يا انهن جي ڪتابن مان ان مسئلي متعلق ڪجهہ بہ صحيح پتو پئجي سگهندو، سواءِ جهالت ۽ ضد جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آھي، ڇا، قران شريف ۾ ڏنل هڪڙي مثال ڇتين وانگر ستن آسمانن جي ذڪر کي هن وقت ڪا اهميت ڏيئي سگهبي؟ تنهنڪري اهو علم سائنسي تجربي جي بنا تي مذهبن جي دائري کان خارج ٿي، سائنس جي حوالي ٿي چڪو آھي.

(٢) ساهہ وارين شين جي پيدائش ۽ ارتقا جو علم:

هن مسئلي تي بہ جملي مذهبن جي بانين ۽ مذهبي ڪتابن مان ڪا مفصل روشني پئجي نٿي سگهي. ان مسئلي تي بہ علم الارضيات، علم الحيات، علم الانسان ۽ ٻين ڪيترن علمن، جا اڄڪلهہ روشني وڌي آھي، ان جي آڌار تي صاف ظاهر ٿي چڪو آھي تہ هن مسئلي تي مذهب وسيلي ڪنهن بہ روشني پوڻ جو خيال ئي خام آھي.

(٣) ماڻهن جي پيدائش ۽ ارتقا جو علم:

ماڻهن جي پيدائش بنسبت مذهبن طرفان ٻہ مکيہ نظريا پيش ٿيا آھن: (i) مغربي مذهبن جو نظريو ۽ (ii) مشرقي مذهبن جو نظريو.

مغرب جي جديد مکيہ مذهبن ۾ زيانزم (يهوديت)، ڪرسچئنٽي (عيسائيت) ۽ اسلام شمار ڪيا وڃن ٿا. انهن ٽنهي مذهبن مطابق خدا سائينءَ ڪائنات ستن ڏينهن ۾ پيدا ڪري، مٽيءَ مان آدم جو بوتو پنهنجي صورت تي ٺاهي، ان ۾ ساهہ وڌو. جملي انسانذات ان جي اولاد مان پيدا ٿي. ان کي گذرئي ٧٥٠٠ ورهيہ ٿيا آھن. ان کان اڳ ماڻهو ڪونہ هئا. هيءُ نظريو جديد سائنسي معلومات جي بنا تي غلط ۽ فضول ثابت ٿي چڪو آھي. ماڻهوءَ جي پيدائش جا

Gul Hayat Institute

دنيا ۾ لکيا ورهين کان آثار ثابت ٿي چڪا آهن. هن وقت سواءِ ڪنهن ۽ جاهل ماڻهوءَ جي ٻيو ڪوبہ ان نظريي جي صداقت ۾ اعتبار ڪونہ ٿو رکي.

مشرقي مذهبن ۾ مکيہ مذهب هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم هئا، جن ان مسئلي تي ڪجهہ روشني وڌي آهي. انهن جي چوڻ مطابق ماڻهو هن زمين تي ڪروڙها ورهين کان رهندو آيو آهي. جا ڳالهہ موجوده سائنسي معلومات سان ٺهڪي اچي ٿي. پر انهن بہ ماڻهن جي بنيادي پيدائش ۽ ارتقا تي، سواءِ ڏندڪٿائن ۽ ڏڪن جي، ڪا خاطرخواه معلومات پيش نہ ڪئي آهي.

جديد سائنسي معلومات ان معاملي ۾ جملي مذهبن کان وڌيڪ، مستند ۽ تجرباتي حقيقتن جي بنياد تي، ڪي نظريا پيش ڪيا آهن، جي جيتوڻيڪ آخري ۽ مڪمل شمار ڪري نہ سگهجن، تہ بہ مذهبن جي پيش ڪيل نظرين کان بهتر آهن. تنهنڪري ان علم کي مذهبن جي دائري کان خارج ڪري، جديد سائنس جي حوالي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونہ آهي. ان سلسلي ۾ علم الارضيات، علم الاثار، علم الحيات ۽ علم نسل انسانيءَ سنجهان مذهبن کان وڌيڪ معلومات ملي سگهي ٿي.

## (ب) روحن جي وجود، ابتدائي پيدائش، تسلسل ۽ انتها جو علم

Gul Hayat Institute

هن مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ان کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي، ذڪر ڪندس:

(١) روحن جي وجود جو عقيدو، ۽
(٢) روحن جي ابتدائي پيدائش، تسلسل ۽ انتها جو علم.

(١) روحن جي وجود جو عقيدو:

روحن جي جسم کان علحده وجود جو عقيدو نهايت پراڻو آهي

ان جي شروعات ماڻهن جي وحشيانه دور جي وهمن ۽ عقيدن کان ٿئي ٿي. جديد قياسي ۽ سائنسي علمن گهڻن قديم عقيدن کي، تجربي ۽ عقل جي بنياد تي، غلط ثابت ڪيو آهي. ليڪن هيءُ نسي مسئلو آهي، جنهن جي پوري معلومات اڃا حاصل نه ٿي سگهي آهي. ان بابت اڃا تائين قرآن ۾ ڏنل جواب ٺهڪي اچي ٿو.

"قل الروح من امر ربي وما اوتيتم من العلم الا قليلا."

پيغمبر صلعم کي چيو ويو آهي ته ماڻهو توکان روح بابت سوال پڇن ٿا، 'انهن کي جواب ڏي ته روح خدا جي اسرار مان هڪ آهي؛ ان جي اوهان کي تمام ٿوري خبر پئجي سگهندي.'

اوائلي دور ۾ روح جي وجود جو اطلاق گهڻين شين ۽ هستين تي ڪيو ويندو هو، ليڪن آهستي آهستي ٿي، ان جي وجود جي حيثيت صرف غيبي طاقتن، جهڙوڪ ملائڪن، شيطانن، جنن، ديون، ماڻهن ۽ جانورن جي جداگانه روحن تائين وڃي محدود رهي آهي. هن وقت جا اڪثر مذهب سج، چنڊ، تارن، سيارن، جبلن، وڻن، زمين، سمنڊن، دريائن جي روحن ۾ ويساهه نٿا رکن — جيتوڻيڪ خود انهن مذهبن جي قديم ديومالا اڃا تائين انهن شين جي روحن جي قصن ڪهاڻين سان ڀري پيئي آهي. ممڪن آهي ته سائنس جي وڌيڪ کوجنا بعد، ان جي موجوده تعداد ۾ اڃا به گهٽتائي ٿئي.

اها حقيقت آهي ته اهو عقيدو موجوده مذهبن جي پيدائش کان گهڻو اڳاٽو آهي. جديد مذهبن به ان بابت ڪي نظريا قائم ڪيا آهن. جديد سائنس به انهن جي وجود کان قطعي انڪار جو ڪو موثر ثبوت پيش ڪري نه سگهي آهي. تنهنڪري اڃا تائين ماڻهن جو ڪثير تعداد روحن جي ازلي ۽ ابدي وجود جو قائل آهي.

(٢) روحن جي ابتدائي پيدائش، تسلسل ۽ انتها جو علم:
وحشاني دور جي ماڻهن ۽ قديم مذهبن ۾ روحن جي پيدائش ۽ تسلسل حيات بابت عقيدن تي عالمن طرفان کوجنا ٿي رهي آهي. ممڪن آهي ته ان تي مستقبل قريب ۾ ڪافي معلومات ميسر ٿي وڃي. ليڪن هن وقت روحن جي پيدائش ۽ حيات بعدالممات بابت هيٺيان

چار نظريا سروج آھن :

(i) مغربي مذھبن جو نظريو، (ii) مشرقي مذھبن جو نظريو، (iii) ويدانت ۽ وحدت الوجود جو نظريو، ۽ (iv) مٽيريلزم (دھريت) جو نظريو.

**(i) مغربي مذھبن جو نظريو:** مٿي ذڪر ڪيو اٿم تہ مغربي مذھبن مان منھنجو مطلب يھوديت، ڪرسچئنٽي ۽ اسلام آھن، — تن جو ان مسئلي تي چوڻ آھي تہ الست واري ڏينھن خدا سائينءَ سڀني روحن کي خلقي عالم ارواح ۾ محفوظ رکيو، جتان ھرھڪ روح پنھنجي مقرر ميعاد لاءِ انساني جسم ۾ اچي، زندگي گذاري، وفاتيءَ بعد عالم برزخ ۾ رھڻ وارو ھو، جتان قيامت جي ڏينھن ڪيس واپس بدن ۾ آڻي، سندس عملن جي حساب ڪتاب بعد، ان کي سندس عملن جي نتيجي مطابق بھشت يا دوزخ ۾ موڪلڻو ھو. ان عقيدي مطابق، روح ابتدا کان مفرد (ھڪ ھڪ جدا) خلقيل ھئا، ۽ ڪروڙھا ورھيہ عالم ارواح ۾ گذاري، ھتي عارضي عرصي لاءِ رھي، پوئتي موٽڻ وارا ھئا.

**(ii) مشرقي مذھبن جو نظريو:** مشرقي مذھبن مان منھنجي مراد ھندو ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم آھي، — انھن جي راءِ مطابق بہ روح مفرد ھئا. انھن جي پيدا ٿيڻ جو وقت مقرر ٿيل نہ ھو. روح ۽ مادو ابدي ۽ ازلي ھئا. ڪروڙن ورھين کان روح، ڪرمن جي ڦل مطابق، جدا جدا جوڻين يا حياتين ۾ ڦرندا رھن ٿا. پھرين جمادات، پوءِ نباتات، پوءِ حيوانات ۾ جنم وٺي، تجربو حاصل ڪري، ترقيءَ بعد، ماڻھوءَ ۾ جوڻ وٺن ٿا، جتي ڪرمن جي ڦل مطابق جدا جدا جوڻين جي چڪر ۾ ڦرندا رھن ٿا، جتان آخر ۾ چڱن عملن ۽ حاصل ڪيل تجربي جي ترقيءَ بعد نرواڻ پد ۾ نجات حاصل ڪري، سنسار جي جوڻين واري چڪر کان ٻاھر نڪرڻو اٿن. ان کان پوءِ ڪٿي، ڪيڏانھن ۽ ڪھڙيءَ صورت ۾ ويندا، ان بابت چٽائيءَ سان ڪجھہ نہ چيل آھي.

**(iii) ويدانت ۽ وحدت الوجو جو نظريو:** اھي ٻہ نالا ھندن ۽ مسلمانن جا استعمال ڪيل آھن. درحقيقت انسان جي مھذب

Gul Hayat Institute

۽ ويدانتيءَ روح ۽ مادي کي هڪ ذات جون ٻه صفتون ٿي سمجهيو.

## (ج). خلقت جي رٿا ۽ مقصدن بابت تحقيق:

ڪائنات جي هر شيءِ جي پيدائش ۽ نظام بابت ٻه نظريا مروج آهن:

پهريون، ڪائنات هڪ رٿا (Plan) موجب پيدا ٿيل ۽ هلندڙ آهي، ۽

ٻيو، ڪائنات جي پيدائش ۽ نظام حادثن جو محتاج آهي. پهرئين نظريي جي حمايت آئيڊيلزم (عينيت يا روحانيت = Idealism) جو فلسفو ڪري ٿو. ٻئي نظريي جي حمايت مٽيريلزم (دهريت = Materialism) جو فلسفو ڪري ٿو. سڀيئي عالمگير مذهب پهرئين نظريي جا حامي ۽ معتقد آهن.

پهرئين نظريي ۾ ويساهه رکڻ بعد سوال اٿي ٿو ته رٿا آن جي ٺاهيندڙ ۽ هلائيندڙ قوت کان سواءِ نه تيار ٿي ۽ نه هلي سگهي ٿي. تنهنڪري سڀ مذهب آن رٿا جي ٺاهيندڙ ۽ هلائيندڙ طاقت ۾ ايمان رکن ٿا، ۽ ان کي خدا، ايشور، گاڊ (God) وغيره نالن سان منسوب ڪن ٿا.

مذهبن ۾ خدا جي وجود بنسبت ٽي تخيل مروج رهيا آهن:

(۱) شخصي خدا (Personal God) جو تصور.

(۲) غير شخصي خدا (Impersonal God)، جو تصور.

(۳) قياس، گمان ۽ وهم کان مٿي خدا - (God beyond imagination) جو تصور:

خدا جي انهن ٽن تصورن تي مختصر روشني وجهڻ لاءِ هر هڪ تصور جي جدا جدا تشريح ڪندس.

### (۱) شخصي خدا جو تصور:

انسانذات جي اوائلي زماني ۾، جڏهن ماڻهو اجا وحشيانه زندگي

Gul Hayat Institute

گذاريندا هئا ۽ سندن ذهن ناقص ۽ ناپختا هئا، ماڻهن هر طاقتور شي کي خدا ڪري ورتو، جنهن ۾ سماوي وجود جهڙوڪ سج، چنڊ، نکٽ، سيارا هڪ طرف هئا، ته ٻئي طرف عنصري قوتون جهڙوڪ هوائون، باهه، پاڻي، زمين هيون، ۽ ٽئي طرف غيبي طاقتون جهڙوڪ روح، ديوتائون، ديويون، جن وغيره شمار ڪيا ٿي ويا. ازانسواءِ طاقتور جانور، ماڻهو، جادوگر، مذهبي رهبر به ان ۾ شامل هئا. انهيءَ تصور جي ارتقا ۾ چار دور شمار ڪيا وڃن ٿا:

(i) خدائن جي ڪثرت جو دور.

(ii) خدائن جي ٻن گروهن ۾ ورهاست جو دور، ۽

(iii) خدائن جي تثليث (تموورتيءَ) جو دور.

(iv) هڪ خدا جي تصور جو دور.

**(i) خدائن جي ڪثرت جو دور:** اهو خدا جي تصورن جو نهايت قديم دور آدي. اهو به هزارن بلڪ لکن ورهين جي مختلف درجن مان گذريو ٿو ڏسجي. انهن ۾ منهنجي ڄاڻ مطابق هيٺيان درجا گذريا آهن —

الف — جانورن ۽ طاقتور ماڻهن جي خدائي تصور جو درجو، جن ۾ شينهن، رڇ، گينڊا، واڳون، نانگ، وغيره جانور ۽ طاقتور ماڻهو خدا جي صفتن سان شمار ٿيندا هئا.

ب — عنصري قوتن جي خدائي تصور جو درجو، جن ۾ جبل، سمنڊ، دريا، بادل، وڻ، باهه، زمين وغيره خدائي طاقت جي صفتن سان موصوف ڪيا ويا.

ج — فلڪيات جي قوتن جي خدائي تصور جو درجو، جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا، نکٽ وغيره خدا يا خدائن جي حيثيت ۾ شمار ٿيڻ لڳا.

د — غيبي طاقتن ۽ روحن جي خدائي تصور جو درجو، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل هر مادي شيءِ کي روح، آتما يا جوهري

Gul Hayat Institute

نفس سان موصوف ڪري، انهن جي جسمن عيوض انهن جي روحن کي خدائي قوتن سان منسوب ڪيو ويو. ان زمري ۾ جانورن جا روح، بادشاه، جادوگر، پيغامبر، سمنڊن ۽ جبلن وغيره جا ديوتائون، ۽ سج، چنڊ، تارن وغيره جا ديوتا شمار ڪيا ٿي ويا، جن جي قصن ۽ ڪهاڻين جو احوال قديم ديومالا (Mythology) مان ملي ٿو.

انهيءَ دور ۾ هر هڪ قبيلي ۽ ملڪ جو خدا علحده هو. جڏهن قبيلا گڏجي قومن جي صورت وٺڻ لڳا، ته انهن جي مندرن ۾ هر هڪ قبيلي جي نمائنده خدا جي تصوير يا نشان رکيو ويندو هو. انهيءَ دور جي اڪثر ديوتائن جو تصور خوفناڪ هوندو هو.

**(ii) شخصي خدائن جي ٻن گروهن ۾ ورهاست جو دور:**

اڳتي وڌي، جڏهن انسان ذات ٿوري ذهني ترقي ڪئي، ته خوفناڪ صفتن وارن خدائن کان علاوه هنن کي همدرد ۽ طرفدار خدائن جو تصور به ذهن ۾ ويٺو. اول ۾، ان تصور خدائن جي ڪثرت ۾ ڪمي ڪانه آندي، پر ان کي صرف ٻن گروهن ۾ ورهايو — هڪڙا خوفناڪ ۽ ظالم خدا يا ديوتائون ۽ ٻيا همدرد ۽ رحمدل خدا يا ديوتائون شمار ٿيڻ لڳا. آهستي ٿي، ان تصور ترقي ڪري، مادي تصور کي ترڪ ڪري، باطني صفتن سان خدائن کي موصوف ڪيو. ”دوئي“ ان جو ترقي يافته تصور هو. اهرمن ۽ اهرمزد ان جي پيدائش هئا.

**(iii) شخصي خدائن جي تثليث (ٽمورتي) جي تصور جو دور:** اهو خدا جي شخصي تصور جو ”دوئيءَ“ کان وڌيڪ ترقي يافته تصور جو دور هو. گهڻن خدائن جي دور ۾ سڀ خدائون خطرناڪ ۽ نقصانڪار شمار ڪيا ويندا هئا. ان کان پوءِ چڱن ۽ مٺن خدائن جي تصور، ڊپ سان گڏ اميد به پيدا ڪئي، ليڪن اهي طاقتون هڪٻئي جي مخالف برسر پيڪار سمجهيون وڃن ٿي، جن ۾ ڪنهن به سمجهوتي جو امڪان ڪونه هو. تثليث جي

نظريي انهن پنهي مخالف گروهن کي ٽئي جي ذريعي گڏڻ جي ڪوشش ڪئي. ان مطابق خدا کي ٻن صفتن، يعني خطرناڪ ۽ رحمدل، جي عيوض، ٽن صفتن سان موصوف ڪيو ويو — (۱) پيدا ڪندڙ (۲) پاليندڙ ۽ (۳) فنا ڪندڙ — يا اهڙي قسم جون ٻين ٻالن سان ٽي صفتون. هندو مٿالاجيءَ ۾ برهما، وشنو، شو، مصري مٿالاجيءَ ۾ اوسيرس، آئيسس، هوروس، ۽ عيسائي عقيدي موجب فادر، فرزند ۽ روح‌المقدس، انهيءَ خدا جي تثليث واري شخصي تصور جي پيداوار آهن.

**(iv) هڪ خدا جي شخصي تصور جو دور:** شخصي خدا جي تصورجو هيءَ سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ تخيل هو، جنهن مطابق سڀ طاقتون ۽ صفتون هڪ خدا ۾ ڪٺيون ڪيون ٿي ويون. الاه ( Eloh, Elohim ) ايشور، جيهووا، ( Jehovah ) وغيره نالا انهيءَ تصور جي پيداوار آهن. ليڪن هيءَ ڳالهہ صاف سمجهي ڇڏڻ جي لائق آهي تہ خدا جا اهي چار ئي تصور شخصي ۽ مادي هئا. غير شخصي (Impersonal) خدا جو تصور بعد جو آهي. توريت، انجيل، قرآن ۽ ويدن ۾ انهيءَ قسم جي خدا کي ٻہ شڪل، رهڻ جي جڳهہ ۽ ٻين انساني صفتن سان موصوف ڪيو ويو آهي.

## (۲) غير شخصي خدا جو تصور

Gul Hayat Institute

خدا جي غير شخصي تصور جو تخيل غير جسمي، روحاني، جوهري ۽ منتزع يا مجرد (Abstract) بنياد تي ٻڌل آهي. اهو خيال عالمگير يا ثانوي مذهبن جي ابتدا ۾ چند راسخ‌العلم ماڻهن تائين محدود هو. بعد ۾ جڏهن انهن مذهبن جي شارحن جو واسطو مهذب ملڪن جي قياسي علمن سان ٿيو، تہ انهن يونان جي فيلسوفن، ۽ مصر، عراق، ايران ۽ هند جي قياسي ۽ روحاني عالمن جي دليلن جي آڌار تي، پنهنجي پنهنجي مذهبن جي اصلاحي دور ۾، ان کي نظريي طور پيش ڪيو.

ان تي وڌيڪ بحث ڪرڻ کان اڳ بهتر آهي تہ
۽ "جوهر" جي ڪجهہ تشريح ڪئي وڃي.

**جسم (مادو) جي مختصر تشريح:** فيلسوفن جسم هيءَ تشريح ڪئي آهي تہ جا شيءِ پنجن حواسن، يعني ڏسڻ، ڇهڻ، ٻڌڻ، چکڻ ۽ سنگھڻ جي ذريعي سان معلوم ٿي سگهي، ۽ زمان، مڪان ۽ اسباب جي دائري ۾ اچي سگهي، سا جسم يا مادو آهي. جسم کي ابتدا ۾ هنن پنجن عنصرن، جهڙوڪ: باھ، پاڻي، هوا، زمين ۽ آڪاش ۾ ورهايو هو، جن جو تعداد هاڻ وڌي وڃي ٧٢ تائين پهتو آهي. جيئن تہ هيءَ سمجهاڻي عام ماڻهن لاءِ نہ آهي، ان ڪري زمان، مڪان ۽ اسباب جي تشريح نٿو ڪريان، ڇاڪاڻ تہ اهل علم کي پتو آهي تہ معنيٰ ۽ مفهوم جي هن دائري ۾ زمان، مڪان ۽ اسباب ڇا کي ٿو چئجي.

**جوهر (روح يا آتما).** "جوهر" جي فيلسوفن اها تشريح ڪئي آهي تہ جا شيءِ پنجن حواسن ذريعي معلوم نہ ٿي سگهي، ۽ زمان، مڪان ۽ اسباب کان ٻاهر هجي، اها جوهري نفس، روح يا آتما آهي. هتي هي ٻڌائڻ ضروري آهي تہ مٽيريلسٽ فيلسوف ۽ سائنسدان ان جوهري نفس يا روح جي جدا گانہ وجود ۽ ان جي حيات بعدالممات تسلسل ۾ اعتماد نٿا رکن، بلڪ هو ان جي جداگانہ وجود کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوشنائون ڪري رهيا آهن. ليڪن دنيا ۾ اڃا تائين عالمن، درويشن ۽ سنتن جو ڪثير تعداد ان جي وجود جو قائل آهي، ۽ اهڙيءَ طرح سان آهي خدا جو تصور بہ انهن بنيادن تي ڪن ٿا.

هاڻي آءٌ خدا جي غير شخصي تصور تي بحث ڪندس.

خدا جي هن تصور ۾ مڃيندڙ ان کي لامڪان، لازمان ۽ اسبابن (Causation) کان مٿي، رنگ ۽ روپ کان پاڪ، هر جاءِ تي هجندڙ، محيط، قادر مطلق سمجهن ٿا. ان تصور مطابق، خدا هڪ

پويان وحدت جو خيال انهيءَ تخيل جي پيداوار آهي. ان مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

۱- جسم ۽ روح پيئي هڪ ئي ذات جا مظهر معلوم ٿين ٿا. شاه عبداللطيف عليہ‌الرحمة فرمايو آهي:

پڙاڏو سو سڏ، ور ورائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پڏڻ ۾ ٻہ ٿيا.

۲- انسان ذات جي وحدت ۾ اعتبار رکڻو پوي ٿو، بلڪ ان کي هڪ جسم جا عضوا ڪري شمار ڪجي ٿو. شيخ سعدي عليہ‌الرحمة ان حالت کي مدنظر رکي، فرمايو آهي تہ:

بني آدم اعضاي يڪديگراند، ڪہ در آفرينش زيڪ جوهراند،
چويڪ عضو بدرد آورد روزگار، دگر عضوها را نماند قرار،
توڪز محنت ديگران بيغمي، نشايد ڪہ نامت نهند آدمي.

[يعني — انسانذات هڪ جسم جي عضون مثل آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ ئي جوهر مان نڪتل آهي. دستور آهي تہ بدن جي هڪ عضوي کي جيڪڏهن ايذاءُ رسي ٿو، تہ ٻين عضون ۾ بي چيني رهي ٿي. تون جي ٻين ماڻهن جي درد غم کان بي پرواهہ آهين، تہ انسان سڏائڻ جو ئي لائق نہ آهين.

۳- ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهيءَ جي حمايت ۾ سنڌ جو بيدل فقير عليہ‌الرحمة سنڌس "وحدت نامي" ۾ فرمائي ٿو تہ:

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪفر ۽ ايمان،
مظهر مولا پاڪ جي، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري.

۴- ڪائنات جي خلقت ۾ (Plan) رٿا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. قرآن

Gul Hayat Institute

شريف جا لفظ انجو ثبوت ڏين ٿا: "ما خلقت هذا باطلا" — معنيٰ 'ڇا، هي سارو مانڊاڻ بنا ڪنهن رٿا ۽ مقصد جي بنايو ويو آهي!' درويشن ان رٿا کي "منشاي ايزدي"، "قانون قدرت" (قانون ارتقا) جي نالن سان منسوب ڪيو آهي. عشق ۽ پريم (Power of Integration) جو ٻيو نالو ان کي ڏنو اٿن.

۵- انسانذات جي خلقت ۾ ڪي بنيادي مقصد مضمر ڏسجن ٿا، جنجي تشريح ۾ هيٺين ٽن مقصدن کي پيش ڪيو ويو آهي: (الف) اتحاد انساني، (ب) امن عالم، (ج) ترقي بني آدم. مسلمان صوفين قرآن مان هيٺيون آيتون انهيءَ نقطہ نگاہ جي ثابتيءَ ۾ پيش ڪيون آهن:

لاالله الاالله — ذات حقيقيءَ کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي جدا وجود نہ آهي.

انالله و انا اليه راجعون — اسان خدا جو مظهر آهيون، اسانجو ملجا ۽ ماويٰ (Destination) اهو آهي.

و في انفسکم افلا تبصرون — شاہ صاحب انجو ترجمو هن طرح ڪيو آهي:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پهي!
و في انفسکم افلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانہ وهي، ڪا هوت ٻولڻ هٿ تي.

## (د) جسم ۽ روح جو باهمي رابطو ۽ ان جو نتيجو:

آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ قديم زماني کان ماڻهن جي گهڻي تعداد جسم ۽ روح کي ٻہ جدا وجود پئي تسليم ڪيو آهي. جملي مذهبن، فلسفن، قديم اعتقادن ۽ علمن جي اڪثريت انجي قائل رهي آهي. سنجهن تفاوت صرف هي هو تہ هڪڙن روح کي اهميت ڏني ٿي، ٻين جسم کي. ٻنهي جي رابطي بنسبت پڻ مذهبن جا جدا جدا نظريا

Gul Hayat Institute

آهن. هڪڙن عالم ارواح سان روح جي عارضي طرح جسم ۾ اچي، وري مختلف درجن سان گذري، دائمي وطن موٽي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي — جيئن تہ مغربي مذهبن. مشرقي مذهبن روح جي جسم سان مسلسل رابطي جو خيال پيش ڪيو آهي. هنن جي راءِ موجب ساڳيو مفرد روح گذشتہ ڪرمن جي قل موجب جسم بدلائيندو رهي ٿو. ليڪن، ٻنهي جي راءِ مطابق، بهرحال ساڳئي روح کي مختلف جسمن ۽ درجن مان گذري، وري دائمي جڳهہ طرف وڃڻو آهي. دنياوي جسم جا رابطا سڀ انجا عارضي آهن.

## (هہ) غيبي طاقتن جي کوجنا ۽ ان جو علم:

زماني قديم کان ماڻهن غيبي طاقتن جي جداگاني وجود ۽ هستيءَ ۾ پئي اعتبار رکيو آهي. جديد عالمگير ۽ ثانوي مذهبن بہ انهن جي وجود کي ٿوري گهڻي انداز ۾ قبوليو آهي. قديم مٿالاجين انهن کي صورت ۽ سيرت سان منسوب ڪري، انهن بابت قصا پيش ڪيا آهن. جديد سائنس انهن جي وجود کان انڪار ڪيو آهي. زياده کان زياده، هوءَ انهن کي مختلف عنصري طاقتن، جهڙوڪ بجليءَ، جوهري توانائي (Atomic energy) مسموم هوائن، وچڙندڙ بيمارين وغيره سان تعبير ڪري ٿي.

Gul Hayat Institute

مٿي ڄاڻايل احوال مان معلوم ٿيندو تہ مذهب جي الاهيات واري صيغي تي، مذهبن جي چند نظرين جي باوجود، جا بہ معلومات ميسر ٿي آهي، انکي آخري ۽ مڪمل سڏي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪن فيلسوفن يا سائنسدانن طرفان انهن مسئلن کي عقل ۽ تجربي جي بنا تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تہ مذهبي عالم انهن کي فوق العقل ۽ الهامي مسئلا قرار ڏيئي، جان ڇڏائين ٿا. ازانسواءِ مذهبي نظامن جي مستقل مفاد بنجڻ سبب، هن دائري ۾ هر هڪ گروهہ پنهنجي پنهنجي دعويٰ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ليڪن سيني مذهبن ۾ ڪي اهڙا بہ راسخ العلم بزرگ ٿيندا

آيا آهن، جن مذهب جي هن صيغي جي سمورن نظرين ۽ معلومات کي قانون ارتقا مطابق سدائين غور، فڪر ۽ کوجنا لاءِ کليل سمجهي، ان تي فڪر ۽ کوجنا پئي ڪئي آهي.

## ٢- مذهب جو اخلاق، نفس ۽ ذهن سان واسطو رکندڙ صيغو (طريقت)

مذهب جي هن صيغي جو هيٺين ڳالهين سان واسطو رهي ٿو:

(الف) اخلاق (صحيح عمل).

(ب) نفس (جذبات).

(ت) ذهن (عقل ۽ علم).

### (الف) اخلاق يا صحيح عمل.

مذهب جي طريقت واري صيغي ۾ اخلاقي دوستيءَ کي اهم حيثيت حاصل آهي. نہ رڳو موجوده عالمگير ۽ ثانوي مذهبن ۾، پر ماڻهن جي وحشيانہ ۽ جهالت جي زماني ۾ مروج قبيلائي مذهبن ۾ بہ ان کي خاص مقام مليل هو. سڀ کان پهرين سوال اٿندو تہ اخلاق يا اخلاقيات ڇا آهي؟ ان مسئلي تي اڄڪلهہ سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن. انگريزيءَ ۾ ان کي (Ethics) سڏجي ٿو. ان تي مفصل بحث ڪرڻ يا روشني وجهڻ اسان جي هن مضمون جي دائري کان ٻاهر آهي. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ اخلاق عمل جي صحيح طريقي کي سڏجي ٿو.

پوءِ سوال اٿندو تہ عمل جي صحيح طريقي جا معيار ڪهڙن بنيادن تي مقرر ڪري سگهجن ٿا، ۽ ان جي تعليم، تربيت ۽ تعميل لاءِ ڪهڙا رستا اختيار ڪيا ويا آهن. جيتري قدر مون ان مسئلي تي غور ڪيو آهي، تہ ان جو لب لباب هيٺين سوالن جي تشريح منجهان ملي سگهي ٿو:

(١) اخلاق جا محرڪ جذبا (Incentives) ڪهڙا آهن.

Gul Hayat Institute

(۲) ان جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن.

(۳) آيا، اخلاقي دستورالعمل دائمي ۽ بيٺل آهن يا وقتائتا ۽ ترقي پذير.

## (۱) اخلاق جا محرڪ جذبا (Incentives):

اخلاقيات جي عالمن هي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايا آهن: هڪڙي ڀاڱي جو بنياد روحاني يا اعليٰ جذباتي خيالن تي رکيو اٿن، ۽ ٻئي ڀاڱي جو بنياد باهمي مفاد جي آڌار تي قائم ڪيو اٿن. پهرئين ڀاڱي مذهبي اخلاقيات جو بنياد وڌو، ۽ ٻئي ڀاڱي جديد قومي اخلاقيات جو بنياد وڌو.

## (۲) اخلاق جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن:

شخصن، قومن ۽ انسانذات جو اتحاد، امن ۽ ترقي ان جا بنيادي اصول آهن.

## (۳) آيا، اخلاقي دستورالعمل دائمي ۽ بيٺل آهن يا وقتائتا ۽ ترقي پذير:

جيڪڏهن تاريخي نقطہ نگاہ سان ان مسئلي تي نظر ڪبي، تہ معلوم ٿيندو تہ اخلاقي دستورالعملن جي تعمير ۾ ٻہ رجحان ڪم ڪندا آيا آهن: مذهبي رجحان ۽ قبيلائي رجحان.

پهرين رجحان جي ڪري آهستي آهستي ٿي، ننڍن ننڍن قبيلن جا مذهب گڏجي وڏن مذهبن ۾ مدغم ٿيا، تہ انهن مذهبن جا اخلاقي دستورالعمل گذشتہ مذهبن جي روايات، بدليل حالتن جي تقاضائن ۽ قياسي علمن جي اثرن هيٺ تعمير ٿي، وجود ۾ آيا، جن انهن وڏن مذهبي نظامن جي تعمير ۾ گهڻو حصو ورتو. اهڙيءَ طرح سان هندن، ٻڌن، ڪرستانن ۽ مسلمانن جي شريعتن وجود ورتو. دنيا جي چئن عالمگير مذهبن، جيڪي اخلاقي قانون مرتب ڪيا، سي ڪي سمورا نوان

نہ ٿاهيا هئائون. هندن جي منوسمرتي پڙهڻ بعد معلوم ٿيندو، تہ ان جو بنياد قديم قبيلائي قانونن جي بنا تي، نئين حالتن جي مدنظر، ڪجهہ اضافن سان، وڌو هئائون. ٻڌن جي اخلاقي قانون کي عقلي دليلن تي ٻڌو ويو، ليڪن ان جو عمل ۾ اچڻ مشڪل ثابت ٿيو. ڪرستانن سرڳو رومن قانون اختيار ڪيو. مسلمانن قديم قبيلائي عرب جي دستورالعمل کي، حسب ضرورت ترميم ڪري، ڪتب آندو.

سڀني مذهبن ۾ اخلاقي قانونن جي تعميل جا ٻہ طريقا اختيار ڪيا ويا:

۱- اخلاقي ڏوهہ ڪيءَ، سزا جي وسيلي دٻائي، مستقبل ۾ روڪڻ جو طريقو (Curative).

۲- تبليغ ۽ تربيت وسيلي، ماڻهن کي ماڻهپو سيکاري، مهذب (ڪلچرڊ) بنائي، رضاڪارانہ طور ڏوهہ ڪان روڪڻ جو طريقو (Preventive).

مذهب ۾ طريقت جي صيغي جو واسطو ٻئي طريقي سان آهي. ان کي دفاعي يا انسدادي طريقو بہ سڏي سگهبو. جيئن تہ ان جو واسطو صحيح تعليم ۽ تزڪيہ نفس سان آهي، ان ڪري ان جو ذڪر اڳتي انهن عنوانن هيٺ ڏبو. اخلاقي قانون جي تعميل جو پهريون طريقو مذهب جي شريعتن سان واسطو رکي ٿو؛ ان جو ذڪر شريعتن جي عنوان هيٺ پيش ڪبو.

ٻئي رجحان جي ماتحت قبيلن جا اخلاقي دستورالعمل گڏجي قومن جي اخلاقي دستورالعملن جي اوڃي جو ٽاڃي پيٽو تي، ڪم آيا، جن اڳتي هلي ملڪن جي قديم روايات، بدليل معاشري، ملڪي ۽ قومي مفاد جي مدنظر، قومي اخلاقن جا دستورالعمل تيار ڪيا.

انهيءَ پس منظر سان معلوم ٿي سگهندو تہ اخلاقي دستورالعمل، مذهبي خواه قومي، وقت بوقت تبديل ٿيندا آيا آهن، ۽ امڪان اهو آهي تہ، قانون ارتقا جي تقاضائن مطابق، اهي آئنده بہ معاشري جي تبديليءَ ۽ ملڪي تقاضائن ۽ ضرورتن مطابق ترقي پذير تبديلي ڪندا رهندا.

Gul Hayat Institute

۽ خودفريبيءَ جھا نفسياتي مرض پيدا ٿين ٿا، جنھن ڪري معاشرو زھرناڪ ٿيو پوي.

### (٢) نفس لوامہ:

ھي انساني نفس جي ترقي يافتہ حالت آھي، جنھن ۾ عقل ۽ تجربي جي بنا تي مختلف ڳالھين جي وچ ۾ تميز پيدا ٿئي ٿي. ماڻھو خودمطلبيءَ ۽ اپڪاريءَ، نفاق ۽ اتفاق، نفرت ۽ محبت، ھنسا ۽ اھنسا، ھٺ ۽ نھٺائيءَ، ڪيني ۽ صاف دليءَ، تعصب ۽ رواداريءَ، خود فريبيءَ ۽ صحيح سڃاڻپ جي وچ ۾ تفاوت معلوم ڪري، ٻنھي جي نفعي نقصانن کان واقفيت حاصل ڪري ٿو. ان جي بنياد تي اخلاقي قانون ٺاھيا وڃن ٿا. پر نفس جي ان درجي تي پھچڻ سان ئي اخلاقيات جا معاملا حل ٿي تہ ٿا وڃن. رڳو تميز ڪافي نہ آھي، پر ان سان گڏ صحيح عمل جي قوت پيدا ٿيڻ ضروري آھي، جا صرف صحيح تربيت ۽ تزڪيہ نفس سان حاصل ٿي سگھي ٿي، جنھن لاءِ اھل تصوف ھيٺيان طريقا ڏسيا آھن: گروءَ يا مرشد جي صحبت ۽ ست سنگ؛ صحيح علم جي واقفيت؛ عبادت، ذڪر، راڳ ۽ غور فڪر؛ ۽ عشق و محبت گروءَ يا مرشد جي صحبت ۽ صحيح علم جي سلسلي ۾ ھتي ڪجھ وضاحت پيش ڪرڻ مناسب ٿيندي. عبادت ۽ عشق بابت پنھنجا ويچار، مذھب جي صيغہ عبادت جي عنوان ھيٺ اڳتي پيش ڪندس.

**گروءَ يا مرشد جي صحبت ۽ ست سنگ:** قديم زماني کان سڀني مذھبن جي صاحب طريقت گروھ ۾ اھو طريقو رائج رھيو آھي. اجا تائين لکين ماڻھو مختلف گرن، سنتن، مرشدن، پيرن، فقيرن، مانڪس (Monks)، راھبن ۽ ڀڪشن وغيره جا پوئلڳ ۽ صحبتي رھندا اچن ٿا.

ليڪن ھن وقت جي حالت ھيءَ آھي تہ تمام ٿورا ماڻھو انھن ادارن مان مستفيد ٿي سگھيا آھن، ڇاڪاڻ تہ اڪثر اھي اداريا بہ، شريعتي ادارن وانگر، مستقل مفاد (Vested Interests) ٿي پيا آھن.

Gul Hayat Institute

هڪ قول مطابق، "او کہ خود گم است، کرا رهبری کند!" انهن ادارن جون بہ گروه بنديون ٿي پيون آهن. انهيءَ رستي سان گهڻن ماڻهن جو نہ تزڪيہ نفس (اندر جو اوجر) ٿي سگهيو آهي، نہ اخلاق درست ٿيو آهي، ۽ نہ صحيح تعليم ۽ تربيت حاصل ٿي اٿن. اها حالت اڄڪلهہ جي ڪانہ آهي، بلڪ گهڻي وقت کان اها قحط الرجالي هلندي اچي ٿي، جنهن ڪي ڏسي هڪ درويش گهڻو وقت اڳ چيو هو تہ:

"حريفان بادها خوردند و رفتند، تهي خمخانها کردند و رفتند"

[معني – راهہ عشق جا ساٿي منڌ جا پيالا پي ۽ پياري هليا ويا، هو اهي ميخانا خالي ڪري هليا ويا.]

شاهہ لطيف عليہ الرحمت بہ ان حالت کي ڏسي چئي ڏنو تہ:

ويا سي وينجهار هيرو لعل وندين جي،
تنين سندا پوئيان شيهي لهن نہ سار،
ڪٿين ڪت لهار تنين سندي پيٽين!

هاڻي اچو تہ 'مرشد جي اداري' (Institute)، ان جي فرائض ۽ ضرورت تي بحث ڪريون.

**مرشد جو ادارو:** جيئن قياسي ۽ تجرباتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ شاگردن کي ورهين جا ورهيہ مختلف علوم تي تعليم حاصل ڪرڻي پوي ٿي، تيئن صحيح روحاني تعليم، تزڪيہ نفس ۽ اخلاقن جي درستيءَ لاءِ بہ، گهڻي وقت کان مختلف مذهبن جي طريقت جي صيغي وارن جا ادارا موجود پئي رهيا آهن، جن کي خانقاهون، آشرم، موناسٽريون (Monasteries) وغيره جي نالن سان سڏيو ويو آهي. انهن ۾ تصوفي (طريقت جي) مسئلن جي تعليم، تزڪيہ نفس (اندر اجارڻ) ۽ اخلاقن جي درستيءَ لاءِ تربيت ڏني ويندي هئي.

ليڪن اڳتي هلي، ڪجهہ وقت کان، اهي ادارا يا تہ بند ٿي

ويا، يا صرف چند وظيفن ، ذڪرن، عبادتن ۽ رياضتن تائين محدود ٿي ويا، يا ريا ۽ مڪر جا مرڪز بنجي، مستقل مفاد بنجي پيا، جنهن ڪري انهن مان اصل مراد ۽ مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا. آهستي آهستي ٿي ، ماڻهو گرن ، پيرن وغيره وٽ پٽن ، ملڪيت جي حاصلات، ۽ بيماريءَ ۽ مشڪلات کان نجات لاءِ دعا گهرڻ واسطي وڃڻ لڳا، ڇڻ تہ قدرت جي ساري ڪاروبار جي ڪنجي انهن جي هٿ ۾ هئي، ۽ هو سندن هر ڳالهہ محض دعا، ڪرامت ۽ آسيس سان پوري ڪري سگهيا ٿي. حالانڪ انهن ادارن جي بنسبت اهو تخيل ئي غلط هو. طريقت جي انهن ادارن جو انهن ڳالهين سان نہ واسطو هو، نہ قانون قدرت جي ڳالهين کي بدلائڻ جي ڪين قوت هئي. اهو اهڙو عقيدو هو، جهڙو وحشيانہ دور جي ماڻهن جو جادو گرن بابت هو. موجوده دور جا اڪثر پير، گرو وغيره نہ تصوف (طريقت) جي علم کان واقف آهن ۽ نہ صاحب اخلاق ۽ صاحب دل آهن. اهي سڀ ادارا ٺلهيءَ شيخيءَ ۽ بزرگيءَ جا اڏا بنجي پيا آهن. ذڪر، عبادتون، وظيفا ۽ مراقبا وغيره صرف رسم رواج بنيل آهن. انهن حالتن کي ڏسي، شاهہ باهو عليہ الرحمت فرمايو آهي تہ:

پڙهہ پڙهہ علم مشائخ سڏاون ڪرن عبادت دوري، هو۔
اندر جهڳي پئي لٽيوي، تن من خبر نہ موري، هو۔
مولا والي سدا سوکالي، دل تون لاهہ تڪوري، هو۔
"باهو" رب تنهان نون حاصل، جنهان جگ نہ
ڪيتي چوري، هو۔

**صحيح علم جي واقفيت:** ڪو وقت هو، جو ڪاليج جي پروفيسرن وانگر مرشدن جي هيٺين مسئلن ۾ مهارت لازمي سمجهي ويندي هئي: صحيح روحاني تعليم (طريقت) ۽ تزڪيہ نفس (اندر اجارڻ).

صاحب دل بزرگن ظاهر ڪيو آهي تہ صحيح تعليم اها آهي، جا اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم ڏي رهبري ڪري. تنهن

Gul Hayat Institute

ڪري صحيح گروءَ ۽ مرشد ٿيڻ جو اهو ماڻهو لائق ٿي سگهي ٿو، جنهن جي نگاهہ ۾ جملي انسانذات، بنا تميز مذهب، قوم، رنگ ۽ ڇڳي ڇٽي جي، هڪجهڙي هجي. شاهہ سائينءَ فرمايو آهي:

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

دوئي ۽ تعصب ان راهہ ۾ وڏيون رنڊڪون آهن. شريعتي نظامن وارن مذهبن جا دستور، جيڪي ان دوئيءَ ۽ تعصب جي پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جا وڏا سبب آهن، ان راهہ ۾ وڏيون رڪاوٽون آهن. بيدل فقير عليہ الرحمت فرمائي ٿو:

اکر ان دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا.

صوفيءَ لاءِ لاڪوفي هئڻ بنيادي شرط آهي.

**تزڪيہ نفس (اندر اجارڻ):** مرشد يا گروءَ جي ٻي وصف اها هئڻ گهرجي تہ هن وجود جو ورق ڪيني، نفرت، خود مطلبيءَ، تعصب، هٺ، هنسا ۽ خودفريبيءَ کان ڌوئي صاف ڪيو هجي. تڏهن ئي هو انهيءَ رستي تي ٻين جي رهبري ڪري سگهندو. تزڪيہ نفس جو اکر تہ هرهڪ اچاريندو رهي ٿو، ليڪن ان درجي جي سمجهڻ ۽ پهچڻ لاءِ ڪي ٿورا ڪوشش ٿا ڪن. ان تي پهچڻ سان ئي نفس اطمينان حاصل ڪري سگهي ٿو، ۽ جاءِ امن يا دارالسلام تي پهچي ٿو.

## (٣) نفس مطمئنہ:

نفس جي ٽن درجن جو ذڪر اڳي ڪري آيو آهيان — نفس اماره ۽ نفس لوامہ. ٽيون درجو نفس مطمئنہ جو آهي، نفس جي هن درجي تي پهتل ماڻهو ٻين جي صحيح رهبري ڪري سگهي ٿو. اهو درجو علم لدني يا گيان، عشق، ۽ صحيح عمل ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

کي نصيب ٿي، اهو نوازجي ويو. هڪ شاعر ان تي چيو آهي:

اين سعادت بزور بازو نيست، تا نہ بخشد خداي بخشنده.

[معني- اها ڳالهه زور، يا محنت ذريعي حاصل ٿي نہ ٿي سگهي؛ اها خدا جي ذات آهي جنهن کي هو بخشي!]

جيتوڻيڪ ان ڳالهه کان انڪار ڪج فهمي ٿيندي تہ هڪڙا ماڻهو غير معمولي ذهانت ۽ لياقت جا مالڪ آهن، ۽ ڪي صفا ڏڏ ۽ ڪند فهم ٿين ٿا؛ ۽ پهرئين قسم جا ئي ماڻهو آهن، جن طرفان مذهب، فلسفي، ۽ ٻين علمن جي مختلف نظرين جون ايجادون ٿيون آهن: ليڪن ڪيترن ماڻهن کي غير معمولي علم سان گڏ ڪن غير معمولي قوتن ۽ طاقتن جو مالڪ بہ شمار ڪيو ويو آهي، جا ڳالهه گهڻين غلط فهمين جي پيدا ٿيڻ جو سبب پئي ثابت ٿي آهي. آنهن سان اهڙيون مبالغ آميز ڳالهيون گڏي، انهن ماڻهن کي ڪرامتن، معجزن ۽ پيشينگوين جي لياقت رکندڙ ۽ غيب جي حقيقتن سان ملبوس بہ سمجهيو ويو. اهڙين ڳالهين ۾ اعتقاد رکڻ ڪري، ساري ڪائنات گويا چند شخصن جي هٿ وسيڪي ٿيو پوي، ۽ اهو اعتقاد قانون قدرت سان هڪ مذاق بنجيو پوي. اهي ئي خيال آهن، جن هر علم ۽ ڪاروبار تي پيغمبرن ۽ درويشن، پوپن ۽ مهاتمائن جي محيط ۽ قابض هجڻ ۽ ذاتي طور هر نقص کان پاڪ ۽ معصوم هجڻ جو عقيدو پيدا ڪيو. هر مذهب جي عالمن ۽ شارحن اهڙي قسم جي علم کي گهڻي اهميت ڏني آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ آنهن مخصوص غير معمولي ماڻهن جي ظاهر ڪيل راين کي مطلق حق سمجهيو ويو ۽ انهن تي نڪتہ چيني ڪرڻ غلط قرار ڏنو ويو، جنهن مان هڪ قسم جي ذهني ڊڪٽيٽري پيدا ٿي پيئي.

مذهبن جي باني، درويشن ۽ نظرين جي ايجاد ڪندڙن جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، ليڪن هر ڳالهہ ۾ انهن کي معصوم ۽ صحيح ڄاڻڻ ڪري، مذهب مخصوص گروهہ جي هڪ-هٽي (مونوپولي) ٿيو پوي، ۽ ان جي تشريح خاص انداز ۾ ڪري، عقل؛

تہ پھرئين قسم جو وھمي علم انسان جي وحشيانہ ۽ غير بلوغت واري دور جو هو. آهو موجوده دور جي معلومات مطابق فرسوده ثابت ٿي ويو آهي. پين ٿنهي علمن انساني معلومات ۾ ترقيءَ ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي. ليڪن ڪنھن ڪي بي خطا ۽ يقيني (In-fallible) سڏڻ قانون فطرت جي خلاف آهي. اهي سڀيئي علم ذريعا آهن، مقصد نہ آهن. تنهنڪري جھڙو الهاسي علم ڪي آخري ڄاڻ غلط ٿيندو تھڙو پين علمن ڪي بہ آخري ۽ بي خطا ڄاڻ ٽيڪ نہ ٿيندو. هرهڪ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي — "واٽون ويھہ ٿيون، ڪہ ڄاڻان ڪيھيءَ ويا!" پيغمبر، رشي، ولي، حڪيم، فيلسوف، شاعر بيشڪ ڏات وارا بزرگ هئا، پر هرهڪ جي اها ڏات بہ محدود دائري جي آهي. ٽيليويزن، ريڊيو، هوائي جهاز، جوهري توانائي، بجلي، ايڪس ري وغيره ٽاهڻ سندن ڪم نہ هو. تنهنڪري ملن، پنڊتن، پادرين طرفان اها دعوي ڪرڻ تہ سندن مذهبن مان هرهڪ مڪمل نظريہ حيات پيش ڪري ٿو ۽ انسانذات جي جملي مسئلن جو حل پاڻ وٽ رکي ٿو، اهو قانون فطرت جي خلاف ۽ محض مستقل مفادن جي هٿن ۾ ڪيڏڻ برابر ٿيندو.

دنيا، هزارن ورهين جي تجربي ۽ قياس بعد، هر شيءِ ۽ مسئلي ۾ نئين معلومات حاصل ڪئي آهي. ليڪن ڪڏهن بہ ان ڪي مڪمل ۽ حرف آخر سمجھڻ قانون ارتقا جي خلاف آهي. روزمرھ جي ڪارگذاري، ماحول جي وسائل، قديم معلومات جي ذخيري جي فراهمي، نين ضرورتن جي تقاضائن، تقابلي قياس آراين ۽ سائنسي تجربن ڪري ڏينهون ڏينهن نوان راز کلندا رهندا ۽ ماڻهو ترقي ڪندا ويندا. تنهنڪري مڪيہ مذهبن طرفان سندن علم جي مڪمل، صحيح ۽ آخري هجڻ جون دعوائون بنيادي طرح غلط ۽ خود فريبي ۽ مستقل مفاد جي قائم رکڻلاءِ استعمال غرضيءَ (Expolitation) جو هٿيار ئي ڄئي سگھجن ٿيون.

دنيا ۾ نظرين جي اختلافن، مذهبن جي هزارها فرقن، ۽ هر علمي ۽ سائنسي کوجنا بعد حاصل ٿيل نت نئينءَ معلومات جي باوجود،

اهل نظر انهن جي پويان بنيادي وحدت پرکي سگهن ٿا.

ڪنهن علم يا نظريي جو ڪمال ان ۾ آهي ته ان کي محدود ۽ مڪمل ڪيو وڃي، پر آهو، وهندڙ پاڻيءَ وانگر، پاڻ وٽ هر روز نون نياپن ۽ رازن جي معلوم ٿيڻ جو دروازو کليل رهڻ ڏئي، اهوئي ان جو ڪمال آهي.

ڪنهن به ماڻهوءَ، قوم ۽ مذهب کي حق نه آهي ته علم، عقل ۽ صحيح هدايت جي هڪ ـ هٽيءَ جي دعويٰ ڪري. ذات حق ۽ ان جو علم هڪ بحر بي پايان آهي، تنهن مان ماسو مال به پر ڪري سگهي ٿو. پر اهو ڪنهن جي، بنا شموليت ٻئي جي، ورثي ٿيڻ کان مٿي آهي.

البت اسان صحيح ۽ غلط علم لاءِ ڪي نشان معلوم ڪري، انهن سان اڳتي وڌي سگهون ٿا. منهنجي ناقص عقل موجب هيٺيون ڳالهيون صحيح علم طرف رهبري ڪري سگهن ٿيون:

(١) اتحاد انسانيءَ لاءِ ڪوشش.

(٢) امن عالم لاءِ جدوجهد.

(٣) انسانذات جي ذهني، نفسياتي ۽ جسماني ترقيءَ ۽ بهبوديءَ جو مطمح نگاه.

انهن ٽيني ڳالهين جي حصول لاءِ صحيح علم اهو آهي ته سواءِ عشق ۽ محبت جي ڪا به ڳالهه اوڏانهين رهبري ڪري نه سگهندي. محبت اتحاد آڻي ٿي. اتحاد مان امن پيدا ٿئي ٿو ۽ امن انساني ترقيءَ ۽ عافيت لاءِ ضمانت آهي.

تنهنڪري، هر اها ڳالهه، جا انسانذات جي وچ ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنجي،

هر اها ڳالهه، جا امن لاءِ فتني ۽ فساد جو باعث بنجي،

Gul Hayat Institute

هرا ها ڳالهه، جا مجموعي خوشيءَ، فلاح ۽ بهبوديءَ
۾ رڪاوٽ وجهي، ۽

هرا ها ڳالهه، جا شخصي ۽ عارضي نفعي کي مجموعي
۽ دائمي مفاد تي ترجيح ڏئي،—

سا غلط آهي: پوءِ ان کي مذهب، فلسفي، سائنس، خدا ۽ پيغمبرن جي نالي ۾ ئي ڇو نه پيش ڪيو وڃي.

## [۳] مذهبي رسومات، ڪرياڪرم ۽ عبادت جو صيغو

ٽيون مذهبن جو صيغو عبادتن، پوڄا يا پريئر (Prayers) جو آهي. ان ۾ ڪيئي قسم جدا جدا مذهبن طرفان ايجاد ڪيا ويا آهن. مذهبن جي تاريخ ۾ پڙهائي آيو آهيان ته ان جو رواج ماڻهن جي وحشيانه زندگيءَ کان پيل آهي. ابتدا ۾ ان جو مقصد ظالم غيبي طاقتن کي رضامند يا تسخير ڪرڻ جو هو، پوءِ آهستي آهستي تي جڏهين ماڻهن جي ذهني ترقيءَ ۾ واڌارو ٿيو، ته ان جا آخري مقصد وڃي هيئيان بيٺا:

(۱) خدا جو رضامندو،

(۲) تزڪيہ نفس،

(۳) سڪون قلب،

(۴) آخرت جو فائدو، ۽

(۵) گناهن کان ڇوٽڪارو.

عبادات، رسومات، ۽ ڪرياڪرمن جي مسئلي تي مفصل بحث چوٿين فصل ۾ ايندو. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد، جديد دور جي انسان لاءِ انهن ڳالهين جي اهميت گهٽجي ويئي آهي. خدا جي راضپي ۽ ناراضپي جو تصور ئي اهل نظر وٽ غلط آهي. خدا سائين انهن انساني صفتن کان مٿي ۽ ۽ پاڪ آهي.

Gul Hayat Institute

تزڪيہ نفس تي مٿي بحث ڪري آيو آھيان. ان مان پڙھندڙ فيصلو ڪري سگھندا تہ اھو طريقو ڪيتري قدر ڪارائتو ٿيو آھي.
تزڪيہ نفس جي واسطي عبادت ڪرڻ جو ھڪ فائدو اھو بہ بيان ڪيو وڃي ٿو تہ ان مان اندر آجري پوي ٿو، ۽ ماڻھو خدا، ۽ رسول، ۽ پيغمبرن، ولين، رشين جو ديدار ڪري سگھندو، ان مان، ٿوري غور ڪرڻ بعد، انھيءَ نقطہ نظر جي غلطي معلوم ٿي سگھي ٿي. خدا جو ديدار ٿيڻ ناممڪن آھي. ھو وھم، گمان، قياس، ۽ نظر ۾ اچڻ کان برتر ۽ بالا آھي. خواجہ حافظ شيرازي فرمايو آھي —

عنقا شڪار ڪس نشود دام باز چين،
ڪہ اين جا هميشه باد بدست دام را.

رسول صلعم جي ديدار جو سوال بہ ڪونہ ٿو اٿي سگھي. ھاڻي تہ ماڻھو ڪين خواب ۾ ڏسندو. پر ابوجھل ڪين روبرو ڏسي بہ راھہ ھدايت حاصل نہ ڪئي. رسول ڪي بہ ھڪ عام شخص سمجھي، سندن ڏسڻ مان سرور حاصل ڪرڻ مان ڪو خاص فائدو حاصل نٿو ٿئي. اھل تصوف جي نظر ۾ رسول مقبول ھڪ حقيقت آھي، جنھن ڪي رحمة اللعالمين سڏيو اٿن، جا حقيقت صرف امن عالم لاءِ ڪوشش ۽ جدوجھد ڪرڻ ذريعي حاصل ٿي سگھي ٿي.

عبادت وغيره جو ٽيون مقصد سڪون قلب چيو وڃي ٿو. اھا حقيقت آھي تہ ھن وقت بہ دنيا ۾ ڪروڙين انسان آھن، جي سالي تڪليفن، بيمارين ۽ ٻين طرح طرح جي مصيبتن ۾ مبتلا آھن، جن لاءِ عبادت نفسياتي طور گھڻي قدر تسڪين دل جو ڪارڻ بنجي ٿي. سائنسدان، فيلسوف ۽ دھريا ڪٿي ان کي آفيم جو نشو سڏين، پر اھا حقيقت آھي تہ ماڻھن جو ڪثير تعداد، ڪھڙن بہ سببن ڪري، اجا تائين ان جي افاديت ۾ اعتقاد رکي ٿو.

آخرت جي فائدي جي نقطہ نگاہ کان عبادت ڪرڻ اھل نظر وٽ صحيح نہ آھي. ازانسواءِ جنھن موھوم آخرت جو تصور ملا، پنڊت ۽ پادريءَ ڪي آھي، ان ۾ صوفيءَ جو اعتقاد ئي نہ آھي.

Gul Hayat Institute

مجھکو معلوم ہے جنت کي حقيقت ليکن ،
دل کے بہلانے کو "غالب" يہ خيال اچھا ہے ـ

عبادت گناهن کان ڇوٽڪارو وٺي ڏيندي، اهو هڪ نهايت نقصانڪار تصور آهي. انهيءَ تخيل ئي مذهب کي چور مارڪيٽن، سمگلرن، زانين، راشين، غاصبن وغيره جي جاءِ پناهہ بنائي رکيو آهي. اهو خيال تہ کهڙا بہ گناهہ ڪري، خدا جي عبادت ڪرڻ سان، انهن جي سزا کان معافي حاصل ڪري سگهبي، نهايت خطرناڪ خيال آهي.

ٻيا طريقا عبادت جا ذڪر، راڳ ۽ فڪر ڏسيا ويا آهن. ان لاءِ ڦيريون سوال اهو اٿندو تہ اهي سڀ ڇا لاءِ آهن؟ جي عارضي سڪون قلب حاصل ڪرڻ لاءِ آهن، تہ ٺيڪ آهي. پر ڪنهن وڏي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تہ، متي ذڪر ڪيل وحدت خيال ۽ عمل انساني جا ئي اصول مقرر ڪري، ان لاءِ انهن کي ذريعي طور ڪتب آڻيو آهي. شيخ سعدي عليه الرحمة فرمايو آهي تہ

دل بدست آور کہ حج اکبر است،
از هزار ڪعبہ يڪ دل بهتر است.

[معنيٰ ـ دلين کي رضامند ڪر، جو اهو ڪم حج اکبر برابر آهي؛ هزارن حجن کان هڪ دل راضي ڪرڻ وڌيڪ آهي.]

درويشن وٽ سچي عبادت محبت انساني آهي، جا عملي صورت ۾ خدمت خلق جي ذريعي مڪمل ٿي سگهي ٿي.

هاڻ سوال اٿندو تہ محبت ۽ عشق ڇا آهي؟ هيٺ ان بابت پنهنجي راءِ پيش ڪريان ٿو.

## محبت ۽ عشق جو رستو

جملي درويشن ، صوفين ، سنتن ، يوگين وغيره ان کي خاص اهميت ڏني آهي. ليڪن ڪيترا ماڻهو آهن، جن اِن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. هڪڙن فلسفي (عقل)

Gul Hayat Institute

ڪي مذهب جو روح سڏيو آهي، تہ بہ عشل ڪي. اسان جو سنڌي درويش فرمائي ٿو-

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.
(مصري شاھ)

ٻئي هنڊ شاھ باهو عليہ الرحمة فرمائي ٿو-

ايمان سلامت هرڪو ئي منگي عشق سلامت ڪوئي، هو-
منگن ايمان، شرماون عشقون، دل نون غيرت هوئي، هو-
جس منزل نون عشق پهچائي ايمان خبر نہ ڪوئي، هو-
ميرا عشق سلامت رکين "باهو" ايمانون ديان ڌوئي، هو-

عشق کي درويشن ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي، ان جو ذڪر ڪيو آهي: (١) عشق مجازي، ۽
(٢) عشق حقيقي—

جيتوڻيڪ آخري طور ٻنهي کي هڪ وڻ جي ٽاري، يا ڀهرئين کي پوئين ۽ منزل تي پهچڻ جي پل، چيو اٿن، جنهنڪري مولانا جاميءَ فرمايو آهي تہ

متاب از عشق رو گرچہ مجازي است،
ڪہ آن بهر حقيقت ڪارسازي است.

[يعني- عشق کان منهن نہ موڙ، جيتوڻيڪ مجازي هجي، ڇاڪاڻ تہ ان مان حقيقت جو پتو پوي ٿو.]

Gul Hayat Institute

## (١) عشق مجازي:

عشق مجازيءَ جي سمجهڻ ۾ اڪثر غلطي ڪئي ويئي آهي. رواجي طرح ان کي نفساني خواهش جي پوري ڪرڻ جي ڪشش يا ڪنهن واحد شخص جي محبت سان منسوب ڪيو ويو آهي. پر انهيءَ مسئلي ۾ اونهي نظر ڪرڻ بعد، پتو پوندو تہ خود عشق مجازي، جو جسماڻي ۽ دنياوي ڳالهين سان واسطو رکي ٿو، ان جا ٽي درجا مقرر ڪيا ويا آهن — جهڙوڪ: (١) فرد واحد جو عشق، (٢) قوم ۽ ملڪ

جو عشق، ۽ (٣) انسانذات جي محبت.

انهيءَ مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ عشق جي انهن ٽنهي درجن تي مختصر روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

فرد واحد جي عشق جي پيدا ٿين جا ڪارڻ ٽي ٿين ٿا: جنسي نفسياتي خواهش، ۽ طبيعتن جي هڪجهڙي هئڻ ڪري، رفيقِ حيات يا مونس جان جي خواهش، ۽ همخياليءَ جو جذبو ۽ احساس.

**جنسي خواهش:** ماڻهو ساهہ وارو جانور آهي، ۽ هر جاندار شيءِ کي پنهنجن بچاءَ ۽ نسل جي قائم رکڻ جي خـواهش قدرت طرفان وديعت ڪيل آهي. تنهنڪري مرد کي عورت ۽ عورت کي مرد لاءِ ڪشش ٿئي، تہ اها فطري خواهش آهي. ان ۾ نہ گناهہ آهي نہ عيب. گناهہ ۽ عيب ان حالت ۾ پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ان فطري خواهش جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪو فرد قبيلي، جماعت يا معاشري جا تسليم ڪيل دستورالعمل اورانگهي، ان کي اصلي مقصد، يعني مونس حيات ۽ نسل جي بقا جي ذريعي کان هٽائي، جانورن وانگر صرف نفساني مدِ پوري ڪرڻ لاءِ ڇڙواڳ هلائي، ۽ قبيلي، جماعت ۽ معاشري ۾ رخني پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنجي ٿـو. حقيقي طرح، ڪنهن همخيال، همنفس ۽ وفادار رفيق حيات ڳولڻ ۽ لهڻ جي تانگهہ، ڪي ئي صحيح شخصي عشق ڪوٺي سگهجي ٿو. ان ڪري ڪثرت کان نڪري وحدت طرف وڃڻ سان، آن کي اطمينان قلب جي سبب ۽ جماعتي زندگيءَ ۾ ڪارآمد بنجڻ جو موقعو ملي ٿو.

**ساٿي يا همنفس دوست:** ماڻهو ولر يا سنگت ۾ رهڻ وارو جانور آهي. تنهائي هن لاءِ وڏو عذاب آهي. ان ڪري اڄڪلهہ قيد تنهائيءَ کي سخت سزا سمجهيو وڃي ٿو. ليڪن هن وسيع عالم ۾، باوجود جماعت ۾ رهڻ جي بہ، ڪيترين ڳالهين ڪري ماڻهو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري ٿـو. تنهنڪري سچي دوست ۽ همنفس سنگتيءَ جي ساڻ کي عالمن ۽ اهل دل شخصن وڏي وٿ ڪري سمجهيو آهي. زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ کي گهڻن ماڻهن سان واسطو پوي

ٿو، جن ۾ شڪل شباهت جي خوبيءَ ۽ ظاهري ڏيکاءَ جي باوجود، ڪيترا اهڙا آهن، جن لاءِ شاه صاحب فرمايو آهي ـــ

صورت گهڻو سهڻا، ٿاٽا سندن ٿوهه،
جهڙ ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري.

سڀڪا چلڪندڙ شيءِ سون ڪانه هوندي آهي. ڪيترا ماڻهو سنهن ۾ موسيٰ جهڙا، پر اندر ۾ ابليس هوندا آهن. تنهنڪري ماڻهن جي سنگ ۾ اڪثر ڌوڪي جو امڪان رهي ٿو. صحيح قسم جي دوستيءَ ۾ جنسي ڪشش گهٽ، هم نفس دوستيءَ جو اثر گهڻو رهي ٿو. جنهنڪري ان ۾ زال ۽ مرد جو سوال نٿو رهي. زالون به هڪٻين جون دوست ٿي سگهن ٿيون، ۽ مرد به هڪٻين جا دوست ٿي سگهن ٿا. اهڙي دلي دوست جو ملڻ نعمت عظميٰ ڪري سمجهيو وڃي ٿو. زندگي ان ڪري سجائي، پر لطف ۽ پر معنيٰ ٿيو پوي.

**هم خيال ۽ هم طبع:** اها اهڙي قسم جي دوستي آهي، جنهن اندر دوست سان خيالن ۾ يڪجهتي ۽ طبيعتن ۾ هڪجهڙائي ٿيندي آهي. اهڙو ماڻهو هزارن ۾ ڪو هڪ مس ٿئي ٿو. ان جي ڳولا ۾ ورهين جا ورهيه جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. يا قدرت طرفان مهرباني ٿيڻ ڪري ڪڏهن اوچتو ملي وڃي. اهڙي دوست لاءِ، هندن جي نقط نگاه موجب، اڳئين جنم جي سات يا صوفين جي نقط نگاه ڪان، روز ميثاق يا الست جي ڳانڍاپي جو حوالو ڏنو وڃي ٿو. شاه صاحب ان کي هن طرح تشبيه ڏئي ٿو:

الست ارواحن کي، جڏهين چيائون،
ميثاقان ميهار سان، لڏيون سون لائون،
سو موٽي ڪيئن پاهون، جو محفوظان معاف ٿيو.

مجاز جو بيو ترقي يافته درجو قوم ۽ ملڪ جي محبت آهي، جنهن ۾ اها محبت فرد ڪان ۽ ذات ڪان مٿي چڙهي، مجموعي ۽ معنوي ٿيو پوي. پهرينءَ جو مثال موسل جو راڻي لاءِ روئڻ ۽ سارڻ آهي، ته ٻيءَ ۾ مارئيءَ کي مارن جي سڪ سڄهائي نير وهارائي ٿي.

Gul Hayat Institute

ٻيءَ جو درجو پهرينءَ کان سوين ڀيرا مٿي آهي. پيغمبر خدا حضرت محمد صلعم ان کي "حب‌الوطن من‌الايمان" چئي، ايمان جو جزو قرار ڏنو آهي. شاهه لطيف عليه‌الرحمت پهرئين درجي جي مجاز جي ته تعريف ڪري ٿو، پر جڏهن هو ٻئي‌درجي جي محبت جو ذڪرڪري ٿو، ته نهايت نازڪ ۽ لطيف جذبن جو اظهار ڪري ٿو. وطن جي محبت جو ذڪر ڪندي، پاڻ فرمائي ٿو:

واجهائي وطن کي، جي آءٌ هت مياس،
ته گور منهنجي سومرا، ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، سنجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه، ملير ڏي!

پنهنجي قوم جي محبت جو ذڪر مارئي جي واتان، ور ور ڏيئي، هيئن ڪرائي ٿو:

جيها جي تيها، مون مارو مڃيا!

......

ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا!

......

ايءَ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائن سون تي!

Gul Hayat Institute

ان محبت جي درجي کي درويشن "فنا في‌الشيخ" سان مشابهت ڏني آهي. ان مان ماڻهن کي قومي مفاد لاءِ شخصي مفاد کي ايثار ڪرڻ جو سبق ملي ٿو.

مجاز جو ٽيون ۽ سڀ کان مٿاهون درجو انسانذات جي محبت ۽ عشق آهي. هن ۾ قطرو پاڻ کي قوزي ۾ سمائڻ جي‌خواهش رکي ٿو. ان کان پوءِ عشق حقيقيءَ ڏي وڃي سگهبو. جيڪو ان درجي کي نه پهتو آهي، سو ڪٿي بحر و بر جو زاهد هجي، پر حقيقت کان واقف ٿي نه سگهندو. ڀلا ڪهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو صرف ورد وظائف،

ذڪر فڪر ڪري، ان ذات حقيقيءَ جي محبت جي دعوي ڪري سگھندو، جنھن جي دل مذھبي ڪٽرپڻي، قومي اختلافن، رنگ ۽ نسل جي تفاوتن، اوچ ۽ نيچ، پاڪ ۽ پليت، ڪافر ۽ مسلم جي پيدن سان پري پيئي ھوندي. مسلم اھل تصوف ان کي "فنافي الرسول" جو درجو ڏنو آھي، ڇاڪاڻ ت، ھنن رسول مقبول کي رحمت العالمين ڪري ڄاتو آھي. ان عالمن جي رحمت تائين پھچڻ لاءِ ماڻھوءَ کي مذھب، قوم، رنگ ۽ نسل جا تفاوت مٽائڻ لازمي آھن. انسان ذات جي محبت کان سواءِ رسول جي محبت جي دعوي ڪرڻ بيڪار ۽ بي معني آھي،— ھي آھي ماڻھو آھن، جن لاءِ روحل فقير فرمايو آھي:

ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرن ابتا پير،
ھڪ ھندو ٻيا مسلمان، تيون وچ وڌائون وير،
انڌن اوندھ نہ لھي تن کي سچ چوندو ڪير،
"روحل" راھ پرين جي گھمين ڏنوسون گھير،
تہ رب مڙني ۾ ھيڪڙو، تنھن ۾ ڦند نہ آھي ڦير.

## (٢) عشق حقيقي:

حقيقت جو نالو تہ ھرڪوئي وٺي ٿو، پر اھا حقيقت ڇا آھي، تنھن طرف توجھ ڪنھن ڇنو ڏنو آھي. ورد وظيفا پڙھندڙ ملان، ذڪر فڪر ۾ مشغول پير طريقت چيريون پائي آنالحق اچاريندڙ صوفي، لنگ ڪڍي ناانگا ٿيل يوگي، سمرتيون سوريندڙ ساڌو، ويدن تي وعظ ڪندڙ پنڊت ۽ موناترين ۾ تارڪ الدنيا ٿي ويٺل راھب سڀ عشق حقيقيءَ جي دعوي ڪن ٿا يا ڪم از ڪم ان پنڌ جا پانڌيڙا سڏائين ٿا. ھنن جي ڳالھين کي ٻڌي، ڪبير ڀڳت چئي ڏنو تہ:

حد حد چليا ھر ڪوءِ، بيحد چليا نہ ڪوءِ،
بيحد ڪي ميدان ۾، ڪرڙا ڪبيرا روءِ!

ڪرڻو اٿس. بيدل فقير ان لاءِ چوي ٿو:

سک رمـــز وجود وڃاوڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.
......

اکـران دي وچ جوئي اڙيــا،
عشق دي چاڙهي سول نہ چڙهيا. (بيدل)

آن رستي تي، بقول سچل سرمست:

اول پيري پيچ، جي بند خيالات جا،
تنهن پڄاڻان وچ، حلاجي حيرت ۾.

ان حالت کي ٻڌ ڌرم وارن "نروان پد" شمار ڪيو آهي، رندن "نجات" ڪوٺيو آهي، راهبن سالويشن (Solvation) سڏيو آهي، سنياسن "تياڳ" جي نالي ظاهر ڪيو آهي. انجي در تي پهچڻ، طالب سڀني مذهبن جي بندڻن کان آزاد ٿيو وڃي:

ڏسو عشق جا انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف!

**ٻارهن سڃاڻڻ:** ان کي صوفين "اثبات" جي نالي سان سڏيو آهي. اهو آهو عشق جو درجو آهي، جنهن ۾ هر ڪا ڳالهہ نئين صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچيس ٿي. سچل سرمست ان حالت لاءِ فرمائي ٿو:

بيرنگيءَ سون رنگ، پسو جو پيدا ٿيو،
ظاهر ۾ بيو رنگ، موسيٰ ۾ فرعون جو.

شاهہ سائين ان بابت فرمائي ٿو تہ:

پيئي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

Gul Hayat Institute

ان عشق جي درجي کي "حال" بہ سڏيو اٿن، جنهن ۾ نہ صرف وحدت جو علم ماڻهوءَ کي حاصل ٿئي ٿو، بلڪ ان ۾ هو پاڻ کي سمايل ڏسي ٿو. ان کي "منصوري مقام" بہ سڏين ٿا. سائينءَ ان درجي جو ذڪر هنن لفظن ۾ فرمايو آهي:

سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو!

ان کي ڪن "بقا باالله" سڏيو آهي، ڪن "اوهم"، ۽ ڪن "اناالحق" جي آواز سان ظاهر ڪيو آهي.

## عمل جي زندگي:

هيءَ ڳالهہ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندي، جي ظاهر ڪجي تہ عبادت ۾ خدمت خلق جي عملي زندگيءَ کي بہ وڏو درجو ڏنو ويو آهي. ان لاءِ جملي مذهبن زور ڏنو آهي. قرآن ۾ آهي "لم تقولون ما لا تفعلون"، معنيٰ 'جيڪي ڪري نہ سگهيو، ان جي گفتگو ڪرڻ مان ڪو فائدو نہ آهي.' ڪرشن مهاراج گيتا ۾ سارو زور ڪرم تي ڏنو آهي — ڇي، صحيح ڪرم ۾ ئي انساني نجات جو راز لڪل آهي. هڪ شاعر ان تي چيو آهي:

موجيم ڪہ آسودگيءَ ما عدم ماست
ما زنده بہ آنيم ڪہ آرام نہ نگيريم.

[معنيٰ — اسين انهن لهر برابر آهيون، جنهن تي منهنجو بقا رهي ٿو: جي اها بند ٿي وڃي تہ منهنجو وجود ئي ختم ٿي ويندو.]
علامہ اقبال ان کان متاثر ٿي، فرمائي ٿو:

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی...

مشرقي مذهبن جي ساريءَ تعليم جو مدار ڪرمن جي قل تي رکيل آهي. مهاتما ٻڌ ان ۾ صرف هي اضافو ڪيو آهي تہ صحيح علم کان

سواءِ ڪرم اجايو آهي.

آخر ۾ لب لباب ان ساريءَ تعليم جو اهو وڃي بيهندو ته (١) گيان يا صحيح علم، (٢) عشق يا پريم، ۽ (٣) عمل يا ڪرم — ٽيئي رستا آهن، جن تان طالب هلي سگهي ٿو، ۽ آخر ۾ اهي سڀ وڃي ملن ٿا، ۽ انهن جي ميلاپ بعد ئي حقيقت جو پتو پئجي سگهندو.

## ٤- مذهب جي شريعت يا فقه وارو صيغو:

هن صيغي ۾ جماعت زندگيءَ جي نظام ۽ امن لاءِ ڪن قانونن جي پوئلڳي ڪرڻ ضروري آهي. اهي قانون ٻن طرحن جا مروج رهيا آهن — (١) مذهبي قانون، ۽ (٢) قومي قانون.

جيئن ته جماعتي زندگيءَ جا قانون هميشه معاشري جي تبديليءَ مان تبديل ٿين ٿا، تنهنڪري هن وقت ان درجي تي پهتي آهي ته هزارين ورهيه اڳي جا مذهبن طرفان مقرر ڪيل گهڻا قانون فرسوده ٿي ويا آهن. هاڻ هر هڪ قوم ڪي سندن ملڪي ضرورتن، وقتي تقاضائن موجب انهن جا نوان قانون ٺاهيا آهن. جملي مذهبي قانون جديد دور ۾ عملاً منسوخ ٿي چڪا آهن. هن وقت جيڪي پادري ڪرستاني قانون، هندو منوسمرتي قانون، ۽ مسلمان شريعتي قانون رائج ڪرڻ گهرن ٿا، سي يا احمق آهن، جو زماني جي ديوار تي جيڪي لکيل آهي سو پڙهي نٿا سگهن، يا پنهنجي پنهنجي مستقل مفاد قائم رکڻ لاءِ، پنهنجن پوئلڳن کي ڏوڪو ڏين ٿا.

Gul Hayat Institute

# فصل ٽيون

## مذهب هڪ آهي يا گهڻا آهن

هن مسئلي تي مذهبي علم جا ماهر ٻن راين ۾ ورهايل آهن: هڪڙا مذهبن جي ڪثرت ۽ باهمي اختلاف جا قائل آهن؛ ۽ ٻيا ڪثرت پويان بنيادي وحدت ۾ اعتبار رکن ٿا. اِنهن ٻنهي راين جي نقطهِ نگاهن کي ذرا تفصيل سان بيان ڪرڻ ضروري آهي.

### ١- مذهبن جي ڪثرت ۽ باهمي اختلاف جو نظريو.

مذهبن جي تاريخ جي ذڪر ۾ چاٽائي آيو آهيان ته قديم زماني کان هر ملڪ ۾ ماڻهن جي مختلف قبيلن ۾ جدا جدا عقيدا، رسمون ۽ رواج، سماجي دستورالعمل، عبادتن يا ڪرياڪرمن جا طريقا پئي رهيا آهن، جن جي آڌار تي مذهبن جي تعمير ٿي آهي.

قديم وحشياڻي ۽ اوائلي دور کي ڇڏي، موجوده عالمگير ۽ ثانوي مذهبن کي ٿو ڏسجي، ته آهي به ڪيترائي آهن. جيڪڏهن انهن جا فرقا شمار ڪبا، ته هزارن جي تعداد ۾ وڃي پهچندا. اِنهن حقيقتن جي موجود هوندي، ڪثرت مذاهب ۽ عقيدن کان انڪار ڪري نه سگهبو. مذهبن ۽ عقيدن جي ڪثرت جي هن صورتحال کي غور سان ڏسبو ته ان ۾ ٻه رجحان نمايان نظر ايندا: هڪ، مرڪزيت يا وحدانيت طرف ڇڪيندڙ آهي؛ ٻيو، لامرڪزيت يا انفراديت ڏي گهليندڙ آهي. انهن کي انگريزي ۾ (Integration) يا (Centralization) ۽ (Disintegration) يا (Decentralization) ڪوٺي سگهبو. ٻين لفظن ۾ انهن کي ڪليت يا تڪميل ۽ جزيت يا ورهاست به سڏي سگهجي ٿو.

جيئن سياسي عالم ۾ ڪي ماڻهو سياست عمل جا پوئلڳ ٿي، موجوده حقيقتن کي مدنظر رکي، جماعتي نظام ۽ ملڪي انتظام لاءِ حاضر حالتن مطابق قدم کڻندا آهن، ته ڪي وري مستقبل کي حال تي ترجيح ڏيئي، دائمي ۽ مجموعي مفاد لاءِ ڪم ڪندا آهن، تنهن وانگر مذهبن ۾ ڪي بزرگ ماڻهن کي چند عقيدن، رسم و رواج ۽ دستورالعمل جي بنياد تي، مذهبي جماعتن، فرقن ۽ گروهن وسيلي ڪٺو ڪري، سندن سماجي ۽ اخلاقي تنظيم ڪرڻ گهرن ٿا — جنهن جي ڪري اڄ دنيا ۾ مذهبن ۽ فرقن جي ڪثرت ڏسڻ ۾ اچي ٿي — ۽ ٻيا وري اهي ماڻهو آهن، جي انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ کي مدنظر رکي، مرڪزيت ۽ تڪميل انسانيت لاءِ ڪم ڪرڻ گهرن ٿا. پهريون گروه لامرڪزيت ڏي ڇڪي ٿو. ٻيو مرڪزيت ڏي. ٻنهي جو ذڪر جدا ڪيو ويندو. هتي ڪثرت مذاهب جي ڪارڻن ۽ ان جي نتيجن جو ذڪر ڪندس.

جيئن ته مذهبي جماعتون، رضاڪارانه بنيادن تي، ڪن عقيدن رسمن ۽ رواجن ۽ سماجي دستورالعملن تي برپا ڪيون وڃن ٿيون، تنهنڪري هرهڪ مذهبي جماعت جي تنظيم، ترقي ۽ مضبوطيءَ لاءِ هيٺين ڳالهين جو اهتمام ڪيو وڃي ٿو:

(۱) مذهبن جي بانين کي معصوم ۽ مڪمل قرار ڏيئي، انهن جي قول ۽ فعل جي پوئلڳي ڪرڻ ضروري ڄاتي وڃي ٿي.

(۲) انهن جي ڏنل تعليم کي فوق العقل ۽ الهامي ڄاڻي، ان جي صداقت ۾ ايمان رکڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

(۳) انهن جي برپا ڪيل مذهبن جا سماجي ۽ شريعتي قانون بهترين ڄاڻي، انهن ذريعي ئي راهه نجات حاصل ڪرڻ جو عقيدو رکيو وڃي ٿو.

(۴) انهن مذهبن کي بهترين لائحه حيات ڄاڻي، انهن کان ٻاهر ٻين جملي مذهبن ۽ عقيدن کي غلط ڄاڻجي ٿو.

انهن ڳالهين جي ايتري اهتمام ڪري، هرهڪ مذهبي جماعت کي

Gul Hayat Institute

سندن مذهبي عقيدن ۽ دستورالعمل جي صداقت ۾ ويساه ويهي ويو آهي. اهڙيءَ طرح سان آهي مستقل مفاد بنجي پيا آهن . ۽ انهيءَ صورتحال ۾ جدا جدا مذهبن جي جدا جدا فرقن جو پيدا ٿيڻ، ۽ موجود رهڻ فطري ڳالهه ٿيو پوي . آن حالت ۾ "کس نمي گويد کہ دوغ من ترش است"- (کو بہ نٿو چوي تہ منهنجو ڏؤنرو کٽو آهي.) وارو معاملو بنجيو پوي.

جهڙيءَ طرح دنيا جي مختلف کنڊن، ملڪن، صوبن، ضلعن ۽ تپن ۾ ورهاست، ماڻهن جي باهمي سهوليت ۽ شناخت لاءِ ضروري آهي، تهڙيءَ طرح انسانذات جي نظرياتي دنيا ۾ مذهبن ۽ فرقن جو وجود عملي ڪارڪردگيءَ لاءِ لازمي ۽ فطري آهي. تنهنڪري اهل تصوف ۽ راسخ العلم ماڻهن ڪڏهن بہ ڪنهن مذهب يا فرقي جي ضرورت ۽ افاديت کان انڪار نہ ڪيو آهي. جهڙيءَ طرح دنيا ۾ اڄڪلهه هر قوم جي حق خودارادي جو حق بين الاقوامي طور قبول ڪيل آهي، اهڙيءَ طرح هر ماڻهو، فرقي ۽ مذهب جي راءِ يا راين جي آزادي ۽ مذهبي شريعتن، عقيدن يا عبادتن جي آزاديءَ ڪي بہ تقسيم ڪرڻو آهي. اڪثر اختلاف جو ڪارڻ مختلف عقيدا، مختلف عبادت جا طريقا، مختلف دستورالعمل نہ ٿا ٿين، ليڪن جڏهن ڪي مذهبي گروه حق جي هڪ- هٽي (Monopoly) پاڻ وٽ چاڻي، ٻين کي غلط ۽ ناحق تي سمجهي، زبردستيءَ سان ٻين کي همخيال يا هممذهب بنائڻ جي اصول ۾ اعتقاد رکن ٿا — جنهن کي مسلمانن جهاد جي نالي سان سڏيو آهي — تڏهن اختلاف پيدا ٿين ٿا، ۽ پوءِ هر مذهب ۽ هر فرقي طرفان، ان مذهب ۽ ان فرقي جي نالي ۾، عوام کي استعمال غرضيءَ (Exploitation) لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

مذهب اسلام جي صحيح تشريح مطابق، "لا اڪراه في الدين" آهي، يعني- دين جي معاملن ۾ ڪا بہ زور زبردستي نہ هئڻ گهرجي. ٻئي هنڌ چيل آهي، "لڪم دينڪم ولي الدين" يعني- تنهنجو دين

تولاءِ ۽ منهنجو دين مون لاءِ؛ هرهڪ کي سندس دين جي آزادي آهي. تئين هنڌ پيغمبر صلعم چيو آهي ته "اختلاف امتي رحمة" يعني ـ اُست ۾ راءِ اختلاف رحمت آهي. قرآن ۾ چيل آهي، "لڪد قوم هاد" يعني ـ هرهڪ گروهہ يا قوم لاءِ پنهنجي هدايت يا دستورالعمل آهي.

ڪثرت مذاهب باغ عالم کي رنگارنگي گلن جو چمن بنائي، ان جي زيبائش ۾ واڌارو آڻي ٿي.

اسلام جي صحيح تشريح ڄاڻڻ وارو مسلمان دنيا جي هر شيءِ ۽ نظريي کي بيڪار نہ سمجهي، ان مان مفيد ۽ قابل قبول مواد حاصل ڪري ٿو. هن جي ذهن ۾ هي ڳالهيون صاف ويٺل رهن ٿيون ته

(۱) مذهب ماڻهن لاءِ پيدا ڪيل آهن ۽ نہ ماڻهو مذهبن لاءِ.

(۲) دنيا جا سڀ مذهب، نظريا، فلسفا، سائنسون ۽ علم ماڻهن کي ڪتابن جي لئبرريءَ طور ڪتب آڻا آهن. انهن مان "خذ ما صفا دع ما ڪدر" جي سبق مطابق، چڱي ۽ مفيد ڳالهہ وٺڻي آهي، ۽ غير مفيد کي ڇڏو ڪرڻو آهي.

(۳) دنيا ۾ ڪابہ شيءِ، نظريو، فلسفو، مذهبي عقيدو وغيره آخري ۽ مڪمل ٿي نٿو سگهي. دين فطرت (قانون ارتقا يا ترقي پذير تبديل جي قانون) موجب، هر گهڙيءَ، هر زماني ۽ هر دور ۾ بحر فيض الاهيءَ مان نون نياپن، معلومات، نظرين ۽ عقيدن ظاهر ٿيڻ جي اميد ۽ امڪان آهي. اهو سلسلو لامتناهي يعني اڻ کٽ رهندو.

جي قيام مڙن ته بہ ويجها پانڄ سپرين.

جڏهين بہ ۽ جتي بہ ڪي مذهب، نظريا، فلسفا ۽ عقيدا انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ ۾ رخنو وجهن ٿا، ته اهڙيءَ حالت ۾ آهي غير فطري بنجيو پون.

## ۳. ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو نظريو

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته قديم وقت کان وٺي دنيا جي مختلف ملڪن، دورن ۽ قومن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ پيدا ٿيا آهن،

Gul Hayat Institute

جن انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي. هنن ڪي ڪثرت مذاهب، عقائد، دستورالعمل، نظرين وغيره جي پويان بنيادي وحدت ڏسڻ ۾ آئي آهي. انهن بنا امتياز مذهب، نسل ۽ قوم جي، انَ وحدت جي مقصد اعظم جي حصول لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي. انهن معاشري جي ضرورتن، وقتي مصلحتن، قديم روايات، عوام جي تعصبن، قديم عقيدن ۽ ماڻهن جي مڪاني، نسلي ۽ ذهني ارتقا جي تقاضائن موجب ٿيل مختلف جماعتي دستورالعملن ۽ عبادتن جي طريقن ۽ تنظيمن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل ڏٺي هئي.

اهڙي قسم جو فڪر هيٺ ذڪر ڪيل ٻن ذريعن وسيلي پئي ظاهر ٿيو آهي ۽ وڌيو ۽ پکڙيو آهي:

(١) مخفي ۽ سينه بسينه تعليم جي ذريعي، ۽

(٢) قياسي ۽ سائنسي کوجنا جي ذريعي.

## ١- مخفي ۽ سينه بسينه تعليم جو ذريعو:

اها تسليم شده حقيقت آهي ته سڀئي ماڻهو ذهني ارتقا ۾ هڪجهڙا نه پئي رهيا آهن. هڪڙا مهذب، راسخ العلم ۽ صاحب دل آهن. ٻيا غير مهذب، جاهل ۽ متعصب آهن. ٻئي گروهه جي هميشه ڪثرت رهي آهي. پهريون گروهه آڱرين تي ڳڻڻ جيترو رهيو آهي. تنهنڪري قاعدا قانون، عقيدا، زندگيءَ جي عمل جو طريقو ۽ نقطه نگاه ٻنهي گروهن جو علحده پئي رهيو آهي. هڪڙن شخصي، فروعي ۽ عارضي نفعي کي ترجيح ڏني آهي. ٻين مجموعي، اصولي ۽ دائمي ڳالهين ڏي توجه پئي ڏنو آهي. هڪڙن جي سامهون حال هو ٻين جي اڳيان مستقبل (آخرت) هو.

پيغمبرن ٻه هڪڙيون ڳالهيون عام لاءِ ڪيون آهن، ٻيون خاص لاءِ. خاص جون ڳالهيون عام جي سمجهه کان مٿي آهن. ازانسواءِ عقيدن، راين ۽ زندگيءَ جي طريقي ۾ جا خاص ماڻهن کي آزادي يا

Gul Hayat Institute

گنجائش سلڻي آھي، ان جا رواجي، غير ترقي يافته ۽ جاھل ماڻھو ھر حالت ۾ ۽ ھميشه مستحق نتا ٿي سگھن؛ ان ڪري عوام لاءِ جي مذھبي دستورالعمل، عقيدا ۽ سماجي قانون رٿيا وڃن ٿا، سي جدا قسم جا ٿين ٿا.

مٿي ذڪر ڪري آيو آھيان ته منظم مذھب ۽ ان جا فرقا ڪجھه وقت کان پوءِ مستقل مفاد پنجيو پون. تنھنڪري ان جي اڳواڻن جي مفاد وڌان اھا ڳالھه ٿئي ٿي ته عوام سندن چنبي ۾ قاتل رھن. آھستي آھستي، انساني سماج ۾، حڪمران گروھه، مذھبي مھندار ۽ شاھوڪار طبقي جا مفاد ھڪڙا ٿيو پون. تنھنڪري ڪابه ڳالھه، جا ماڻھن کي آزاد راءِ ۽ آزاد خياليءَ سان مانوس ڪندي ھوندي، سا ھو ھيڪاري برداشت نه ٿا ڪن. ۽ عوام جي تعصبات ۽ قديم عقائد جي آڙ ۾، ڪابه اھڙي ڳالھه، جنھن ۾ سندن مفاد کي نقصان پھچڻ جو انديشو ھوندو آھي، ان لاءِ عوام جا جذبات برانگيخته ڪري، آزاد خيال ماڻھن کي سزائون ڏيندا آھن. تنھنڪري درويشن اڪثري اھڙين ڳالھين کي مخفي طور ظاھر ڪيو آھي.

درويشن ۾ ٻه گروھه رھيا آھن: ھڪ سالڪ، ۽ ٻيا مجذوب.

**سالڪ:**

سالڪن حق جو آواز اھڙي نموني اشارتاً ۽ ڪنايتاً ظاھر ڪيو، جو عوام جي تعصبات کي به مجروح نه ڪيائون ۽ مستقل مفاد جي زد کان به بچي ويا: جنھن لاءِ مولانا روم عليه الرحمة فرمايو آھي ــــ

خوشتران باشد ڪه سر دلبران، گفته آيد در حديث ديگران.

انھيءَ مان سندن مراد ھيءَ ھئي ته، سمجھڻ وارا ڳالھه سمجھي ويندا، باقي عام ماڻھو ان کي نه سمجھي سگھندا، جنھنڪري مستقل مفاد جي زد کان محفوظ رھيو.

خواجه حافظ شيرازي، انھيءَ حالت کي مد نظر رکي، فرمايو آھي -

مصلحت نيست ڪه از پرده برون افتد راز،
ورنه در مجلس رندان خبري نيست ڪه نيسف.

[معني ــ اها مصلحت پري ڳالهه نه آهي ته پردي کان ٻاهر ڪري گفتگو ڪجي، نه ته سالڪن کي هر ڳالهه جو پتو آهي.]

هنن جي راءِ هئي ته نانگ به مري لٺ به نه ڀڄي. اهڙي طرز عمل اختيار ڪرڻ لاءِ هنن ڪيئي دليل ڏنا تي. چي، مستقل مفاد ۽ منظم مذهب جي روايات ۽ تعصبات خلاف ڪليل گفتگو مان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته عوام آها سمجهندا ڪونه، ۽ خواص ناراض ٿي سختي اختيار ڪندا. تنهنڪري هنن مخصوص ماڻهن تائين پنهنجي تعليم کي مخفي طرح پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ گفتگو جو اهو طريقو اختيار ڪيائون، جو قانون جي زد کان ٻاهر هو.

**مجذوب:**

هي ان قسم جا ڪارڪن هئا، جن تي هوش کان جوش جو زياده اثر هو. جنهنڪري هنن حق جي آواز کي نقاري جي چوٽ تي، بنا خوف جي، چئي ڏنو ٿي. هنن کي پتو هو ته ان ڪري هيٺيان رد عمل ٿيڻ ۽ نقصان پهچڻ وارا هئا:

(١) عوام تي منظم مذهبن جي تسلط جي گهٽجڻ جو امڪان هو: جنهنڪري مذهبي مهندار ۽ سندن مددگار حاڪم ناراض ٿي، هنن جي ڪم تي بندش وجهڻ وارا هئا، ۽ سندن خلاف عوام کي ڀڙڪائي کين سخت سزائون ڏيڻ وارا هئا.

(٢) پر انهي ۽ علم جي باوجود، هنن جو اعتقاد هو ته عوام جي دل سالم هئي ــ صرف هنن جي سمجهه گهٽ هئي. ان ڪري ڪليل ۽ نقاري جي چوٽ تي، جا ڳالهه کين هر هر ٻڌائبي، اها هو ٻڌندا ضرور. ممڪن آهي ته انهن تي ترت اثر نه ٿئي، ۽ حڪام وقت ۽ مذهبي مهندارن جي سزائن ۽ ڪارڪنن جي قربانين بعد ئي انهن تي اثر پوڻ شروع ٿئي. ان حالت جي "غالب" ههڙيءَ طرح ترجماني ڪري ٿو ــ

تعذير جرم عشق هے بيڪار محتسب،
بڑھتا هے اور ذوق گنهہ ياں سزا کے بعد.

خواجه حافظ ساڳئي خيال کي هن طرح ادا ٿو ڪري:

در ره منزل ليلىٰ که خطرها ست بسے،
شرط اول قدم آنست که مجنون باشی.

[معنيٰ — ليليٰ جي رستي ۾ گهڻئي خطرا آهن، ان تائين پهچڻ لاءِ پهريون شرط اهو آهي ته چريو ٿيءُ!]

(٣) مجذوب يا عاشق بي صبر آهي. هر ڳالهه انقلابي طريقي سان ڪرڻ گهري ٿو. هو حال کي مستقبل لاءِ مهمل ڪرڻ واسطي تيار نه آهي. خواجه حافظ ان جي اهڙي جذبي جي ترجماني ڪندي، چوي ٿو:

دم فرصت غنيمت دان و داد خوشدلی بستان،
بسي گردش کند گردون بسي ليل و نهار آرد.

[معنيٰ — زندگيءَ جي هر گهڙيءَ کي غنيمت ڄاڻي ان مان فائدو وٺ، ڇاڪاڻ ته ڏينهن راتيون ۽ زمانا پيا بدلجن، ۽ ممڪن آهي وري موقعو نه ملئي.]

تنهنڪري هو، هر دم کي غنيمت ڄاڻي، جيڪي چوڻو اٿس، سو بنا ڊپ يڪدم چيو ڏئي.

Gul Hayat Institute

هاڻ سوال اٿندو ته اهي ڪهڙا راز هئا، جن کي سالڪن اشارن ۾ چيو ٿي، ۽ مجذوبن علي الاعلان چوڻ گهريو ٿي، جن مان مذهبي مهندارن ۽ سندن مددگار حاڪمن جي مستقل مفاد کي خطري جو امڪان هو. منهنجي نظر ۾ انهن جو لب لباب هيٺيون آهي:

(١) وجود صرف ذات حقيقيءَ جو هو، ٻي سڀ ان جي صفات هئي:

عاشق ڇو ۾ ان کي، ۾ کي ڇو معشوق،
خالق ڇو ۾ خام تون، ۾ کي ڇو مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصائي نڱيو.

(٢) انهيءَ نظريي ۾ اعتقاد رکڻ ڪري، خالق ۽ مخلوق جا تفاوت نڪري ٿي ويا.

(٣) ان تعليم ڪري انسانذات کي، بنا تميز مذهب، رنگ، نسل ۽ قوم جي، هڪ بدن جا عضوا ڪري سمجهيو ٿي ويو.

(٤) ان ڪري ساڻهن مان نفاق، نفرت ۽ ٻيائيءَ جا تفاوت نڪريو ٿي ويا.

(٥) جنهنڪري جملي مذهبن جا قيد ۽ پابنديون، جزائن ۽ سزائن، بهشت ۽ دوزخ جا عقيدا ختم ٿي ٿي ويا:

بـهشت دلاسـو، دوزخ دڙڪو،
ڪوڙو ساسـي، ڪوڙو ڪڙڪو. (شاهه نصير)

(٦) انهيءَ نظريي ۾ عقيدي ڪري مذهبن جـون شريعتون ۽ نـظام اهميت وڃائي ٿي ويٺا.

(٧) ان ۾ صاحب اقتدار ۽ مذهبي مهندار پنهنجي پنهنجي تسلط خلاف کليءَ بغاوت جا آثار ٿي ڏٺا.

اهي ڳالهيون اهل علم ۽ صاحب دل شخصن تائين محدود هيون. مسلمانن ۾ پيغمبر خدا جي انهن رازن جو علم حضرت علي عليه السلام کي معلوم ٿيو، جنهن کان جدا جدا سلسلا طريقت جا نڪتا. "انا مدينة العلم و علي بابها" [يعني، "آءٌ علم جو شهر آهيان، علي دروازو آهي"] — ان ڳالهه ڏي اشارو آهي. ان رستي ۾ گروهه يا مرشد جي ذاتي اثر ۽ ست سنگ ڪري انهن رازن جو پتو پوي ٿو. هن گروهه وارا علم ۽ عشق ذريعي ان ڳالهه جو پتو لهن ٿا.

عالمن مان ويدانيتن، وجودين (Pantheists) ۽ وحدت الوجودين ان مسئلي تي روشني وڌي آهي. مغرب ۾ قديم دور ۾ افلاطون (Plato) ۽ جديد دور ۾ اسپنوزا (Spinoza) ۽ نو افلاطونين ۾ پڻ انهيءَ مسئلي تي لکيو آهي. مشرق ۾ تازو رام ڪرشن مٺ جي سواسي وويڪانند ۽ پڻ ان تي روشني وڌي آهي. مسلمانن ۾ محي الدين ابن عربيءَ ان

نظريي کي فلسفيانہ طور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. عاشقن ۾ مولانا روم، منصور، عطار، شمس تبريز، سرمد، شاه عنايت، سچل وغيره، انهيءَ مسلڪ جي سلسلي ۾، خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. ٻين مذهبن ۾ قومن ۾ ڪيئي اهڙا ماڻهو ملي سگهندا.

هيءَ ڳالهہ صاف ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ سالڪن ۽ حقيقي عاشقن جا اهي خيال جملي دينن ۽ ڌرمن جي جدا گانہ نظامن ۽ انسانذات کي ڌرمن جي نالي ۾ ورهائڻ جي خلاف هئا. جنهنڪري مذهبي مهندارن طرفان انهن جي سخت مخالفت ٿي، جن انهن جي خلاف آهي جواب پيش ڪيا، جن جي ذريعي سندن دڪان هلائڻ جو جواز پيدا ٿي سگهي. مسلمانن ۾ امام غزالي ۽ امام رباني مذهبي شريعتن جي جواز ۾ فلسفيانہ دليل پيش ڪيا. اهڙيءَ طرح هندن ۾ آريا سماج قديم سيتا جي نالي ۾ جواب پيش ڪيو. عيسائين ۾ رفارميشن (اصلاح = Reformation) ۽ رينيزانس (نشات ثانيه = Renaissance) تحريڪون پيدا ٿيون، جن جدا مذهبن جي قيام ۽ بقا لاءِ دليل ڏنا. هتي سڀني ڌرين جي اهڙين تحريڪن جو ذڪر باعث طوالت سمجهي، صرف مسلمانن ۾ وحدت الوجودي تحريڪ ۽ ان جي جواب ۾ وحدت الشهودي تحريڪ جو ذڪر ڪندس، جو ٻين ڌرمن ۾ انهيءَ قسم جي تحريڪن جو بہ نمونو پيش ڪندو، ۽ ان مان پڙهندڙن کي انهن تحريڪن جو ذڪر پس منظر بہ معلوم ٿي ويندو.

**وحدت الوجود جو نظريو:** مسلمانن ۾ انهيءَ نظريي جو باني شيخ محي الدين بن علي ابن عربي هو. کيس "شيخ الاڪبر" بہ ڪري سڏيندا هئا. هو ڏکڻ اسپين ۾ مورثيا جي شهر ۾ ٥٦٠ هہ مطابق ١١٦٤ ع ۾ ڄائو، ۽ حاتم طائيءَ جي اولاد مان چوڻ ۾ ٿي آيو. هن ٥٦٨ هہ ۾ پورچوگال جي موجوده گادي لزبن ۾ شيخ ابوبڪر بن خذاف کان ابتدائي تعليم ورتي. انهيءَ وقت اڀرندي اسپين جو گورنر سلطان محمد هو. ابن عربي ابتدائي تعليم وٺڻ کانپوءِ مسولي ۾ ويو، جتي ڪجهہ وقت رهي، وري ڪاردووا ۾ ڪجهہ تربيت حاصل ڪري، اتان موراڪو

۾ فيض ۽ مصر ۾ سڪندريه مان ٿيندو اچي دمشق رهيو، جتي ٦٣٨هه مطابق ١٢٤٠ع ۾ وفات ڪيائين. جبل قاضيون تي قاضي محي الدين زڪي جي مقام ۾ دفن ٿيل آهي.

اِهو ابن عربي آهي، جنهن اسلامي تصوف ۾ فلسفيانه طور، نظريي وحدت الوجود جو بنياد وڌو هو، جو پوءِ سڀني مسلمان ملڪن ۾ پکڙجي ويو. ائين نه آهي ته ان نظريي جا ان کان اڳ مڃيندڙ ڪونه هئا. درويشن جو چوڻ آهي ته اها تعليم سينه بسينه رسول مقبول جي ذريعي حضرت عليءَ کان مختلف درويشن تائين پهتي. منصور حلاج، شمس تبريز، خواجه فريدالدين عطار وغيره ان جي ڪلام ڪلا تبليغ ڪئي، پر فلسفيانه انداز ۾ ان کي منطقي دليلن ذريعي سمجهائڻ ۾ شيخ محي الدين ابن عربيءَ جو خاص مقام آهي. سندس ڪتاب "فصوص الحڪم" ان لاءِ پڙهڻ جي لائق آهي.

نظريي وحدت الوجود کي "همه اوست" جو نظريو به سڏيو ويو، جنهن جو مطلب اهو آهي ته **جملي هستيءَ جو حقيقي وجود هستيءَ مطابق يا وجود ڪل آهي.** اهو وجود ڪل ئي خدا آهي. جملي ڪائنات سندس پرتوي جو مظهر يا عڪس آهي، جنهن کي عالم صفات سڏجي ٿو، ۽ ان کي جدا هستي نه آهي. لاموجود الاالله (يعني الله کان سواءِ ڪوبه ٻيو وجود نه آهي) ان جو مول متو آهي. جيئن ساڻهوءَ جو آعيني ۾ عڪس يا زمين تي سندس پاڇولو يا ان جي آواز جو گنبذ ۾ پڙاڏو ڪا جدا حيثيت ڪانه ٿا رکن، ان وانگر صفات به ڪا جدا حيثيت ڪانه ٿي رکي. بلڪ آها ذات حقيقيءَ تي مدار رکندڙ ۽ سندس عڪس مثل آهي.

انهيءَ نظريي جو اثر مذهبن ۽ ملڪي سياست تي ڪهڙو پيو ٿو، ان جو مختصر ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. جنهن صورت ۾ ان نظريي مطابق ڪل شيءِ جو وجود هڪ ئي آهي، ان ڪري ان جي مڃيندڙ جي راهبر پاليسي عشق ۽ اتحاد اختلاف جي پويان بنيادي وحدت جو راز کولي ظاهر ڪري ٿو. تنهنڪري، ان

انتها پسنديءَ جو شڪار پئي رهيو آهي. ان نظربي ڪري يا اُن جي پاڇي ۾، جدا جدا مذهبن جا اختلاف، نسلي ۽ ملڪي امتياز، فرقه بنديون ۽ تعصبي قانون، نفرت، انڌاڌنڌ مذهبي شريعتن جي پوئلڳي ۽ فسطائي خيال، دستور ۽ حڪومتون پئي پيدا ٿيون آهن. هن نظريي هيٺ آزاد راءِ، جمهوريت ۽ وسيع النظريءَ کي گهڻو نقصان پهتو آهي. اِن منجهان اِنسانن ۽ قومن ۾ پاڪ ۽ پليت، ڏيل ۽ ڏڪاريل، اوچ ۽ نيچ جا تفاوت پيدا ٿيا آهن.

هنهي نظرين جي انتهاپسندي ڪيترين خرابن جو باعث بڻي آهي. مسئلہ وحدت الوجود سان دلچسپي وٺندڙن کي يوگ وشست، گيتا، سوامي وويڪانند ۽ سوامي تيرٿ جون تقريرون ۽ افلاطون، اسپنوزا ۽ نوفلاطونيت (Neo-Platonism) جي ڪتابن کي ٻه پڙهڻ گهرجي.

## (۲) قياسي ۽ سائنسي کوجنا جو ذريعو:

مذهبن جي تاريخ ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته مذهبن جي ڪهڙيءَ طرح شروعات ٿي ۽ ڪيئن آهستي آهستي ٿي، حالات جي تقاضا، معاشري جي تبديليءَ ۽ معلومات جي فراوانيءَ بعد، ان جي ابتدائي عقيدن، رسمن ۽ رواجن ۽ قاعدن قانونن ۾ تبديلي ايندي وئي. ان کوجنا مان سائنسي علم جي ماهرن مختلف علمن جي آڌار تي، هڪ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته خوف ۽ اميد جي بنياد تي، پيدا ٿيل عقيدا ۽ دستور روز بروز ارتقا ڪندا آيا آهن، ۽ آئينده به سندن ارتقا هلندي رهندي. تنهنڪري، ٻين علمن جهڙوڪ طب، علم ڪيميا، علم حيات وغيره وانگر، مذهب به سماجي ۽ ذهني معلومات جو هڪ علم آهي، جو، باوجود مختلف عقيدن ۽ دستورن جي، بنيادي طرح هڪ وڌندڙ ۽ سڌرندڙ علم آهي. جيئن مٿي ذڪر ڪيل علمن ۾ مختلف کوجنائن بعد ڪي نظريا قائم ٿي وري بدلجن ٿا، اهڙي ساڳي حالت هن سان به لاڳو آهي. ڪنهن به

آهن ۽ مذهب هڪ آهي، ۾ سمجهوتو ڪيئن ٿي سگهندو؟

آن لاءِ هن وقت تائين ٻہ طريقا اختيار ڪيا ويا آهن:

(۱) سيني مذهبن جي بهترين ڳالهين کي گڏي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ، ۽ (۲) هرهڪ عالمگير مذهب کي زور وٺائي، ٻين کي آن ۾ مدغم ڪرڻ. تاريخي تجربي موجب ٻئي طريقا ناڪامياب ثابت ٿيا آهن. گرونانڪ، ڪبير ڀڳت، صوفي بزرگن، راجا رام موهن راءِ وغيره طرفان ٿيل ڪوششون سڀ جدا جدا فرقن جي صورت اختيار ڪري ويون. ٻئي طرف چار عالمگير مذهب، ڪروڙها ماڻهن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي باوجود، ساريءَ انسانذات کي وحدت خيال ۽ عمل موجب يڪسان ڪري نہ سگهيا آهن، سڀ آنهن ۾ سوين فرقا پيدا ڪري، مذهب جي نالي ۾ انسانذات جي وچ ۾ تفاوت جون ديوارون کڙيون ڪري ڇڏيون اٿن. آهي مذهب جا فرقا، مستقل مفاد جي صورت اختيار ڪرڻ ڪري، خوشيءَ يا زوريءَ سان، انسانذات کي گڏڻ ۾ بهرحال ناڪامياب ٿيا آهن. بلڪ، خيال ۽ عمل جي نقطي نگاهہ کان سندن موجوده باهمي ورهاستون يا هڪٻئي کان علحدگيون ئي مصنوعي آهن. منجهانئن هر هڪ مذهب ۾ ساڳيءَ ئي حد ۽ انداز جا چڱا مندا پيا آهن.

هاڻ صرف هڪ طريقو وڃي رهيو آهي ته، آخري طرح انسانذات جي وحدت خيال ۽ عمل تي پهچڻ تائين، حال گڏجي گذاري (Co-existence) يا، ٻين لفظن ۾، باهمي رواداريءَ جي بنا تي، سيئي مذهب، فرقا ۽ نظريا پنهنجا جدا عقيدا، رسمون رواج ۽ عبادتون قائم رکندي، انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ باهمي تعاون ڪن. آن لاءِ منظم دينن (Institutionalised Religions) جي مستقل مفاد (Vested Interest) کي ٽوڙڻ لازمي ٿي پوندو. دين- شخصي عقيدا ڪري ڪتب آڻبا، انهن جي منظم نظامن ۽ مستقل مفاد کي ڇڏڻو پوندو.

---

# فصل چوٿون

## (١)

## اسلام جا ٻه تعبير

مولانا ابوالڪلام آزاد، سرمد شهيد تي پنهنجي لکيل ديباچي ۾ فرمائي ٿو ته "ايشيا ۾ هميشه پاليٽڪس مذهب جي پردي هيٺ رهي آهي. هزارين خونريزيون، جي پوليٽيڪل سببن ڪري ٿيون آهن، تن کي مذهب جي چادر پهرائي، ڍڪيو ۽ لڪايو ويو آهي. اسلام جي هنن تيرهن سو ورهين جي عرصي ۾ فقيهن جو قلم هميشه اگهاڙي تلوار رهيو آهي، ۽ هزارن حق پرستن جو خون ان جي فتوائن ڪري ٿيو آهي. اسلام جي تاريخ ڪٿي به کڻي پڙهو، ته اوهان کي سو مثال ملندا، جن مان پتو پوندو ته جڏهن ڪو حاڪم خونريزيءَ تي آماده ٿئي ٿو، ته مفتيءَ جو قلم ۽ سپهه سالار جي تلوار ٻنهي گڏجي ڪيس ڪم ڏنو آهي. اهو (فتوا جو قلم) صرف صوفين ۽ ملڪي رهنمائن تائين ئي بس نه ٿيو آهي، پر شريعت جي عالمن مان به جي نڪته بين ۽ اسرار حقيقت جا عالم ٿيا، تن کي به فقيهن جي هٿان مصيبتون برداشت ڪرڻيون پيون ۽ سر ڏيڻ سان ئي نجات ملين."

هن وقت به حالت ساڳي آهي. اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ ماڻهن کي جهڙيءَ طرح گمراهه ڪيو ويو آهي يا ستايو ويو آهي، تنهن جي ترجماني شاهه صاحب جو هيءُ بيت ڪري سگهي ٿو:-

"حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،<br>
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري،<br>
وڃن وڻ ٻري، اوپڙ ايري ڪين ڪي!"

نظريي جي ٻوٽلڳن وانگر، هن جي پيروئن ۾ ٻه اهو اعتقاد ويٺل آهي تہ سندن مذهب مڪمل فلسفہء حيات جو حامل آهي، ۽ انسانذات کي نيت انهيءَ طريقہء حيات اختيار ڪرڻ مان نجات حاصل ٿيڻ واري آهي. ۽ آن منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ اسلام جا اصل ڪان ٻہ جدا تعبير پئي ڏنا ويا آهن. ٻين عالمگير مذهبن جي به ساڳي حالت آهي.

هتي اسان اسلام جي انهن جدا تعبيرن تي بحث ڪنداسون:

١. اسلام جي هڪڙي تشريح يا هڪڙو تعبير حڪمران طبقي جي طرفدار عالمن ۽ فقيهن طرفان پئي ڪيو ويو آهي، جي خود اڪثري صاحب اقتدار طبقي جا فرد يا مستقل مفاد جا حامي هئا.

٢. اسلام جي ٻي تشريح يا ٻيو تعبير راسخ العلم صوفياي ڪرام ۽ اهل طريقت طرفان پئي ڪيو ويو آهي، جن جو تعلق صاف دل ۽ عام غريب طبقي جي ماڻهن سان پئي رهيو آهي.

پهريون گروه ماڻهن کي مختلف مذهبن ۽ فرقن ۾ ورهائڻ جو ڪارڻ بنيو. ٻئي گروه جي ڪوشش جملي انسانذات کي محبت جي ڏوريءَ ۾ پوئي، هڪ ڪرڻ طرف پئي رهي آهي؛ هنن کي ظاهري ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت پئي ڏسڻ ۾ آئي آهي.

حڪمران طبقي جي طرفدار گروه جي اسلامي تشريح جا مکيہ اصول هي رهيا آهن:

(١) هنن اسلام کي دنيا جو آخري، مڪمل ۽ عالمگير دين تسليم ڪيو ٿي، جنهن جي رائج ٿيڻ بعد اڳوڻا سڀئي مذهب منسوخ ۽ خارج ٿي ويل سمجهيائون ٿي.

(٢) انهن دين کي انسانذات جي سڀني مشڪلات جو حل ڄاڻي، ماڻهن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ مڪمل فلسفہء حيات جو حامل ڄاتو ٿي.

(٣) آنهن مذهب جي سموريءَ تعليم جو منبع قرآن شريف کي سمجهيو ٿي، جنهن کي پيغمبر محمد صلعم جي ذريعي خدا جو نازل ٿيل

Gul Hayat Institute

ڪلام تسليم ڪيائون ٿي، ۽ ان ۾ هر زماني، هر حالت ۽ هر ضرورت جو حل سمايل ڄاڻائون ٿي، جنهن ۾ نہ تبديلي آئي هئي ۽ نہ اچي سگهي ٿي.

(۴) حضرت محمد صلعم کي دنيا جو آخري پيغمبر سمجهيو ٿي ويو. تنهان پوءِ نہ نبي پيدا ٿيڻ وارو هو نہ دين اچڻ وارو هو. سندن حديثن ۽ سنت کي قرآن جي تشريح لاءِ سند ڪري ورتو ٿي ويو.

(۵) انهن دين جي معتقدن کي، وحدت خيال ۽ عمل ڪري، دنيا جي چونڊيل ۽ مثالي قوم شمار ٿي ڪيو، جن کي انسانذات جي رهبري ۽ اڳواڻي ڪري، ان کي راهِ راست تي آڻڻو هو.

(۶) مڪمل ۽ صحيح دين هئڻ ڪري، اسلام جو ساريءَ دنيا ۾ پکڙجڻ ضروري هو. انسانذات جي جملي مشڪلات جي نجات انهيءَ ذريعي ٿيڻ واري هئي. انهيءَ جي دائري کان ٻاهر جملي ماڻهو گمراهہ هئا، ۽ انهن کي راهہ راست تي آڻڻ هرهڪ مومن جو فرض هو. تبليغ ۽ جهاد انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ ٻہ لازمي جزا هئا.

(۷) انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، سياست کي مذهب جي ماتحت هلائڻو هو، جنهنڪري حڪومت جي واڳ خليفہ اسلام يا امير جي هٿ هيٺ رهڻ واري هئي. سياست کي حڪومت جو نظام قرآن ۽ سنت نبويءَ جي بنيادن تي صالح ماڻهن ذريعي هلائڻو هو، جنهن جي تشريح صرف مذهبي عالم (ملا) ڪرڻ جا اهل هئا.

ٻئي طرف صوفياي ڪرام ۽ اهل طريقت طرفان اسلام جو تعبير ڪيو ٿي ويو، جنهن جا مکيہ اصول هي هئا:

(۱) انهن جي نقط نگاهہ موجب الله تعاليٰ طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني لاءِ انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ وقت بوقت پيغامبر پئي آيا آهن، جن سڀني جي تعليم جا بنيادي مقصد ساڳيا هئا. انهن جي آندل پيغام ۾، باوجود ظاهري گونا گونيءَ جي،

بنيادي وحدت سمايل هئي. اسلام انهيءَ حقيقت جي اظهار جو پيغام آندو.

(٢) انهيءَ تشريح مطابق هر ماڻهو دنيا ۾ خدا جو نائب يا خليفو هو، جنهن ۾ خدائي نور سمايل هو. جهڙيءَ طرح سج جي روشني يا هوا چند قبيلن ۽ قومن جي خاص ملڪيت يا هڪ ـ هٽي بنجي نه ٿي سگهي، اهڙيءَ طرح انهيءَ عالمگير اخوت، امن ۽ ڀلائي جي پيغام کي ڪنهن فرقي، مذهب، گروه يا قوم ۾ محدود ڪرڻ قانون فطرت ۽ روح اسلام جي خلاف هو.

(٣) دين رضاڪارانه حاصل ڪيل عقيدن جو طريقهءِ زندگي هو. حڪومت يا جماعتي نظام ذريعي انهن خيالن جو پرچار ۽ زوريءَ تسلط ماڻهن جي شخصي آزاديءَ جي خلاف هو. انهيءَ پيغام جي ڦهلائڻ لاءِ باهمي گفتگو، رواداري، خدمت خلق، عمده اخلاق ۽ محبت جا ذريعا اختيار ڪرڻا هئا، جنهنڪري دين جو ملڪ جي سياست کان علحده رهڻ ضروري هو. مذهب ماڻهوءَ جو شخصي معاملو هو، نه جماعتي.

(٤) انهيءَ دين فطرت کي چند ماڻهن جي گروهه ۾ محدود ڪري، کين جدا قوم شمار ڪرڻ، يا چند عقيدن ۽ دستورن سان انهن کي وابسته ڪري، جدا مذهب ۽ مذهبي نظام بنائڻ، ان جي بنيادي مقصدن جي خلاف هو. هنن جي خيال موجب، هر راسخ العقيده ۽ صالح عمل وارو ماڻهو مسلمان هو، پوءِ ظاهري طور هو ڪٿي، موجوده گروه بنديءَ موجب، ڪرستان، ٻڌ، هندو، يهودي وغيره مذهبن يا کهڙن به ٻين نظرين جي پوئلڳن ۾ شمار ٿيندو هجي. اهڙيءَ طرح هر فاسق ۽ بدڪردار ماڻهو غير مسلم هو، پوءِ ڪٿي ظاهري طور هو مسلم گروه بنديءَ ۾ شمار ٿيندو هجي. مذهبن جي موجوده گروه بندي غلط ۽ مصنوعي هئي.

(٥) هر آها ڳالهه جا خود مطلبيءَ تي مبني هجي، هر اها ڳالهه جنهن مان نفرت ۽ نفاق پيدا ٿيئو هو، هر اها ڳالهه جا رضامندي جي

خلاف ۽ زور زبردستيءَ ذريعي عمل ۾ آندي وڃي، ۽ هر اها ڳالهه جنهن مان انساني اتحاد، امن ۽ ترقيءَ خلاف فرقيوارانه ۽ گروه بنديءَ جي بوءِ ايندي هجي، سا ڪفر هئي، پوءِ ڪٿي اسلام جي لباس ۾ ان کي ڍڪيو وڃي.

مٿي ڀنهي گروهن جي اسلامي تشريح جا مکيه متا بيان ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ هيٺ ٻنهيءَ تشريح جي غلط ۽ ٺيڪ تعبير جي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ دليل پيش ڪندس.

جيڪڏهن تعصب ڇڏي، انهيءَ سموري مسئلي تي منصفانه غور ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته نه صرف پاڪستان ۾ مشڪلاتن جو بنيادي ڪارڻ اسلام جي ملا واري تشريح ڏسڻ ۾ ايندي، بلڪ دنيا جي اڪثر مسلمانن جي پست حاليءَ ۽ تنزل جو مکيه ڪارڻ اسلام جي اها تشريح معلوم ٿيندي. اها ڳالهه اڄڪلهه جي پيداوار نه آهي، پر پيغمبر اسلام جي وفات کان وٺي هلندي پيئي اچي. حضرت محمد صلعم، پيغامبر ۽ غير معمولي منتظم هئڻ ڪري، رسالت ۽ حڪومت جو ڪاروبار سا ڳئي وقت خوش اسلوبيءَ سان هلائيندو پئي آيو. ليڪن هن جي وفات بعد، جڏهن رسالت جو ڪم پورو ٿيو، ته مذهبي عقيدن جي اشاعت ۽ سياسي ڪاروبار هلائڻ بابت سندس پوئلڳ ٻن راين ۾ ورهائجي ويا، جنهنڪري اسلام جي جدا جدا تشريح ٿيڻ لڳي.

هڪڙا دين کي منظم ڪري، حڪومت ذريعي، ان جي نظام ۽ فروغ جا حامي ٿيا. ٻيا، ديني ڳالهين کي ساڃهه‌ءَ جو شخصي معاملو سمجهي، ان ۾ اختلاف راءِ جائز ڄاڻي، ان جي نظام کي سياست ملڪ کان علحده رکڻ جا طرفدار بنيا.

هڪ ڌر، مذهب کي منظم ڪري، ان جو نظام ۽ فروغ حڪومت ذريعي ڪرڻ گهريو. آنهن مذهب ۽ سياست کي گڏي، مسلمانن جي علحده سوسائٽي قائم ڪرڻ لاءِ تبليغ ۽ جهاد کي پنهنجي پاليسيءَ جو لازمي جز قرار ڏنو. اهو گروه حڪومت ذريعي، مذهب جي مشتهريءَ، تبليغ ڪرڻ، زور زبردستيءَ ڪتب آڻڻ ۽ لالچ ڏيڻ

سان، لياقت هوندي نہ هوندي مسلمانن جو تعداد وڏائڻ جو حامي هو.
پيءُ ڏر، ساڻهن کي چند عقيدن ۽ دستورن جي سوسائٽيءَ ۾ داخل ڪرڻ جي عيوض، اسرار الاهي ۽ رموز ڪائنات جي کوجنا، خدمت خلق ۽ حميده اخلاق جي تلقين ڪئي. هيءُ گروه رضاڪارانہ طور سالم دل ۽ دماغ ارادتمندن کي تربيت ڏيڻ ۾ مشغول ٿيو. وٽن لياقتن ۽ چونڊ کي ترجيح ڏني ويندي هئي، ۽ مشتهريءَ کان گوشو ڪيو ويندو هو؛ وٽن لالچ کان پري رهي، سادي زندگي گذارڻ کي مقدم ۽ لازمي سمجهيو ويندو هو.

جيئن تہ ماڻهن جو گهڻو تعداد جاهل، خود مطلب، وهم پرست، طاقت جو پوڄاري ۽ انڌيءَ تقليد جو حامي، پراڻن دستورن ۽ رواجن جو عادي پئي رهيو آهي، ان ڪري دنيا ۾ اڪثر ڪري حڪمران طبقي واري اسلامي تشريح جا پوئلڳ گهڻا پئي رهيا آهن. جيئن تہ سالم دل ۽ دماغ، بي طمع، ساده مزاج، اقتدار ۽ شهرت کان گوشو ڪندڙ، آزاد خيال ۽ بي ڊپا ماڻهو ٿورا ٿين ٿا، ان ڪري پئي اسلامي تعبير جو علم ۽ فائدو محدود ماڻهن کي پئي نصيب ٿيو آهي.

انهيءَ پوئين گروه ۾ ڪي اعتدال پسند هئا، جن حڪمران طبقي جي مخالفت، ڪثير تعداد جماعت جي لحاظ، مصلحت وقت، عام ماڻهن جي ڪمفهمي ۽ خود مطلبيءَ وغيره سببن ڪري، انهيءَ تعليم کي مخفي رکي، سينہ بسينہ راز طور، خاص سمجهدار ۽ چونڊيل ماڻهن کي پئي تعليم ۽ تربيت ڏني. ليڪن انهن ۾ بہ ڪي انتهاپسند ۽ انقلابي هئا، جن حڪمران طبقي جي مخالفت، مصلحت وقت وغيره جو خيال نہ ڪري، انهن رازن ۽ حقيقتن جو اعلانيہ اظهار ڪيو؛ جنهنڪري حڪمران طبقي ۽ انهن جي طرفدار مذهبي ملن طرفان مٿن جماعت ۾ انتشار، وقت جي خليفي سان بغاوت ۽ عام تسليم ڪيل مذهبي عقيدن، دستورن ۽ رواجن جي انحرافيءَ جا الزام لڳائي، کين باغي، ڪافر، زنديق ۽ بدعتي قرار ڏيئي، سخت سزائون ڏنيون ويون.

حضرت امام حسين عليہ السلام، منصور حلاج، شمس تبريز،

Gul Hayat Institute

سرمد شهيد، شاهه عنايت، مخدوم بلال وغيره جا نالا انهيءَ ڏس ۾ گهڻي لسٽ مان مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا، جن آزادانه اظهار راءِ جي ڪري قربانيون ڏنيون. صحيح بخاريءَ ۾ ابن عباس کان روايت آهي ته "مون ڪي آنحضرت صلعم کان ڪي اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيون آهن، جي هن وقت ظاهر ڪريان ته مارجي وڃان." انهن حقيقتن کي مد نظر رکي، حافظ شيرازيءَ جهڙي رند کي به مجبوراً چوڻو پيو ته -

مصلحت نيست که از پرده برون افتد راز،
ورنه در مجلس رندان خبري نيست که نيست.

[يعني، اها ڳالهه مصلحت پري نه آهي ته رازکي پردي کان ٻاهر ڪجي؛ نه ته رندن کي گهڻيون خبرون آهن.]

شاهه سائين ان تي فرمائي ٿو ته ـــ

ڪران وجهه م وات، ڏول سنهنجي ڳالهڙي،
سڄڻ رتي رات، اورڻ ۾ اونهي ٿئي.

مسلمان حاڪمن جي فتحن بعد، حڪمران طبقي طرفان مسلمانن جي نئين ناهيل جماعت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سهوليتن جي مهيا ڪرڻ، ٻين مذهبن جي پوئلڳن کي تڪليفون ڏيڻ ۽ اسلام کي چند عقيدن، عبادتن، رسمن ۽ دستورن ۾ محدود ڪرڻ ڪري، ظاهري طرح مسلمانن جو تعداد ته وڌڻ لڳو، ليڪن حقيقي طرح صحيح اسلامي تعليم جا ڄاڻو ٿورا پئي رهيا آهن. ڪيترن مورخن جو رايو آهي ته اڪثر مسلمان حڪومتن جو اسلامي اصولن سان واسطو نه پئي رهيو آهي.
هن وقت به ساڳي حالت آهي.

## (۲)

## حڪمران طبقي جي اسلامي تشريح جا نقص

**هنن جو پهريون مکيه عقيدو اسلام جي آخري، مڪمل ۽ عالمگير دين هئڻ جو آهي.** اسان کي ڏسڻو آهي

ٿو، جو انهن جا پوئلڳ ڪيترن ڪروڙن ماڻهن تي مشتمل آهن ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ رهن ٿا.

هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ انهن عالمگير مذهبن ۾ ڪانئن اڳ وارن مذهبن جي عقيدن ۽ دستورن کان ڪي وڌيڪ اضافا ٿيل آهن، انهن ۾ خدا جي تصور، حيات بعدالممات، محبت، امن ۽ فلاح انسانيءَ متعلق نوان اضافا آهن. ليڪن زياده تر آهي مذهب قديم عقيدن، رسم رواج ۽ دستورن تي مشتمل آهن. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ عالمگير مذهب جي بانين، عام ماڻهن جي قديم روايات، گذشتہ عقيدن ۽ دستورن سان وابستگيءَ، گهڻن ماڻهن جي ذهني پستيءَ، جهالت ۽ وهم پرستيءَ کي نظر ۾ رکي، ڪيترن پراڻن عقيدن، رسم و رواج ۽ دستورن کي ڪيڏڻ کان پاسو ڪيو آهي. ڇو تہ ڪين خبر هئي تہ گهڻا ماڻهو، قدامت پسند هئڻ ڪري، صفا نئين ڳالهہ نہ سمجهي سگهندا، ۽ نہ ان کي قبولڻ لاءِ تيار ٿيندا.

اها حالت تقريباً هرهڪ عالمگير مذهب جي آهي. مذهب اسلام بہ اهڙين ڳالهين کان خالي نہ آهي. ان جا اڪثر عقيدا ۽ دستور اڳوڻن مذهبن ، قبيلائي عقيدن ۽ دستورن تان ورتل آهن، ۽ ٻين عالمگير مذهبن سان مشابهت رکن ٿا. هن مذهب جا بہ نوي سيڪڙو عقيدا ۽ دستور قديم مذهبن جي وهم پرستيءَ ۽ خوف مان پيدا ٿيل عقيدن ۽ دستورن جي پيداوار آهن. اسلام جي هيٺ ذڪرڪيل مکيہ عقيدن ۽ دستورن جي اصل بابت کوجنا ڪبي، تہ معلوم ٿيندو تہ اهي نہ صرف عربن جي ايام‌جاهليت بلڪ انسان جي وحشي دور جي روايات تي تعمير ٿيل آهن ، جن جي موجوده زماني جي حالتن موجب ڪا ضرورت نہ رهي آهي. عقل ۽ سمجهہ جي ڪسوٽيءَ تي اهي بيسود معلوم ٿين ٿا. منجهائن ڪن جي تہ ڪا مراد ۽ مطلب ئي نٿو ڏسڻ ۾ اچي، بلڪ آهي اڄوڪيءَ حالت موجب مضحڪہ خيز ۽ طفلانہ حرڪتون پيون معلوم ٿين ٿيون.

مثلاً ، ملا واريءَ تشريح موجب اسلام جا جي مکيہ عقيدا ۽ دستور ليکجڻ ۾ اچن ٿا، سي هيٺيان آهن:

١- خدا جي شخصي تصور جو عقيدو.

٢- خلقت انسان ، حيات بعدالممات، عالم برزخ ، روز قيامت، پلصراط، ميزان، بهشت ۽ دوزخ جا عقيدا .

٣- حج ڪرڻ، ڪعبي جو طواف، مينا ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ، ڏکون پائڻ وغيره.

٤- جانورن جي قرباني، ۽ صدقا، وغيره.

٥- ختنو يا طهر ڪرائڻ .

٦- جانورن جي نحس ۽ سعد، حلال ۽ حرام جو عقيدو.

٧- مري ويلن لاءِ طعام، ڪپڙا وغيره ڏيڻ ۽ ختما ڏيارڻ.

٨- تعويذ ۽ ڌاڳا، ڦيڻا ڇنڊا وغيره ڪرڻ .

٩- مزارن جون زيارتون ڪرڻ، ختما ڏيارڻ، دعائون گهرڻ .

١٠- عبادتون، ورد، وظائف ۽ روزا رکڻ، وغيره.

جنهن صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل اسلام جي تسليم ٿيل عقيدن ۽ دستورن کي عرب جي ايام جاهليت ۽ وحشيانه دور جي مذهبن مان اخذ ڪيل عقيدا ۽ دستور سڏڻ جي راءِ ظاهر ڪئي اٿم، ان ڪري بهتر اهو ٿو ڄاڻان ته هر هڪ ڳالهه لاءِ مختصر طور دليل ۽ ثابتيون پيش ڪريان.

## ١- خدا جي شخصي تصور جو عقيدو:

ماڻهو ڪمزوريءَ، تڪليف، خوف ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ اڪثر ڪنهن مدد لاءِ منتظر پئي رهيو آهي، ۽ انهيءَ مدد واسطي ابتدا کان وٺي هن ڪي مددگار يا معبود پئي چونڊيا آهن، جن کان مهل سر مدد يا آئت وٺڻ لاءِ هو ملتجي پئي رهيو آهي. تاريخ جي ٿوري مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ان لاءِ هن ڪنهن وقت جانورن، جهڙوڪ: هاٿي، شينهن، ڍڳي، واڳون، نانگ ۽ عقاب وغيره جي پرستش پئي ڪئي آهي، ته ڪنهن زماني ۾ جبلن، دريائن، سمنڊن،

وڻن، باهه، ڌرتيءَ، جن ڀوت، سج چنڊ ۽ تارن جي پوڄا به ڪئي آهي. آخر ۾ خود ماڻهوءَ جي پرستش جو دستور پيو. جنهن ۾ قبيلن جا وڏا، جادوگر، مذهبي مهندار ۽ بادشاهه معبود ٿي ليکجڻ لڳا، ۽ اڳتي وڌي، بت پرستيءَ جو رواج پيو.

ان کان پوءِ، عالمگير مذهبن طرفان انهيءَ انساني تصور جو خدا مٿي آسمان ۾ ويٺل ڄاڻي، ان کي ڪائنات جي پيدا ڪرڻ، فنا ڪرڻ، ماڻهن جي رزق ڏيڻ ۽ هر معاملي تي نظرداري ڪري، انعام ۽ سزا ڏيڻ وارو سمجهي، ان جي عبادت ڪرڻ جو رواج وڌو ويو. بائيبل جي ڪتاب "پيدائش" جي باب اول جي آيت ٢٦ ۾ ڄاڻايل آهي ته "خدا ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ صورت تي بنايو." اهڙيءَ طرح عربيءَ ۾ به چوڻي آهي ته: خلق الله الآدم علي صورته ــ [معني، آدم کي خدا پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو].

اهڙيءَ طرح سان، ٻين مذهبن وانگر، مسلمانن به، ملا جي تشريح مطابق، خدا جي انساني تصور جا اصول قبول ڪري، ان جي عبادت ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن موجب خدا ستين آسمان تي ڪرسيءَ تي ويٺل هو، هن کي هٿ، پير، اکيون، ڪن، منهن ۽ جسم هو؛ هو ساريءَ ڪائنات جو پيدا ڪندڙ، رزق ڏيندڙ، جزا ۽ سزا جو مالڪ ۽ ماريندڙ هو. پيغمبر حضرت محمد صلعم معراج تي حضرت جبريل سان گڏجي وٽس ستين آسمان تي ويو هو. قيامت جي ڏينهن هو هيٺ لهي اچي ويهندو. سڀني ماڻهن جا حساب ڪتاب سندس اڳيان تارازيءَ ۾ توري تپاسيا ويندا. پوءِ اهي ان موجب بهشت ۽ دوزخ ۾ موڪليا ويندا، وغيره. مسلمانن جا نهايت مکيه امام ۽ عالم انهيءَ نظريي ۾ اعتقاد رکندڙ هئا، جهڙوڪ امام مالڪ بن انس رض، امام احمد بن حنبل رض، امام دائود بن علي رض، ابن تميم رض، ابن قيم رض، ابن حزم رض ۽ شوڪاني انهيءَ راءِ جا شمار ڪيا وڃن ٿا. (ڏسو "مذهب اسلام" از محمد عبدالغني.) قرآن شريف ۽ حديثن مان اهڙي عقيدي جي فائدي ۾ ڪيترا حوالا پيش ڪري سگهجن ٿا. مثال لاءِ هيٺيون آيتون ۽ حديثون انهيءَ سلسلي ۾ پيش ڪري سگهجن ٿيون:

Gul Hayat Institute

(١) الرحمان علي العرش استوي (آية.)

[معنيٰ - الله سائين آسمان تي ويٺل آهي.]

(٢) وجاء ربک و الملک صفا صفا (آية.)

[معنيٰ - جڏهن تنهنجو رب آيو، تہ ملائڪ صفون ٻڌيو (سائس گڏيا) آيا.]

(٣) ثم ادنيٰ فتدليٰ فڪان قاب قوسين او ادنيٰ (آية)

[معنيٰ - جڏهن (حضرت محمد صلعم خدا کي) نزديڪ ٿيو، تہ (خدا) لهي آيو، پوءِ (پيغمبر ۽ خدا جي وچ ۾) فرق صرف ڪمان جي ٻن گوشن جيترو يا ان کان بہ گهٽ وڃي رهيو.]

(٤) يدالله فوق ايديهم (آية.)

[معنيٰ - الله جو هٿ انهن جي مٿان آهي.]

(٥) و يبقيٰ وجهہ ربک ذوالجلال والاڪرام (آية)

[معنيٰ - باقي وڃي تنهنجي رب جو منهن رهندو.]

(٦) و يوم يڪشف عن ساق (آية)

[معنيٰ - جنهن ڏينهن تنهنجي رب جي ٽنگ جي ٻڪي کلندي.]

اهڙيءَ طرح حديثن مان بہ ان ڳالهہ جي ثابتي ملي ٿي. حضرت ابوهريره کان ڪتاب صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ روايتون آهن تہ:

(١) و اماالنار فلاتمتليٰ حتي يضيع الله رجله (حديث)

[معنيٰ - (قيامت جي ڏينهن) دوزخ تيسين تائين ڪونہ ڀربو، جيسين تائين الله تعاليٰ سندس پير ان ۾ نہ وجهندو.]

(٢) ينزل ربنا تبارک و تعاليٰ ڪل ليلة الي السماء الدنيا. (حديث)

[معنيٰ - اسان جو رب تعاليٰ هر رات آسمان کان زمين جي طرف هيٺ لهي اچي ٿو (خبرچار لهڻ لاءِ).]

Gul Hayat Institute

حضرت عبدالله بن مسعود کان صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ روايت آهي ته:

(٣) ان الله يمسک الموت السماوات يوم لقيامت علي اجمع و الارض علي اصبع الخ (حديث)

[معنيٰ ـ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن آسمانن کي هڪ آڱر تي جهليندو ۽ زمين کي ٻيءَ آڱر تي جهليندو.]

اهي چند حوالا آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلمانن جي گهڻي حصي ۾ خدا بابت اهڙو انساني تصور وارو اعتقاد وينل آهي. جڏهن کان فيلسوفن ۽ صوفياي ڪرام انهيءَ تصور خلاف دليل ڏنا، ته ڪن مسلمان عالمن مجبوراً انهيءَ جي جواب ۾ خدا جيءَ بيءَ شڪل ۽ بي مثال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن اڄ تائين ملا جي تشريح ۾ مڃيندڙ خدا کي انساني صفتن سان منسوب ڪندا اچن ٿا ــ جهڙيءَ طرح: ڏسڻ، ٻڌڻ، راضپو، ناراضپو، حساب ڪتاب جي بنياد تي بهشت، دوزخ، وغيره. ڪي اڄ تائين اهڙا به آهن، جي خدا جي مٿي ذڪر ٿيل شخصي تصور ۾ مڃيندڙن کان سواءِ ٻين کي قرآن ۽ حديث جا منڪر ٿا ڄاڻن.

## ٢- خلقت انسان، حيات بعدالممات، عالم برزخ، روز قيامت، پلصراط، ميزان، بهشت ۽ دوزخ جا عقيدا:

انهن ڳالهين بابت ملا جي تشريح ۾ مڃيندڙن ۾ ڪي خاص عقيدا وينل آهن، جي اڳين مذهبن جي عقيدن تان ورتل آهن. ان موجب سندن چوڻ آهي ته روز ميثاق تي خدا صاحب جڏهن "ڪن" (ٿيءُ پؤ!) جو لفظ ڪڍيو، ته ساري ڪائنات پيدا ٿي پيئي، ۽ انهيءَ سان گڏ انساني روح به پيدا ٿيا، جن کان خدا پڇا ڪئي ته هو ڪيس سڃاڻن ٿا! تڏهن هنن هائوڪار ڪئي. آهي انهيءَ وقت کان وٺي روحن جي دنيا ۾ رهن ٿا، جتان سندن تقدير ۾ لکيل وقت تي هن دنيا ۾ اچي، وري مرڻ بعد هو عالم برزخ ۾ وڃي رهن ٿا، جتي قيامت جي ڏينهن تائين هوندا. آتي هن دنيا وانگر گهمن ڦرن

دستور بہ گھڻي وقت کان قديم سورج ديوتا جي پوڄارين ۾ مروج هو، جي سيارن جي سج جي چوڌاري طواف ڪرڻ جي رسم موجب ائين ڪندا هئا. شيطانن کي پٿرين هڻڻ بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ آهي قديم عرب جي مخالف ديوتائن جي بتن جي خلاف احتجاج ڏيکارڻ لاءِ هنيون وڃن ٿيون. ان جاهلانہ دستور کي اڄا تائين قائم رکيو اچن. سنا ۾ ڊوڪون پائڻ جي دستور بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ حضرت ابراهيم جي مصري بيبي هاجران سندس ساڻ ساران بيبيءَ جي خوف کان هن طرف نڪري آئي، تہ کيس سندس پٽ حضرت اسماعيل ڄائو. پاڻي ڪونہ هو، جنهنڪري، مضطرب ٿي، ان جي ڳولا ۾ ڊوڪون پاتائين ۽ پوءِ فرشتن جي مدد سان کوهہ پيدا ٿي پيو. اهي ڊوڪون انهيءَ رسم ادا ڪرڻ لاءِ پاتيون وڃن ٿيون.

انهن سڀني ڳالهين ۾، سواءِ قديم دستور ۽ رسمن دهرائڻ جي، ڪا هدايت يا رهبريءَ جي ڳالهہ نہ آهي، جو ملا واري اسلام کي آخري ۽ مڪمل بنائي، جيڪو حج جي اهڙين قديم رسمن جي ادائگيءَ کي فرض ٺهرائي ٿو.

۴. **جانورن جي قرباني.** قرآن ۾ آهي تہ حضرت ابراهيم خواب لڌو تہ خداوند فرمائي ٿو تہ حضرت اسماعيل پنهنجي پٽ کي قربان ڪر. انهيءَ حڪم جي بجاآوريءَ لاءِ هن حضرت اسماعيل کي ڪُنو ٿي، تہ ان جاءِ تي ملائڪن گهيٽو آڻي رکيو. انهيءَ سنت قائم رکڻ لاءِ قرباني ڪئي وڃي ٿي. بائيبل ۾ حضرت اسماعيل جي عيوض حضرت اسحاق جو نالو آندو ويو آهي. بهرحال ٻنهي ڪتابن ۾ قربانيءَ جو ڪارڻ خدا جو حڪم ٻڌايو وڃي ٿو.

قديم مذهبن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهوءَ ۽ جانورن جي قربانيءَ جو دستور حضرت ابراهيم عليہ السلام کان هزارها ورهيہ اڳ جو پراڻو آهي. گهڻو ڪري هر قديم مذهب ۾ ان جو دستور هو. تاريخي کوجنا مان پتو پوي ٿو تہ، اهو وحشيانہ دور جي وهم پرستيءَ جو رواج هو، جنهن ۾ معبودن جي غصي ۽ ڪاوڙ کي دور ڪرڻ يا

انهن جي رضامنديءَ خاطر ساري قبيلي کي بچائڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ جي قرباني ڏني ويندي هئي. آنهيءَ زماني ۾ خدا جو تصور خوفناڪ جاندار يا ديوتا وانگر هو، جو سواءِ ماڻهوءَ جي رت ڏيڻ جي راضي نہ ٿيندو هو. حضرت ابراهيم جو خدا بابت تصور بہ شخصي هو. جنهنڪري ان کي راضي ڪرڻ لاءِ هن پٽ کي قربان ڪرڻ گهريو ٿي.

بائيبل (توريت) جي ڪتاب "پيدائش" جي باب ۱۸ ۾ لکيل آهي تہ خدا جلشانہ ٽپهرن جو ممري ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي تنبوءَ جي ٻاهران آيو، جنهن تي حضرت ابراهيم عليہ السلام کيس منٿ ڪري، پير ڌوئاري، ٿلهو ڳابو ڪهي، ماني پچارائي کارائي. خدا ماني کائڻ بعد کيس دعا ڏني تہ تنهنجي ٻيبيءَ ساران مان توکي پٽ ڄمندو. هي ان وقت ٻئي ڪراڙا هئا، ايتري قدر جو ٻيبي ساران جي ماهواري بہ بند ٿي ويئي هئي. نيٺ ان دعا موجب ٻيبي ساران مان حضرت ابراهيم کي فرزند ڄائو، جنهن جو نالو حضرت اسحاق رکيائين. ان وقت حضرت ابراهيم عليہ السلام جي عمر هڪ سو ورهيہ هئي ۽ ٻيبي ساران ۹۰ ورهين جي هئي. انهن ڳالهين ۽ مٿي بيان ڪيل قرآن ۽ حديث ۾ آيل ذڪر مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت ابراهيم جو خدا بابت ڪهڙو تصور هو. خدا جي رحمان ۽ رحيم هئڻ جو تصور بعد جو آهي. خبر نٿي پوي تہ ان وحشاني دور جي يادگار قربانيءَ کي اسلام جو مکيہ جزو قرار ڏيئي، ملا صاحب ڪهڙيءَ طرح ان کي مڪمل ۽ آخري دين سڏي ٿو.

۵. **ختنو يا طهر ڪرائڻ.** بائيبل جي ڪتاب "پيدائش" باب سترهين ۾ چاتايل آهي تہ "جڏهين حضرت ابراهيم ۹۹ ورهين جو ٿيو، تہ خدا کيس ڏسڻ ۾ آيو ۽ چيائينس تہ تو ۽ مون ۾ عهد ٿو ڪريان تہ توکي اولاد ڏيندس. جن مان بادشاهہ پيدا ٿيندا. اهي مون کي خدا ڪري مڃيندا. ان جي عيوض ۾ طهر ڪرائج، ۽ پنهنجي اولاد کي بہ طهرجڻ جي هدايت ڪج." ان تي حضرت ابراهيم عليہ السلام طهر ڪرايو، ۽ سندس فرزند حضرت اسماعيل جو ۱۳ ورهين جو هو، تنهن جو بہ طهر ڪرايائين."

مسلمانن ۾ اهو اعتقاد ويٺل آهي ته اهڙن موقعن تي مري ويلن جا روح گهر ۾ اچن ٿا ۽ جڏهين ڏسن ٿا ته سندن نالي ڪجهه ڪيو وڃي ٿو ته خوش ٿي موٽي وڃن ٿا، نه ته رنج ٿيو بد دعا ڪندا وڃن.

جيڪڏهن انهيءَ دستور يا عقيدي جو پورو مطالعو ڪبو، ته ڏسبو ته اهو عقيدو موجوده سيني عالمگير مذهبن ۾ رائج آهي، ۽ ان جو رواج انسان جي وحشيانه دور ڪان پيل ڏسڻ ۾ ايندو. قديم زماني جي قبرن کوٽڻ مان پتو پيو آهي ته انهن ماڻهن ۾ اهو عقيدو ويٺل هو ته مرڻ کان پوءِ به ماڻهوءَ جون سا ڳيون ضرورتون رهن ٿيون. مصر جي اهرامن مان هٿ آيل شين مان پتو پوي ٿو ته مري ويلن سان ڪاڏي پيتي، ڪپڙي، هار سينگار، هٿيارن ۽ سواريءَ وغيره جا سامان گڏ دفن ڪندا هئا. ڪن جڳهن تي زالن ۽ نوڪرن کي به ساڻن گڏ دفن ڪيو ويندو هو، يا ساڙيو ويندو هو ته اهي مري ويلن جو ساٿ ڏين ۽ انهن جي خدمت ڪري سگهن. چين ۾ به اهو دستور عام هو. جڏهين چنگيز خان منگول بادشاه وفات ڪئي، ته ساڻس گڏ سندس چوندا زالن کي جيئري دفن ڪيو ويو هو. جملي مذهبن ۾ انهيءَ ڳالهه جو مختلف نمونن ۾ اعتقاد پئي رهيو آهي. هندن جي ستيءَ جي دستور جو به ان سان لاڳاپو ڏسجي ٿو. مسلمانن به، اڳين مذهبن جي پوئلڳي ڪندي، ڪاڏي پيتي وغيره ڏيڻ جو دستور چالو رکيو ۽ ختما ڏيارڻ شروع ڪيا. هندن جا چانئنتا ۽ پاٺ سا ڳئي دستور جهڙا آهن.

مسلمانن جي اعتقاد ۾ عجيب تضاد آهي. هڪ طرف چيو وڃي ٿو ته هرڪنهن ماڻهوءَ کي سندس عملن موجب جزا ۽ سزا ملندي. ٻئي طرف ختما، درود ۽ خير خيرات ميتن جي نالي ۾ ڪرايا وڃن ٿا — چي، انهن جو ثواب انهن کي پهچندو! جي پوئين دستور کي مڃبو، ته عمل بيڪار ٿي پوندا. هرڪو شاهوڪار پنهنجي عزيز کي، جو ڪٿي زاني، ظالم، بداخلاق رهيو هجي، ختما ڏياري، ملن ۽ غريبن کي سٺا طعام ۽ ڪپڙا وغيره ڏيئي، نجات ڏيارائي سگهي ٿو. انهيءَ ڳالهه ۾ عقيدي رکڻ ڪري سٺن ۽ برن عملن جو تفاوت مٽجي ويندو. انهيءَ دستور ۾ ڪهڙي خوبي آهي، جنهنڪري ملا واري اسلام کي

مڪمل ۽ آخري مذهب چئي سگهبو، ۽ ان جي پوئواري ڪندڙ ماڻهن کي دنيا جي بهترين قوم سڏي سگهبو.

## ٧- ڪن جانورن کي نجس ۽ ڪن کي حلال ڄاڻڻ.

مسلمانن وٽ ڪي جانور پليت ۽ حرام آهن ۽ ڪي حلال آهن، جن مان سوئر کي خاص طور پليت سمجهيو وڃي ٿو. اهو دستور يهودين ۾ به آهي.

هاڻ اچو ته تاريخي حقيقتن جي بنياد تي انهيءَ رواج جو مطالعو ڪريون. انسان جڏهن جهنگلن ۾ وحشي زندگي گذاريندو هو، ته هو وهم پرست هئڻ ڪري، ڪيترين ڳالهين مان سوڻ وٺندو هو. جڏهن صبح جو اٿي جهنگل ۾ ڪاڏي هٿ ڪرڻ، شڪار يا دشمن سان لڙڻ لاءِ ويندو هو، ته مفيد نتيجي لاءِ اڪثري سوڻ وٺندو هو. جيئن ته جهنگل ۾ پکين ۽ جانورن کان سواءِ ٻي ڪا جاندار شيءِ ڪانه هوندي هئي، تنهن ڪري شروع ۾، جڏهن ٻاهر نڪرڻ وقت ڪين اهڙي جانور تي نظر پوندي هئي، جنهن بابت ڪن خاص ۽ محدود تجربن مان هنن کي وهم ويهجي ويو هو ته ان ڪري سندن ڪم سرانجام ٿيو هو، ته اهڙي جانور کي هو سڀاڳو سمجهڻ لڳندا هئا، ۽ جي ان جي ڏسڻ ڪري ڪم سرانجام نه ٿيو هو، يا ڪو نقصان پهتو هو، ته ان جانور کي نڀاڳو سمجهڻ لڳندا هئا. انهيءَ طرح مختلف قبيلن وٽ ڪي جانور سڀاڳا ۽ ڪي نڀاڳا شمار ٿيڻ لڳا، جن کي تاريخ دانن ٽوٽم (Totem) ۽ ٽبو (Taboo) جي نالي سان سڏيو آهي. انهن وهمن ڪري، ڪيترن سڀاڳن (ٽوٽم) جانورن جا بت ٺاهي، هنن پاڻ وٽ رکيا، ته جي صبح جو مٿن نظر پوندي، ته سارو ڏينهن خيريت سان گذرندن. انهن جانورن کي هو پنهنجا حامي ۽ مددگار سمجهڻ لڳا. انهن جانورن جي اڳتي هلي وٿن پرستش شروع ٿي. اهڙي طرح نڀاڳن جانورن کي هو مارڻ لڳا، يا انهن جي بد سوڻ کان بچڻ لاءِ ڪي ٻيا طريقا سوچيا ويا ۽ انهن تي عمل ٿيندو رهيو. شينهن، هاٿي، ڳئون، عقاب، اڙدها وغيره جي

Gul Hayat Institute

**۱۰- عبادتون، ورد، وظائف ۽ روزا رکڻ-** انهن ڳالهين جو رواج پڻ، مختلف نمونن ۾، اڳين مذهبن تان ورتل ڏسجي ٿو. ڪن لفظن جي بار بار دهرائڻ ۾ خاص تاثير هئڻ جو دستور وحشيانه دور کان مروج آهي. انهن لفظن جي ذريعي قديم زماني ۾ مؤڪلن جي حاضر ڪرڻ، جنن ڪڍڻ، ويرسٽ پڙهڻ ۽ جنن کي تابع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو ويندو هو. ورت يا روزا رکڻ جو عام دستور هو، جن جي لاءِ بدن جي پاڪيزگيءَ ۽ نفس مارڻ وغيره جا عقيدا جوابدار هئا. انهن سڀني ڳالهين ۾ موجوده علم ۽ کوجنا بعد معلوم ٿيو آهي ته سواءِ نفسياتي (Psychological) اثر جي ڪو به خاص تاثير ڪونه آهي. انهن ڳالهين ڪري اسلام جي ٻين مذهبن تي فوقيت يا ان جي مڪمل ۽ آخري مذهب جي دعويٰ ۾ ڪا به تقويت ڪانه ملي سگهندي.

مٿي ذڪر ڪيل تفصيل مان پتو پوي ٿو ته ملا جي تشريح وارو اسلام ڪيئن نه قديم مذهبي دستورن، عقيدن ۽ عبادتن جي طريقن مان پريو پيو آهي. ان ڪري ملا جو هي چوڻ ته سندس تشريح وارو اسلام مڪمل ۽ آخري دين آهي، سراسر غلط ۽ بي معنيٰ آهي. جهڙيءَ طرح ڪي ساهوارا جانور مختلف ارتقائي منزلون طي ڪندا، ماڻهوءَ جي درجي تي پهتا آهن، اهڙو ساڳيو قانون مذهبن سان به لاڳو آهي. انساني سمجهه، علم، رسمون ۽ رواج، عقيدا ۽ دستورالعمل، زماني جي مختلف دورن، انساني تجربن ۽ معاشرن جي تبديلين سبب، ارتقا ڪندا رهن ٿا. تنهنڪري اخلاقي قانونن، معاشري جي رسمن رواجن ۽ مذهبي عقيدن ۾ به حالتن جي تقاضا موجب تبديلي ۽ ترقي جاري رهڻي آهي. ان ڪري، مذهبي عقيدن ۽ قانونن کي محدود ڪري، آخري شڪل ڏيئي، مڪمل سڏڻ خود دين فطرت (اسلام جي روح) جي خلاف آهي. خود اسلام جو مذهب به ان عام قانون کان مستثنيٰ ٿي نٿو سگهي. جنهن ڳالهه جي ابتدا ۽ انتها جو پار نه آهي، ان کي انتها تائين ڪن دستورن ۽ عقيدن ۾ بند ڪري ڇڏڻ قانون فطرت (ارتقا) جي اڻڄاڻائي ۽ عقل جي خامي آهي. اسلام جي نالي ۾ اهڙي دعويٰ ڪندڙ جاهل ملن کي اها به خبر نٿي پوي ته دين فطرت

کي اِنهيءَ طرح مڪمل ۽ آخري سڏي، محدود ڪرڻ مان ان جو قدر ۽ قيمت وڌي ٿي يا گھٽجي ٿي! "عالمگير" لفظ اسلام لاءِ ڪتب آڻڻ ۾ ڪجھ هرج نہ آهي، جيڪڏهين ان جي معنيٰ اها ورتي وڃي تہ ان جا پوئلڳ ڪروڙن جي تعداد ۾ دنيا جي گھڻن حصن ۾ رهن ٿا. اُنهيءَ معنيٰ موجب، هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، ڪرستانن جو مذهب، ۽ ڪميونزم جا نظريا بہ عالمگير حيثيت رکن ٿا. ليڪن ائين سمجھڻ تہ ساري انسانذات جي نجات ۽ ڇوٽڪارو ملا جي تشريح واري اسلامي جماعت ۾ شامل ٿيڻ مان حاصل ٿيڻ وارو آهي ۽ آخر ساري انسانذات ان جماعت ۾ داخل ٿيڻي آهي، سا ڳالھ غلط، ڏوڪو ۽ حقيقي اسلام جي تعليم جي خلاف آهي.

مٿي مختصر طور ٻڌائي آيو آهيان تہ مذهبي عقيدن ۽ دستورن، رسمن ۽ رواجن ۽ عبادتن جي ابتدا ڪيئن ٿي ۽ آهستي آهستي انهن ۾، حالتن ۽ وقتي تقاضائن سبب، ڪيئن تبديليون ايندي ويئون. ان مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ مذهبن جو تاڃي پيٽو ساڳئي مواد مان ٺهيل آهي. پر ملڪي ضرورتن، طبقاتي مفاد ۽ زماني جي تقاضائن پٽاندر ان جي ڊزائين ۽ رنگ وغيره علحده پئي رهيو آهي. صوفيءَ جي نقط نگاه موجب، اهي عقيدا، رسمون ۽ رواج ۽ دستورالعمل جاهلن جي طفل تسليٰ لاءِ مصنوعي ٺاهيا ويا آهن. اهل نظر ۽ حقيقت شناس ماڻهن وٽ انهن جي ڪابہ وقعت نہ آهي.

Gul Hayat Institute

غالب فرمائي ٿو تہ ـــ

مجھ کو معلوم ہے جنت کی حقیقت لیکن،
دل کے بہلانے کو غالب یہ خیال اچھا ہے.

سنڌ جي مشهور صوفي شاهہ نصير فرمايو آهي تہ ـــ

"بهشت دلاسو، دوزخ ڏڙڪو، ڪوڙي سامي، ڪوڙو ڪڙڪو:

"منهنجا لاڳاپا ويا لهي، شاهہ حسن تنهنجي شوق ۾."

قرآن جون هيٺيون آيتون ملا طرفان اسلام جي مٿي بيان ڪيل

جي ملائڪن، ڪتابن ۽ رسولن جي صداقت ۾ ويساه رکن ٿا. ۽ انهن جي تعليم ۾ ڪوبہ فرق نٿا ڄاڻن.]

انهيءَ جي حقيقي معنيٰ اها ٿئي ٿي تہ رسولن ۽ ڪتابن جي ظاهري ڪثرت پويان حقيقي وحدت هئڻ ڪري سڀني ۾ اعتبار رکڻ ضروري آهي. ان جي اها معنيٰ هرگز نٿي ٿي سگهي جيئن ملا چون ٿا تہ اسلام جي اچڻ ڪري ٻيا مذهب ۽ انهن جا ڪتاب سڀ منسوخ ٿي ويا، ۽ اسلام جدا، برتر، مڪمل ۽ آخري مذهب ٿي ويو. جي ائين هجي ها، تہ سڀني پيغمبرن ۽ ان جي ڪتابن ۾ بنا فرق جي ايمان آڻڻ جي هدايت ئي ڪانہ ڪئي وڃي ها. ان مان اهڙي معنيٰ ڪيڍڻ روح اسلام ۽ قرآني تعليم جي خلاف ٿيندي.

**حڪمران طبقي جي طرفدار گروه جي اسلامي تشريح مطابق سنڌين ۾ پيو مڪيم عقيدو هي بہ آهي تہ اسلام انسانذات جي جملي مشڪلات جو حل ۽ مڪمل فلسفهء حيات آهي.** انهيءَ مسئلي تي روشني وجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ هيٺين ٻن سوالن جا جواب ڏجن:

(الف) انسانذات جا ڪهڙا مشڪل: اسلام جي ذريعي حل ٿي سگهن ٿا؟

(ب) اسلام ڪهڙو مڪمل فلسفهء حيات ڏسي ٿو؟

## (الف) انسانذات جا مشڪل ڪهڙا آهن؟

اهي ٻن قسمن جا آهن: (١) بنيادي (اهم)، ۽ (٢) فروعي (رواجي).

**(١) بنيادي مسئلا:** هر دور ۽ هر زماني ۾ انسانذات ڪي هي مسئلا درپيش اچن ٿا، جهڙوڪ (١) نفرت ۽ نفاق، (٢) خوف ۽ بدامني، (٣) جهالت ۽ وهم پرستي، (٤) غربت ۽ مسڪيني.

جيڪڏهن ڪو چوي ٿو تہ اسلام مان انهن مسئلن جو حل ملي سگهي ٿو، تہ اهو صرف اسلام جي صوفيائي تعبير مان ملي سگهندو،

Gul Hayat Institute

۽ نہ ملا واريءَ تشريح مان، جو انهن مشڪلاتن جي پيدا ڪرڻ، زور وٺائڻ ۽ برقرار رکڻ جو حامي آهي. انسانن کي جدا جدا مذهبن ۽ فرقن ۾ ورهائڻ جو باعث اها تشريح آهي. غير مذهب يا فرقي جي ناپسنديءَ، گلا ۽ مخالفت ڪرڻ جي ڪري نفرت ۽ نفاق پيدا ٿئي ٿو. اهو ڪم في سبيل الله ملا سر تي کنيو آهي. هن دنيا ۾ ڪافرن جي مخالف جهاد ڪرڻ جو ڏڙڪو ۽ آخرت ۾ خدائي عذاب جو ڏڙڪو خوف پيدا ڪري ٿو، جنهن مان بداسني پيدا ٿئي ٿي. وحشيانہ دور ۾ پيدا ٿيل عقيدن ۽ دستورن سنجهہ ماڻهن کي ڦاسائي رکڻ، ۽ خدا، قرآن ۽ رسول جي نالي ۾ ماڻهن کي عقل ۽ سمجهہ جي پوئلڳيءَ کان منع ڪرڻ بہ انهيءَ تشريح جا جزا آهن. تنهنڪري اهو چوڻ تہ صرف انهيءَ اسلام ۾ انهن مسئلن جا حل ڇاڻايل آهن، روح اسلام جي خلاف آهي. هر ملڪ، قوم، ۽ زماني ۾ نوان مسئلا پيدا ٿيندا رهندا. انهن جا حل بہ عقل، تجربي ۽ حالتن جي تقاضا موجب وقت بہ وقت ڳولڻا آهن. 'امرت ڌارا' وانگر هڪ دوا سڀني مرضن جو علاج بنجي نٿي سگهي. ازانسواءِ غربت ۽ مسڪينيءَ کي دور ڪرڻ جو ڪوبہ حل اسلام طرفان، سواءِ زڪوات، وياج جي منع ۽ خيرات جي، ڇاڻايل نہ آهي، جن تي اڳتي بحث ڪيو ويندو. جيڪي ماڻهو ملا جي تشريح واري اسلام کي انسانذات جي جملي مشڪلات جو حل ۽ مڪمل فلسفهءِ حيات سڏين ٿا، سي يا تہ حقائق دهر کان اڻ واقف آهن، يا تعصب جا پڙدا سندن اکين تي چڙهي وڃڻ ڪري، ڏسي نٿا سمجهن.

جيتريقدر مون غور ڪيو آهي، ملا جي تشريح وارو اسلام هيٺين ڳالهين جو ڪارڻ بنجي ٿو:

١- فسطائيت جو رجحان پيدا ڪري جمهوريت کي ٽوڙڻ جو حامي ٿئي ٿو.

٢- انسانذات اندر مذهبي تعصب پيدا ڪري نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

٣- فوق العقل ۽ الهين جي بنياد تي هر عقلي ۽ سائنسي کوجنا جي راهه ۾ رڪاوٽ جو باعث بڻجي ٿو.

٤- تشدد ۽ جهاد جي تلقين ڪري، بدامنيءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿو.

٥- شخصي ملڪيت جو بچاءُ ڪري غربت ۽ مسڪيني دور ڪرڻ جي آڏو اچي ٿو.

٦- وحشيانه دور جي مروج قانونن جي تائيد ڪري ٿو.

٧- قومن جي برتريءَ ۽ ليڊرشپ جي هڪ - هٽيءَ جي، فسطائي اصول جو حامي آهي.

٨- قرآن جي صريح حڪم ته نجات صرف خدا ۾ اعتبار رکڻ، انسانذات جي روشن مستقبل ۾ ويساهه آڻڻ ۽ چڱن عملن واري کي حاصل ٿيندي، جنهن ۾ مذهب جو فرق نه هوندو، هيءَ نجات کي، مذهبن جي موجوده مصنوعي ورهاست موجب، مسلمانن تائين محدود رکي، انهن ماڻهن کي جي محض نالي ۾ مسلمان آهن، جدا برگزيده قوم سڏي ٿو.

٩- ذات الاهيءَ جي وقت بوقت رهبريءَ کان منڪر ٿي، دين فطرت (قانون ارتقا) جي خلاف، فلسفہ حيات کي ١٣ سو ورهيه آڳي ڏسيل حال تائين محدود رکڻ چاهي ٿو.

**(٢) فروعي مسئلا:** فروعي مسئلا ۽ مشڪلاتون هر ملڪ ۽ زماني جون جدا جدا ٿين ٿيون، جهڙوڪ: سرد ملڪن جون مشڪلاتون ۽ مسئلا علحدا ٿين ٿا، ۽ گرم ملڪن جا علحدا. قطبن جي نزديڪ ملڪن جا ڏينهن راتيون بيحد گهٽ وڌ ٿين ٿيون ۽ مصنوعي سيارن ۾ ڦرندڙ ماڻهن جا ڏينهن راتيون تمام ننڍيون ٿيو پون --- اهڙين حالتن هيٺ، رواجي طرح ١٢ ۽ ١٤ ڪلاڪن جي ڏينهن رات جي بنياد تي ٺهيل پروگرام هلي ڪين سگهندا. ملا جي اسلام ۾ ٥ نمازون فرض آهن، پر ملا کي خبر نه هئي ته جتي ٢٤ ڪلاڪن ۾ سج لهي ۽ ايري ٿو، اتي روزا ڪيئن رکبا ۽ نمازون ڪهڙيءَ طرح پڙهيون وينديون. ساڳي

زماني ۽ ملڪن جي تقاضائن موجب بدلبيون رھن ٿيون. انھن جا حل، پيدا ٿيڻ بعد، سوچي سمجھي ڪڍيا وڃن ٿا. اسلام جا اھي دستورالعمل ۱۳ سو ورھيہ اڳ عرب جي ملڪ ۾ بدويانہ ماحول اندر وجود ۾ آيا. تنھن ۾ جاڙايل فروعي دستورالعمل سيني مسئلن جا حل ۽ ھر ملڪ ۽ زماني سان لاڳو ٺھرائڻ غلط ۽ اڻ پورو آھي. جھڙيءَ طرح ھر بيماريءَ لاءِ جدا علاج ٿين ٿا، اھڙيءَ طرح ھر مشڪلات جو حل بہ جدا ٿئي ٿو. ھر ملڪ ۽ زماني جي اڻ پيدا ٿيل مسئلن جو حل اڳ ۾ شمار ڪري مقرر ڪرڻ ڪيتريقدر ٺيڪ ٿيندو، اھو ھر صاحب عقل سمجھي سگھي ٿو. اھڙيءَ ڳالھ ۾ اعتقاد رکڻ قدرت جي لامتناھي ۽ گوناگون مسئلن کان بي خبري ٿيندي. حضرت محمد صلعم جي زماني ۾ سامھون آيل مسئلن جي وقتي ڏسيل خلن کي ھر زماني لاءِ موزون ۽ ڪارگر سمجھڻ ـــ اھا ڳالھ خلاف فطرت آھي. اھو چوڻ تہ رسول مقبول صلعم جي بدويانہ دور جا ۽ انھيءَ وقت جي عرب جي معاشري کي مدنظر رکي ٻڌايل حل زراعتي، تجارتي، ھنري ۽ سائنسي دورن جي مسئلن لاءِ ڪارآمد ٿيندا، سا ڳالھ خوش اعتقاديءَ ۽ جھالت کان وڌيڪ حيثيت نٿي رکي. خود رسول مقبول صلعم جي قول ۽ فعل مان ظاھر ٿئي ٿو تہ انھيءَ ڳالھ ۾ سندن بہ عقيدو نہ ھو.

ھڪ ڀيري رسول مقبول صلعم کان پڇيو ويو تہ قيامت (يوم الآخرت) بابت خبر ٻڌايو، تہ چيائين تہ ڪيس خبر نہ ھئي. ملا کان جڏھن پڇبو تہ ھو قيامت جي معنيٰ قديم ڏند ڪٿائن تي ٻڌل عقيدي موجب ٻڌائيندو. ليڪن عقل جي ڪسوٽيءَ تي لڳائڻ بعد اھو عقيدو غلط ثابت ٿيندو. حقيقت ۾ يوم الآخرت جي معنيٰ انسان ۽ دنيا جي مستقبل جو احوال آھي. اھا معنيٰ صرف آءٌ پنھنجي طرفان ڪونہ ٿو ڪيان، پر دنياي اسلام جي وڏي عالم ۽ محقق، فيلسوف شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربيءَ جا بہ اھڙا رايا ھئا. ان بابت سندس رايو ھيٺيون آھي:

آخرت سدائين ٿيندي رھي ٿي، دنيا جي پوريءَ طرح پڄاڻي نہ ٿيڻ واري آھي، نڪا ان جي آخري حد آھي. جنھن

ڪي آخرت سڏجي ٿو سا سدائين پيئي هلي. هيءَ دنيا ۽ ٻي دنيا صرف هر وقت ۽ هر زمان ۾ پيدائش عالم جي جدا جدا ۽ نون نون مظهرن جا جدا جدا نالا آهن، ۽ شڪلين بدلائڻ جا مظهر آهن. هڪ شڪل گم ٿئي ٿي تہ اها ٻي شڪل اختيار ڪري ٿي. اها تبديلي هميشه جاري آهي. ڪالهہ جي آخرت اڄ آهي ۽ اڄ جي آخرت سڀاڻ ٿيندي."

ان مان صاف ظاهر آهي رسول مقبول صلعم جي قيامت بابت ٻي خبري ظاهر ڪرڻ مان اڳڪٿي نہ ڪرڻ جو مقصد هو.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻي روايت آهي تہ پاڻ سڳورا هڪ پيري ڪجين جي باغ جي پرسان لنگهي رهيا هئا، تہ ڏٺائون تہ ماڻهن نر ڪجين جو ٻور ڪٽي مادي ڪجين جي مٿان پئي اڇلايو. پاڻ ائين ڪرڻ کان منع ڪيائون ـــ چي، قدرت پاڻهي اهو ڪم پورو ڪندي. ليڪن ان سال ڪجين گهٽ ڦر ڏنو. جڏهن کين اها خبر ٻڌائي ويئي تہ پاڻ ان تي فرمايائون تہ 'آئنده پلي اوهان پنهنجي مرضيءَ ۽ تجربي موجب ٻور ڇٽيندا ڪريو، اسان جو خاص ڪم رسالت آهي، مون کي هر ڳالهہ ۾ دست اندازي ڪرڻ ٺيڪ نہ آهي.' ان جو مطلب اهو نڪري ٿو تہ پاڻ خاص ماهرن جي ڪمن جي اهميت تسليم ڪري، انهن کي آزاد ڇڏي ڏيڻ گهريائون ٿي.

رسول مقبول ٻن حيثيتن ۾ ڪم ڪيو آهي. هڪ وقتي سياسي منتظم جي حيثيت ۾، ۽ ٻيو پيغمبر خدا جي حيثيت ۾. انهيءَ ڪري پنهنجي نسبت ٻہ جدا رايا ڏنا اٿس. جڏهن هن سياسي منتظم جي حيثيت ۾ ڪم ٿي ڪيو، تہ چيائين ٿي تہ آءٌ اوهان وانگر ماڻهو آهيان. جنهن جي معنيٰ اها ٿيندي تہ پاڻ هر بشر وانگر خوبين ۽ خامين جو حاصل هو. ان وقت پاڻهون ۽ گناهن کان ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهرندڙ هو. ٻئي وقت "فقاب قوسين او ادنيٰ" جو سالڪ ٿي، معراج انساني حاصل ڪرڻ جي دعويٰ ٿي ڪيائين. ان وقت "انا احمد بلاميم" بہ هو ۽ مدينت العلم بہ هو. ان ڪري سندس ٻنهي حيثيتن کي هڪ شمار ڪرڻ حقيقتن جي خلاف ٿيندو.

رسول مقبول يا قرآن طرفان ڀڌايل وقتي يا فروعي مسئلن جون ٻالهيون ماڻهن جي سمجهه ۽ زماني جي حالتن جي تقاضا مطابق هيون اهي دائمي حڪم جو رتبو نٿيون رکي سگهن. آهي عارضي هيون. ۽ حالتن ۽ معاشري جي تبديليءَ ڪري پنهنجي افاديت گم ڪري چڪيون آهن. انهن کي هر زماني ۽ حالت لاءِ مفيد چوڻ، روح اسلام، قانون فطرت ۽ حقيقت محمديءَ جي خلاف ٿيندو.

ملا جي دعوي کي مزيد غلط ثابت ڪرڻ لاءِ بهتر ٿيندو ته اسان هن وقت جي مشڪلاتن ۽ مسئلن جو ذڪر ڪري ڀڌايون ته سندس اسلامي تشريح مطابق ان ۾ انهن جو حل موجود نه آهي. منهنجي نظر ۾ هن وقت جا مکيه مسئلا، جن ڪري نفرت ۽ بدامني پيدا ٿئي ٿي، سي هيٺيان آهن:

(١) آمريت (ڊڪٽيٽري)
(٢) افلاس (غربت)
(٣) مستقل طبقاتي مفاد (vested class interest)
(٤) تشدد (زور زبردستي).

## آمريت (ڊڪٽيٽري)

صحيح طور آمريت جي اها معني آهي ته ڪي شخص، گروهه، طبقا ۽ مذهب جا پوئلڳ سندن علم، عقل ۽ معلومات کي مڪمل ڄاڻي، انهيءَ جي صداقت تي اصرار ڪن ۽ ٻين تي اها راءِ زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ڪن. انهيءَ نقطه نگاهه رکڻ بعد آزادانه اختلاف راءِ ۽ بحث مباحثي جي گنجائش ڪانه رهي ٿي. عوام کي شخصن، گروهن، نظرين يا مذهبن جي صداقت ۾ ويساه رکڻ ۽ تقليد ڪرڻ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي. خودمختيار حاڪم، طبقا ۽ مذهبي گروهه ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ حفاظت جا ٺيڪيدار بنجي پون ٿا. سندن هر ڳالهه کي صحيح سمجهي، بنان چون وچران جي ان جي تعميل ڪرڻي پوي ٿي.

Gul Hayat Institute

مذهب جي برخلافيءَ جي نالي ۾ باغي ٺهرائي، سزائون پئي ڏنيون آهن.

ساڳي طرح اڄ ڪلهه جا ڊڪٽيٽر به آزاد خيال ماڻهن تي ملڪ، قوم ۽ نظريي جي مخالفت جو بهتان لڳائي، سزائون ڏين ٿا.

شاه ولي الله عليه دهلوي، اهڙين حالتن ۾ ڳالهين کان متاثر ٿي چوي ٿو ته

"فڪ ڪل نظام بعيد"

[ معني:- اڳين ڪل فرسوده نطامن کي ٽوڙي، عقل جي بنياد تي ملڪي ضرورتن جي لحاظ سان عوام جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ نوان رستا سوچيو. ]

ملا جي تشريح وارو اسلام آمريت جو حامي آهي. ان ڪري ان مان اڄڪلهه جي مسئلن جو حل ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿي سگهي ٿو!

## (۲) افلاس (غربت)

هن وقت دنيا جي سامهون جيڪو مکيه مسئلو آهي، سو آهي ڪثير تعداد ماڻهن جي غربت جو. بين ملڪن کي ڇڏي پاڪستان تي نظر ڪبي، ته ان ۾ ماڻهن جو گهڻو حصو اڻپڙهيل، لٽيل، اجهي، علاج ۽ روزگار وغيره کان محروم رهي ٿو. جن جون انساني ضرورتون به پوريءَ طرح ميسر ٿي نٿيون سگهن. ۵ سيڪڙو ماڻهو مس شاهوڪار يا صاحب اقتدار جا هوندا.

هاڻ ڏسڻو آهي ته قرآن ۽ حديث ۾ انهيءَ مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙو علاج ڏسيل آهي. جيڪڏهن پوريءَ طرح جانچ ڪبي ته ان لاءِ آتي زڪوات، وياج جي منع ۽ خيرات جا طريقا ڏسڻ ۾ ايندا. اچو ته انهن تنهي ڏسيل علاجن جي افاديت تي، موجوده معاشري جي نقطي نگاه کان، نظر ڪريون.

Gul Hayat Institute

زڪوات پيسي، سون، چانديءَ ۽ مال تي مقرر ڪيل آهي. ان مان هن دور جي مسئلن جو حل ممڪن نہ آهي. روڪڙا پيسا هن وقت گهر ۾ ماڻهو ڇڻو رکن ٿا. يا تہ بئنڪن ۾ رکن ٿا يا واپار ۽ ڪارخانن ۾ سيڙائين ٿا. بئنڪن وارا وري اهي پيسا ماڻهن کي واپار ۽ ڪارخانن وغيره لاءِ نفعي تي ڏين ٿا. اسلام ۾ وياج جي بندش ڪري، ماڻهو بئنڪن ۾ پيسا نہ رکندا. بئنڪن کان سواءِ وڏا ڪارخانا يا وڏي پيماني تي واپار هلي ڪين سگهندو.

موجوده معاشري ۾ دنيا جو اقتصادي نظام ٻن جدا دستورن تي ٻڌل آهي: هڪ سرمائيداري نظام آهي، ۽ ٻيو سوشلسٽ يا ڪميونسٽ نظام آهي. سرمائيداري نظام ۾ بئنڪن، وڏن ڪارخانن ۽ تجارتي ادارن جو وجود پيدا ٿئي ٿو. جنهن ڪري هڪڙا تمام شاهوڪار ۽ ٻيا غريب ٿيو وڃن. ڪميونسٽ نظام موجب ساري خانگي ملڪيت ختم ٿي، جماعت جي هٿ ۾ اچيو وڃي. اسلام ٻنهي جي مخالف آهي. هڪ طرف آهو شخصي ملڪيت کي ختم ڪرڻ جي خلاف آهي تہ ٻئي طرف وياج بند ڪري موڙيءَ مان ٻارهن مهينن ۾ اڍائي سيڪڙو وصول ڪرڻ گهري ٿو، جنهن جي خرچ لاءِ بہ مقرر ڪم ڏسي ٿو. اڄڪلهہ جون حڪومتون تمام وڏيون ۽ وسيع ڪاروبار هلائڻ واريون ٿي پيئون آهن. انهن جي مختلف ڪاروبار هلائڻ لاءِ گهڻي پيسي جي ضرورت ٿئي ٿي، جنهنڪري مختلف ٽئڪسون وجهي ڪاروبار هلايو وڃي ٿو. ماڻهو هڪ طرف اهي ٽئڪسون ادا ڪن. ٻئي طرف وياج نہ وٺن، ۽ مور جو چاليهون حصو سال بسال ڏين، تہ پوءِ موجوده تمدن جو معاشرو هلي ڪين سگهندو، ۽ ماڻهن کي وري بدويانہ دور ۾ موٽي وڃڻو پوندو. خيرات رضاڪارانہ طور ڏجي ٿو، ان تي عمل ٿيڻ مشڪل آهي. مطلب تہ ملا جي مذهب اسلام ۾ هن دور جي معاشري جي اقتصادي حالت درست ڪري، افلاس دور ڪرڻ جو حل موجود ئي نہ آهي. ڪي ماڻهو اڄڪلهہ اسلام کي مروڙي، سوشلزم جي اصولن جو حامي چوڻ لڳا آهن. اها ڳالهہ طفل تسليءَ ۽ خود فريبيءَ کان مٿي نہ آهي.

ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اهو سلسلو هليو اچي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ به اهڙين ڳالهين کان متاثر ٿي، سنڌ جي انقلابي شاعر ۽ درويش سچل سرمست عليه الرحمة ڪي چوڻو پيو ته ـــ

جيسين منبر مسجد، مناري ويران نه ٿيسين،
حال حقاني ميان سچو، حاصل نه ٿيوي!

يعني . جيستائين ملا جو مسجد جي منبر تان ٻيهي، اسلام جي غلط تعبير جي نالي ۾، ماڻهن کي ڌوڪو ڏيڻ ۽ مسجد ۾ ان غلط تشريح جي پرچار ڪرڻ جو سلسلو جاري هوندو، ان وقت تائين صحيح حقيقتن جو معلوم ٿيڻ مشڪل آهي. انهيءَ ڪري ڳالهه جي پڌر پوڻ لاءِ، ملا جي ڍڪوسلي کي ڍهڻ گهرجي.

(۴) **تشدد (زور زبردستي):** ڇوٿون مشڪل مسئلو دنيا جي سامهون تشدد (هنسا) جو آهي. انهيءَ لفظ جي صحيح معنيٰ اها ٿئي ٿي ته ماڻهن ۾ ويساهه، ويهاريو وڃي يا ويٺل هجي ته هر ڳالهه جو فيصلو طاقت ۽ زور جي وسيلي ٿي سگهي ٿو ـــ پوءِ اها طاقت حڪومت جي هجي، هٿيارن جي هجي، مذهب جي نالي ۾ هجي، يا ڪنهن نظريي مثلاً ڪميونزم يا فاشيزم جي هجي. جيڪا به ڳالهه باهمي گفتگو ۽ هڪٻئي جي رضامندي سان نتي ڪئي وڃي، ۽ "سنڌ ۽ اختياري" جي آڌار تي ڪئي وڃي ٿي، سا تشدد ۾ شمار ٿي سگهي ٿي.

Gul Hayat Institute

دنيا جي ٻن مذهبن جو بنياد عدم تشدد يا اهنسا تي رکيل هو، جهڙوڪ هندوئزم ۽ ڪرسچئنٽي. هندو ساهه واريءَ شيءِ کي ان ڪري ڪائيندا به نه هئا ـــ ڇي انسان کي ته ڇڏيو، پر جانورن کي ايذائڻ به پاپ آهي. پر تاريخ شاهد آهي ته ان جي پوئلڳن ڪروڙها ماڻهن کي اڇوت بنائي ڇڏيو. مهاتما گانڌي اهنسا جي ذريعي آزادي حاصل ڪئي. اڄ آهي هندو خسيس ڳالهين تان فرقيوار فسادن ۾ رت هاري رهيا آهن. ڪرستانن کي حضرت عيسيٰ جو چوڻ هو ته "جيڪڏهن توکي ڪو هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته ڦيرائي پيو ڳل سامهون ڏينس"

— يعني مخالف کي محبت سان مطيع ڪرڻو هو، نه زور زبردستيءَ سان. ساري يورپ ۽ آمريڪا ۾ انهيءَ مذهب جا پوئلڳ رهن ٿا. پر ڏسڻو آهي ته انهن مان گهڻا ماڻهو ان هدايت ۾ اعتبار رکن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن، جن طاقت جي آڌار تي ساريءَ دنيا ۾ پنهنجو سامراج قائم ڪيو. اهي ئي آهن، جن جي ڪري ٻه مهاڀاري لڙايون لڳيون، جن ۾ ڪيئي لک ماڻهو قتل ٿيا. هيڏيءَ ساريءَ تهذيب ۽ تمدن هوندي، هو عملي طرح انهيءَ ڳالهه کان بيزاري ڏيکارين. اقوام متحده قائم ڪرڻ بعد، هر تڪراري ڳالهه جو فيصلو باهمي گفتگو ۽ سمجهوتي سان ڪرڻ جي راڳ ڳائڻ جي باوجود، هو روز بروز جنگي هٿيارن ٺاهڻ ۾ چڙا پيڙي ڪري رهيا آهن.

بد قسمتيءَ سان ملا واري اسلام جو بنياد ئي محبت جي عيوض زور زبردستيءَ تي پيو. جهاد آن جو سڪيه رڪن شمار ٿيڻ لڳو، جنهن جي معنيٰ ئي زور زبردستيءَ سان راءِ مڃائڻ يا مسئلو حل ڪرڻ آهي. انهيءَ اصول مڃڻ ڪري مسلمان گهڻين مصيبتن جو شڪار ٿيا آهن، پر، باوجود صوفياءِ ڪرام جي هدايتن جي، صاحب اقتدار طبقي جي مستقل مفاد خاطر ان ڳالهه کان باز نٿا اچن.

هتي پاڪستان ۾ باوجود ظاهري گفتگو جي ته هو تڪراري ڳالهين جو فيصلو باهمي گفتگو ۽ سمجهوتي سان ڪرڻ جا حامي آهن، عملي طرح هنن جو زور زبردستيءَ ۾ ويساهه پئي رهيو آهي. ننڍن صوبن کي، هزارها ورهين جي روايات جي باوجود، زور زبردستيءَ سان متائڻ، جمهوريت کي ڏنڊي جي آڌار تي ختم ڪرڻ، اسلام جي نالي ۾ ماڻهن جو توجه حقيقي مسئلن کان هٽائي هنگامي مسئلن طرف نيڻ، ماڻهن کي انساني بنيادي حقن کان محروم ڪرڻ، وغيره، سڀ ڳالهيون انهيءَ تشدد جي پاليسيءَ جي شاخ آهن.

صوفيءَ جي نظر ۾، تشدد ۽ زور زبردستي اسلامي تعليم جي خلاف آهي، بلڪ ڪفر آهي. تشدد نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري ٿو. اسلام محبت ۽ امن جو مذهب آهي. هنن وٽ اڳ اڳرائي ڪرڻ خطا ڪائڻ جي برابر آهي.

Gul Hayat Institute

ملا واري اسلام ۾ جهاد مذهب جو بنيادي رڪن ٿيو پوي. قاديانين حالات حاضره کان متاثر ٿي، جهاد کي غير ضروري ٺهرايو، ته انهن کي ملن اسلام کان خارج ڪري ڇڏيو، ڇو ته اسلام سندن ملڪيت هئي، جنهن ۾ ڪنهن کي رهڻ جي اجازت ڏين يا نه ڏين. سا، بلا شرڪت غيري، سندن اختيار جي ڳالهه هئي.

صوفيءَ جو جهاد پنهنجي نفس سان آهي. هن جا دشمن ٻاهر نه آهن، پر اندر ۾ اٿس. خود مطلبي، خود بيني، ڇڙ، نفرت سڀ ڪيس ماري مات ڪرڻا آهن. هن کي هر طرف پرين نظر اچي ٿو، تنهنڪري جي ڪر سامهون اکيون ڪٽي ٿو، ته به پرين پيو پسي. هو بقول شاه لطيف عليه الرحمة "دل جي دشمن کي دسڻ" جو قائل آهي.

ملا جي مذهب موجب، مذهب ماڻهو جو شخصي معاملو نه آهي. ان ۾ ملا ۽ حاڪم کي به دخل رهي ٿو، جنهنڪري ماڻهن جي سياسي، اقتصادي، معاشرتي ۽ سماجي معاملن ۾، مذهب جي نالي ۾، ملا ۽ حاڪم گڏجي دست اندازي ڪرڻ لڳن ٿا. ائين مذهب زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي حاوي ٿيو پوي. اٿڻ، ويهڻ، کائڻ، پيئڻ، باهمي تعلقات ويندي خيالن تي به مذهب کي دخل ٿيو پوي. اڄڪلهه مغربي ملڪن کي شڪايت آهي ته ڪميونسٽ ۽ فاشسٽ ملڪن ماڻهن جي آزاديءَ کي محدود ڪري، کين سوسائٽيءَ جي مشين جو پرزو بنائي ڇڏيو آهي. پر کين خبر نه آهي ته موجوده ملا واري اسلام ۾ ماڻهوءَ جي حالت ان کان به بدتر ٿيو پوي. ڪميونسٽ ملڪن ۾ ماڻهن جي آزادي عوام جي اقتصادي نفعي جي نالي ۾ سلب ڪئي وڃي ٿي. هتي ماڻهن جي آزاديءَ تي هڪ طبقي جي فائدي خاطر رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون. ڪميونسٽ ملڪن ۾ ڪارل مارڪس جي نظريي جي تشريح، عقل جي بنياد تي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪثرت سان ڪئي وڃي ٿي. هتي اسلام جي تشريح جا ٺيڪيدار مخصوص ماڻهو ٿين ٿا، جنهن تي عقل جي بنياد تي بحث ڪرڻ جي اجازت نه آهي.

Gul Hayat Institute

مٿي ذڪر ڪيل دليلن مان پتو پئجي ويندو تہ ملا واري اسلامي تشريح ۾ دنيا جي موجوده سياسي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن جو ڪو بہ حل موجود نہ آهي. جيڪي ماڻهو اهو آواز اٿاري رهيا آهن، سي سندن مستقل مفاد خاطر ماڻهن کي دوکو ڏيئي رهيا آهن. بلڪ آءٌ ائين چوندس تہ هيءُ ملا جي تشريح وارو اسلام انسانذات جي ترقيءَ جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

## (ب) اسلام ڪهڙو فلسفہ حيات ڏسي ٿو؟

آءٌ مٿي پڌائي آيو آهيان تہ ٻين مذهبن وانگر اسلام بہ زندگيءَ بابت ڪي بنيادي نقطا اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جا پيش ڪيا آهن، ليڪن زندگيءَ جي روزمره جي ڪاروبار لاءِ، موجوده معاشري جي ضرورت مطابق، ڪو بہ نظريو يا دستورالعمل موجود نہ آهي. جيڪي اهي ڳالهيون ڪن ٿا، سي يا تہ جاهل آهن يا دوکو ڏين ٿا. حقيقت ۾ سندن ڳالهيون حقيقي اسلام جي روح ۽ ان جي ارتقائي تعليم جي خلاف آهن.

## حڪمران طبقي جي طرفدار گروه جي تشريح موجب سندن ٻيون عقيدو آهي تہ جملي معلومات ۽ هدايت جو مخزن قرآن آهي.

هن گروهہ جو چوڻ آهي تہ (الف) قرآن خدا جو ڪلام آهي، (ب) ان ۾ زندگيءَ جي هر مسئلي بابت هدايتون ڏنل آهن، ۽ (ت) ان جو هر لفظ سند ۽ قابل عمل آهي. بهتر آهي تہ اسان ان مان هر سوال تي بحث ڪريون.

## (الف) قرآن خدا جو ڪلام آهي.

قرآن خدا جو ڪلام آهي، ان جي تشريح ۾ ملا ۽ صوفيءَ جي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي.

ملا جو چوڻ آهي تہ قرآن خدا وٽان لکجي، تيار ٿيڻ بعد، آهستي آهستي تي، آسمان تان وحي جبرائيل ذريعي، مختلف وقتن تي،

رسول تي لٿو. رسول ڪريم صلعم آهي الفاظ اچاريندو ويو. اصحابي ياد ڪندا لکندا ويا. ملا جا اهي خيال خدا جي شخصي تصور سان ٺهڪي اچن ٿا، جو تصور غير اسلامي ۽ جهالت جي دور جو يادگار آهي. آسمان جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ست آهن، جي ڇتين وانگر هڪٻئي جي مٿان آهن. تن جو مرڳو وجود ئي ڪونه آهي. خدا قرآن لکائي، ۽ فرشتو ڪٽي اچي رسول کي ٻڌائي، اهي سڀ ڳالهيون خدا جي بي مثال، بي شڪل، هر هنڌ حاضر ناظر ۽ هر شيءِ ۾ موجود هئڻ واري تصور جي ۽ وحدت الوجود جي نظريي جي خلاف آهن.

صوفيءَ جو نقطہ نگاہ ان بابت علحده آهي. هن جي تصور ۾ خدا جي مثال، لامڪان، لازمان، ۽ قياس، وهم ۽ گمان کان مٿي، هر جاءِ حاضر ناظر، هر شيءِ ۾ سمايل آهي، ۽ ڪن جي چوڻ موجب ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جو وجود ئي ڪونه آهي. هو ذات آهي، ٻي سڀ صفات آهي. پر هنن جي خيال موجب، پيغمبر، حڪيم، شاعر ۽ سائنسدانن کي جيڪا معلومات ٿئي ٿي، اها ذات الاهي آهي؛ ليڪن خدا ڪتاب لکي رکي ۽ ملائڪ کڻي اچي رسول کي ٻڌائي، اها ڳالهه ذات پاڪ جي شان اعليٰ جي خلاف آهي.

## (ب) قرآن ۾ دنيا جي هر ڳالهه جو حل ڏنل آهي.

ملا جي چوڻ موجب قرآن ۾ ڪائنات جي ڪل رازن جو علم سمايل آهي. هن جي خيال موجب موجوده دور جي حڪومتن جي آئين لاءِ مواد به قرآن مان ملي سگهي ٿو. هن معاشري جي اقتصادي، سماجي، سياسي، هنري ۽ سائنسي ڳالهين لاءِ هدايتون به ان مان ملي سگهن ٿيون. مطلب ته سڀ ڳالهه جو پتو ان مان پئجي سگهي ٿو. روز قيامت تائين جيڪي معاشرا پيدا ٿيڻ وارا آهن يا ماڻهن جي سامهون جيڪي مسئلا اچڻ وارا آهن، انهن سڀني جو حل ان ۾ موجود آهي.

ملا جون اهي دعوائون غلط، بي بنياد ۽ عقل کان ٻاهر آهن. سواءِ عقل کان انڌي، ڪوتاہ نظر ۽ اسرار الاهيءَ جي بي انت وسعت

ڪان غير واقف ماڻهوءَ جي، اها ڳالهه ڪير به مڃي نه سگهندو.

قرآن شريف چئن قسمن جي آيتن جو مجموعو آهي:

(۱) ڪليل فيصلہ ڪن آيتون، بنيادي اصولن بابت.

(۲) تشبيهي طور ڏنل آيتون.

(۳) وقتي حڪمن جون آيتون، جي حالتن بدلجڻ ڪري منسوخ ٿي چڪيون آهن.

(۴) فروعي مسئلن بابت آيتون.

**(۱) بنيادي اصولن جون آيتون:** اهي هيٺين قسمن جون آهن:

(الف) هر زماني، قوم ۽ ملڪ ۾ خدا جي طرفان پيغمبر ۽ مصلح موڪليا ويندا، جي ماڻهن کي وقت بوقت سمجهائيون ۽ هدايتون ڏين ٿا.

(ب) انهن سڀني جي پيغام ۾ بنيادي وحدت سمايل آهي.

(ت) اسلام دين فطرت (قانون ارتقا) آهي.

(ث) دنيا جي هر شيءِ، جنهن ۾ جاندار شيون، روح (Mind)، مذهب، دنيوي معلومات، انهيءَ ارتقائي قانون مطابق روز بروز ترقي پذير آهن.

(ج) مذهب جا بنيادي مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم آهن.

(ح) ارتقا جو ضد تنزل (ڪفر) آهي، جو نفاق ۽ نفرت مان پيدا ٿئي ٿو.

**(۲) تشبيهن ۽ مثالن جون آيتون:** اهي هيٺين قسم جون آهن:-

(الف) جن ۾ اڳين قومن ۽ پيغمبرن وغيره جا قصا ڏنل آهن.

(ب) جن ۾ ماڻهن جي پيدائش، آسمانن وغيره جو بيان ڏنل آهي.

Gul Hayat Institute

(ت) جن ۾ روز قيامت، بهشت، دوزخ وغيره جو ذڪر ڪيل آهي.
اهي سڀ ڳالهيون مثال طور ڏنل آهن. انهن کي انهيءَ کان وڌيڪ وقعت ڏيڻي نه آهي. انهن جي لفظي معنيٰ ۾ چنبڙي پوڻ مان غير مذهب ۽ صاحب عقل اڳيان اسلام جي اهميت گهٽائڻ جي برابر ٿيندو. اهي ڳالهيون عقل، تجربي ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ غلط ثابت ٿي چڪيون آهن، جهڙوڪ آدم کي مٽيءَ مان ٺاهي، ان ۾ روح ڦوڪڻ، ستن آسمانن جو ڇتين وانگر هجڻ، وغيره وغيره.

**(۳) وقتي حڪمن جون آيتون:** اهي انهيءَ قسم جون آيتون آهن، جي هنگامي حالتن هيٺ ڪيل حڪمن بابت هيون، جن کي بعد ۾ حالتن بدلجڻ ڪري منسوخ يا رد ٿيل سمجهيو وڃي ٿو، جهڙوڪ: جهاد، مال غنيمت، غير مسلمن کي هرهنڌ قتل ڪرڻ وغيره.

**(۴) فروعي مسئلن بابت حڪمن جون آيتون:** جن ۾ انهيءَ دور جي معاشري ۽ دستورن کي مدنظر رکي، ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ بابت عارضي هدايتون ڏنل آهن، جهڙوڪ: چوري لاءِ هٿن جو ڪپڻ، ڏوهه جو بدلو وٺڻ، سنگسار ڪرڻ، قرباني ڪرڻ، وياج نه وٺڻ، ۽ زڪوات بابت، حلال ۽ حرام بابت، ۽ ٻيون اقتصادي، سياسي ۽ معاشرتي مسئلن سان واسطو رکندڙ ڳالهيون.

اهي سڀ حڪم عارضي سمجهڻ گهرجن، جي معاشري جي تبديل ٿيڻ بعد معطل ٿي وڃن ٿا. اهو قانون جملي مذهبي ڪتابن سان لاڳو آهي. ملا اهو ته چوي ٿو ته ٻيا الهامي ڪتابن جا حڪم منسوخ ٿي ويل آهن، پر اهو ساڳيو قانون قرآن سان لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اڳين الهامي ڪتابن جا حڪم ڇو منسوخ ٿيا؟ انهيءَ لاءِ نه ته اهي الهامي نه هئا يا جيئن ملا ٿو چوي ته انهن کي بدلايو ويو آهي قرآن خود شاهدي ڏئي ٿو ته اڳين پيغمبرن ۽ ڪتابن کي مڃڻ مسلمان لاءِ لازمي آهي. جي آهي بدلايل هجن ها، ته انهن تي ايمان آڻڻ جي معنيٰ ئي ڪانه هئي. انهن جي حڪمن جي منسوخي ان ڪري هئي ته اهي جنهن دور ۽ معاشري لاءِ نافذ ٿيل هئا، اهو

بدلجي چڪو هو. ساڳي حالت، ساڳئي نهج وارن قرآني حڪمن سان ۾ لاڳو ٿي سگهي ٿي. زماني ۽ معاشري بدلجڻ بعد، اهي مدي خارج سمجهي منسوخ ٿيل سمجهڻ گهرجن. چا چوريءَ لاءِ هٿ وڍائڻ، ڪن ڏوهن ۾ سنگسار ڪرائڻ، وحشيانه دوز جي رواج قربانيءَ وغيره کي هن سائنسي دور ۾ جاري رکڻ ڪري، اسلام جي وقعت وڌي ٿي يا گهٽجي ٿي؟ پر ملا ائين مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ان ڪري پنهنجي طبقي جي اقتدار ختم ٿيڻ جو انديشو اٿس.

اهوئي سبب آهي ته مسلمانن ۾ سوين فرقا پيدا ٿي پيا آهن. معاشري جي قانونن بابت ملا جي اسلام ۾ سائنسي دور ته ڇڏيو، پر زراعتي، تجارتي، ۽ هنري دور جي ضروريات مطابق به هدايتون ڏنل نه آهن. ٻين مذهبي ڪتابن وانگر قرآن مان بنيادي ڳالهين بابت حوالا وٺي سگهجن ٿا. باقي روزمره جي ڳالهين لاءِ قرآن جي رهبري منسوخ سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهن جي افاديت ڪانه رهي آهي. رستن جي موٽر ٽرئفڪ، پارليامينٽ جي ڪارگذاري، جديد بين الاقوامي قانونن، جديد جنگي هنر، سائنسي کوجنا بابت قرآن ڪهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿو، جو دنيا جي هر مشڪل مسئلي جي حل لاءِ سند يا مخزن ڪري ڪتب آڻجي.

هي خيال رڳو منهنجا نه آهن، پر گهڻي وقت کان ڪيترن بزرگن جي دماغ ۾ رهيا آهن، جن جي آڌار تي هڪ شاعر چيو آهي ته:

ما ز قرآن مغز را برداشتيم،
استخوان پيش سگان انداختيم.
(هروي)

[معني - اسان قرآن مان مغز ڪڍي ورتو، باقي هڏا ڪتن لاءِ ڇڏي ڏنا اٿون.]

هن زماني جي مشهور فلاسافر، برنارڊشا، جملي مذهبي ڪتابن لاءِ ساڳي ڳالهه هن لفظن ۾ پيش ڪئي آهي: "مذهبي ڪتابن کي

Gul Hayat Institute

صبح جي اخبار وانگر پڙهي، انهيءَ مان ڪم جون ڳالهيون اخذ ڪري، پوءِ ڪين ڪاغذ جي ٽوڪريءَ (ڪٻٽ) ۾ رکي ڇڏڻ گهرجي."

سڀ مذهب سندن ڪتابن کي الهامي مڃين ٿا. خود قرآن ۾ ان ڳالهه جو ثبوت ڏئي ٿو. ان ۾ اهو لکيل آهي ته پيغمبرن ۽ انهن جي ڪتابن تي ايمان آڻڻ ضروري آهي. ايمان آڻڻ جي معنيٰ اها ٿي نٿي سگهي ته پيغمبر برابر سچا هئا، سندن ڪتاب به الهامي هئا، پر هاڻ بدلجي بيڪار ٿي چڪا آهن. جي قرآن اچڻ وقت اهي ڪتاب سمورا منسوخ ٿيل هجن ها، ته پوءِ انهن تي بنا تفريق ايمان آڻڻ جو سوال ئي ڪونه پيدا ٿئي ها. قرآن ۾ اهو به لکيل آهي ته پيغمبر صلعم اڳين پيغمبرن جي تعليم کي دهرائڻ آيو هو. پوءِ، ملا چوي ٿو ته انهن ڪتابن جا احڪام منسوخ ٿي چڪا آهن، اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. صوفيءَ جي ان بابت سمجهاڻي اها آهي ته قديم ڪتاب به قرآن وانگر چئن قسمن جي سواد تي ٻڌل هئا، جن جا بنيادي اصول قائم رهيا، باقي ٻيو سواد حالتن جي تبديليءَ موجب لائق عمل نه رهيو آهي. اهو ساڳيو قانون سڀني ڪتابن سان، بمع قرآن جي، لاڳو ٿيٺو آهي. دين فطرت (قانون فطرت) جي تقاضا اها آهي.

**هن گروهه جو چوٿون عقيدو اهو آهي ته حضرت محمد صلعم آخري نبي آهي. ان کان پوءِ نه نبي اچڻ وارو آهي، نه دين پيدا ٿيڻ وارو آهي.**

هن عقيدي بابت به ملا ۽ صوفيءَ جا جدا جدا رايا آهن. ملا جو تخيل خاتم النبيءَ جي عقيدي بابت هيءُ آهي ته:

(١) حضرت محمد صلعم هڪ نئون دين پيش ڪيو، جنهن سڀني اڳين دينن کي منسوخ ڪيو، ۽ ان کان پوءِ ٻئي دين جو پيدا ٿيڻ بند ٿي ويو.

(٢) هن دين جا پوئلڳ، رسول مقبول صلعم جي اڳوائيءَ هيٺ، جدا قوم بڻجي پيا.

Gul Hayat Institute

(۳) اھا قوم ساريءَ دنيا جي قومن کان بھتر ۽ انھن جي رھبري ڪرڻ واري ھئي.

(۴) رسول صلعم مڪمل اسوه حسنيٰ (بھترين خوبين) جو مالڪ ھو، جن ۾ روحاني ۽ جسماني ٻئي خوبيون شامل ھيون.

(۵) ان جو ھر حڪم ۽ عمل، بھترين سمجھي، ان جي پيروي ڪرڻ گھرجي.

(٦) ھو دشمنن تي سختي ڪندڙ ۽ دوستن تي مھربان ھو.

(۷) ھو انساني زندگيءَ جي رھبريءَ لاءِ سيڪجھہ ٻڌائي ويو آھي.

ليڪن صوفيءَ جي نقطي نگاھہ موجب، اھڙن عقيدن مان ڪي رسول مقبول صلعم جي اعليٰ مرتبي ۽ مشن سان ٺھڪندڙ نہ ھئا.

(ب) صوفيءَ جو رسول مقبول صلعم بنسبت تخيل ھيءَ آھي:

(۱) رسول مقبول صلعم نئون دين ڪونہ آندو ھو، پر دين فطرت (قانون ارتقا) جي تلقين ڪئي، ۽ اھو ئي جملي پيغمبرن جي دينن جو مطلب ھو.

(۲) پاڻ ماڻھن جي وچ ۾ قومن، نسلن، رنگن، مذھبن جي ناليءَ ۾ ڪڙي ڪيل امتيازن ڪي مٽائبي، انسانذات لاءِ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو پيغام آندو ھئائون.

(۳) سندن عالمگير تعليم کي جدا دستورن، عقيدن ۽ مذھبي نظام ۾ محدود ڪرڻ، سندن مقصد اعظم (Mission) جي خلاف ھو.

(۴) رسول مقبول صلعم کي صرف مسلمانن جو اڳواڻ بنائڻ ٺيڪ نہ ھو. ھو رحمة العالمين ۽ شفيع المذنبين ھو. ھن کي دنيا جي برسر پيڪار مذھبن مان ھڪ گروھہ جو ليڊر بنائڻ سندس مرتبي ۽ مقصد جي خلاف ھو.

(۵) دنيا جو ھر صالح ماڻھو سندس پوئلڳن مان ھو ۽ ھر غير صالح سندن پوئلڳن جي قطار کان ٻاھر ھو.

Gul Hayat Institute

(٦) رسول مقبول صلعم جي زندگيءَ جا ٻہ مقصد هئا:

١- ظاهري، جنهن جو واسطو حڪومتي نظام، دنيوي معاملات سان هو، جا عارضي ڳالهہ هئي. سندن وصال ڪان پوءِ، اها مشن پوري ٿي.

٢- باطني، جنهن جو واسطو ماڻهن جي صحيح تعليم، اخلاقي درستيءَ ۽ نفسياتي اصلاح سان هو، جنهن جو مطمع نگاه اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم هئا، جا دائمي مشن هئي، ۽ ان جو ڪم قائم رهڻو آهي. صوفيءَ، پوئين خيال جو حامي هئڻ ڪري، ظاهري مشن جي ڪم کي اهميت نہ ڏني. هن رسول مقبول صلعم کي ٻيءَ نظر سان ڏٺو ٿي، جنهن لاءِ شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

"جيئن ڏٺو هو مون، آرياڻي اودان نہ ڏٺو هو."

هنن جو حقيقت محمدي ۾ ويساهہ هو، جنهن مطابق هو مدينةالعلم، رحمةاللعالمين ۽ صاحب قاب قوسين هو.

(٧) صوفيءَ خاتم النبيين جي معنيٰ اها ٿي ڪئي تہ هاڻ انسان، ارتقائي طور، ذهني طرح انهيءَ درجي تي پهچڻ شروع ٿيو هو، جو پيغمبرن طرفان ڪيس فوق العقل ۽ الهامي حڪمن ۽ ڳالهين ٻڌائڻ جي ضرورت نہ رهي هئي. هاڻ خالق ۽ معبود جي وچ مان پردا هٽجي، مابين سڌو لاڳاپو قائم ٿيڻ وارو هو. وچ واري ٺياڪر جي ضرورت نہ رهي هئي.

(٨) هو رحمةاللعاشقين هو، يعني محبت وارن جو آڌار ۽ رهبر هو؛ هن جي پيغام جي ڪنجي پريم ۽ عشق هو.

حب عشق دل وچ نہ مايس، پوش فقيري پايس،
دليان لٽاوڻ دني ڪيتي، چاڪ لقب جا لايا.

(٩) شريعت جا قانون صوفيءَ لاءِ منسوخ ٿي چڪا هئا. هاڻ، انهن جي چارج جمهوري حڪومتن جي هٿ ۾ اچي چڪي هئي.

صوفيءَ ان ۾ ملا جو دخل بيجا ٿي سمجھيو. دين منظم جي ضرورت ونس ختم ٿي چڪي هئي. سندس نظر ۾، اهي صرف ملا ۽ سندس طبقي جي مستقل مفاد لاءِ قائم رکيا پئي ويا. دين شخصن ۽ خدا جي وچ ۾ جو معاملو هو. ان ۾ ٻئي ڪي دخل اندازيءَ جو حق نه هو. هو اسلام کي اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ جو پيغام سمجھي، مذهبي نظامن جي نالي ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن ۽ فرقن جي خلاف هو. هن فطرت جي اڻ ڪٿ نعمتن ۽ وسيع اسرارن کي چند عقيدن، دستورن ۽ مذهبي قانونن ۾ محدود ڪرڻ نٿي گھريو.

**هن گروهه جي تشريح جو پنجون عقيدو هي هو ته مسلمان وحدت خيال ۽ عمل موجب علحده ۽ چونڊيل قوم هئا، جن کي دنيا جي قومن جي رهبري ۽ اڳواڻي ڪرڻي هئي.**

صوفين جو انهيءَ نظريي ۾ ويساه نه هو. هنن ان کي صحيح اسلامي تعليم جي خلاف ٿي سمجھيو. هنن کي معلوم هو ته ظاهري مسلمان نالي هيٺ سڏجڻ وارا ماڻهو ڪڏهين به هڪ خيال ۽ عمل جا نه رهيا هئا. منجهن ٣٥٠ فرقن کان ٻتي گروهه پيدا ٿي پيا هئا، جن هڪٻئي کي ڪافر ۽ گمراه ٿي سڏيو. انهن هڪٻئي جا رت هاريا هئا. پيو ته ڇڏيو، ليڪن رسول مقبول صلعم جي ڏهٽي امام حسين عليه السلام کي ڪٽنب سميت شهيد ڪري، ان جو سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي، مهينن تائين گھمايو ويو هو. سندن بدن مبارڪ تي گھوڙا ڊوڙائي ان کي ڪچلايو ويو هو. سوين مسلمان ولين، عالمن ۽ بزرگن کي اختلاف راءِ رکڻ ڪري، سنگسار ۽ قتل ڪرايو ويو هو. منصور، سرمد، شاه عنايت، شاه بلاول، شمس تبريز وغيره سڀ مسلمانن هٿان شهيد ٿيا هئا. حاڪم جڏهين به ڪنهن تي ناراض ٿيو ٿي، ته مفتيءَ جي فتوي ۽ سپه سالار جي تلوار هميشه سندس حڪم هيٺ گڏجي ڪم ڏنو ٿي. ساري مسلم دنيا جي تاريخ ان تي گواه آهي. مسلمان ڪڏهين به هڪ خيال ۽ عمل جا نه رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

جيڪي انهن کي هڪ جدا قوم سڏين ٿا، سي يا تہ تاريخ کان اڻواقف آهن، يا ڌوڪو ڏيڻ ٿا گهرن ـــ پوءِ ڪي ماڻهو ڪٽي، سندن مقصد خاطر، انهن کي ڪهڙن بہ سهڻن ۽ وڏن نالن ۽ لقبن سان سڏين.

صوفيءَ کي ڇڏي، جيڪڏهين عقل ۽ تجربي جي ڪسوٽي تي ملا جي انهيءَ نظريي جي پرک ڪبي تہ بہ غلط ثابت ٿيندو.

تازو ۱۹۵۳ع ڌاري، پنجاب ۾ ٿيل فسادن جي جاچ ڪرڻ واسطي پاڪستان سرڪار ٻن هاءِ ڪورٽ جي ججن، هر هڪ جسٽس محمد منير ۽ جسٽس رستم ڪيانيءَ، تي مشتمل هڪ ڪميشن مقرر ڪئي هئي. انهن سندن رپورٽ ۾ چيو آهي تہ جڏهين پاڪستان جا مکيہ عالم وٽن شاهدي ڏيڻ لاءِ آيا، تہ انهن کان سوالن پڇڻ تي، ڪين معلوم ٿيو تہ انهن جو اسلامي حڪومت ۽ اسلامي نظريہءِ حيات بابت ڪو هڪ رايو نہ هو. هر هڪ جدا خيال ظاهر ڪيا ٿي. هر هڪ فرقي جي عالم ٻئي فرقي جي پوئلڳن کي گمراهہ ۽ ڪافر سڏيو ٿي. ججن جو رايو هو تہ جي سڀني تي اعتبار ٿي ڪيائون، تہ ڪو بہ مسلمان راهہ راست تي ڏسڻ ۾ نٿي آئين.

اهو حال آهي اَن فرضي مسلمان قوم جي عقيدن جو، پر جي اوهان سندن عمل تي نظر ڪندا، تہ توهان کي اِن مثالي قوم ۾ راشي، زاني، چور، بدڪار، ظالم، منافق، غريبن جي رت چوسڻ وارا ۽ هڪٻئي جا دشمن ڏسڻ ۾ ايندا. مطلب تہ قديم چوڻي تہ "مسلماني در ڪتاب، مسلمانان در گور" جو صحيح نقشو نظر سامهون ايندو. اهڙين حالتن هيٺ، هنن کي ڪهڙيءَ طرح خيال ۽ عمل تي ٺهيل مثالي قوم سڏي سگهجي ٿو. اهڙي قسم جي قوم نہ اڳي ڪنهن بہ زماني ۾ رهي آهي، نہ هن کان پوءِ ٿيڻ جو امڪان اٿس. هندستان جي صاحب اقتدار طبقي جي چند ماڻهن سندن طبقاتي مفاد خاطر عوام کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ، اهو نظريو ايجاد ڪيو آهي. اڄڪلهہ مسلمان جي نالي سان سڏجڻ وارا ماڻهو دنيا جي مهذب ۽ ترقي يافتہ قومن

Gul Hayat Institute

جي مقابلي ۾، هر حالت ۾ پٺتي پيل آهن. انهن کي بهترين قوم شمار ڪري، دنيا جي اڳواڻيءَ جي دعوي ڪرڻ خودفريبيءَ، فريب ڪاريءَ ۽ جهالت جي مظاهري کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

انهيءَ قومي تخيل کي نظر ۾ رکي، پاڪستان ٺاهڻ لاءِ مسلمانن جي صاحب اقتدار طبقي گهڙ ڪئي ـــ سنه ١٩٤٣ع ڌاري، سنڌ ۾ هڪ اشتهار ورهايو ويو هو، جنهن ۾ هيئن لکيل هو ته:

## پاڪستان ڇا لاءِ قائم ڪيو وڃي ٿو؟

(١) ان ۾ حڪومت الاهي قائم ڪئي ويندي.

(٢) جنهن ۾ سيني رهاڪن کي سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي هڪجهڙائي هوندي.

(٣) حڪومت جون واڳون صالح ۽ ايماندار ماڻهن جي هٿ ۾ هونديون.

(٤) هر فرقي جي حقن جي حفاظت ڪئي ويندي.

(٥) جتي حڪومت جو فرض هوندو ته ملڪ مان غربت، ظلم، جهالت، سرمايه‌داري دور ڪري.

(٦) جتي جوا، زنا، شراب خوري، وياج خوري، رشوت، چوربازاري وغيره ختم ڪيون وينديون.

(٧) جنهن ۾ عدل ۽ انصاف ماڻهن کي مفت ملئي پوندو.

(٨) عزت جو معيار طاقت ۽ پيسي تي نه هوندو، بلڪ چڱن اخلاقن تي رکيو ويندو.

هاڻ ڏسو ته پاڪستان بنجڻ کان پوءِ، انهن اصولن جي ڪيتري قدر وعده وفائي ڪئي ويئي آهي. آسپاس تي ٿوري نظر وجهڻ بعد پتو پئجي ويندو ته مٿي ذڪر ڪيل خرابيون، جن جي بند ڪرڻ لاءِ وعدو ڪيل هو، تن ۾ واڌارو ٿيو آهي. گهٽتائي ڪانه ٿي آهي. پاڪستان صاحب اقتدار طبقي جو چراگاه بنجي پيو آهي. عوام جي حالت روز بروز تباه ٿيندي وڃي ٿي. ان جي پس منظر ۾ جي واقعا سرزد ٿيا، انهن جو اختصار هي آهي ته:

Gul Hayat Institute

(١) ڪروڙها هندو مسلمان سندن ابـاڻـا وطن ڇڏي، دربدر ٿي، وڃي ڏورانهن پاڱن ۾ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهيا.

(٢) ڪيئي لک ماڻهن جا قتل ٿيا. ڪيئي هـزار زالون اغوا ٿيون. اربن جي ملڪيت برباد ۽ تباهه ٿي.

(٣) ماڻهن ۾ جو نفرت جو ٻج پڪڙيو، اهو نه رڳو هندن جي خلاف عام ٿيو، ليڪن مستقل مفاد جي خلاف هر آواز اٿاريندڙ ماڻهو ان جو نشانو بنايو ويو.

انهن سارين خون خرابين ڪان پوءِ به جدا ٿيل ملڪ امن ۾ رهن ها ۽ عوام جو ڀلو ٿيندو رهي ها ته اهي اڳوڻا ٿيل نقصان سڦلا سمجهڻ ۾ اچن ها.

جيڪڏهن ان ساري مسئلي تي غور سان نظر ڪبي ته انهن سارين خرابين جو ڪارڻ اسلام جي ملا واري تشريح ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن موجب وحدت خيال ۽ عمل ڪري مسلمان نه رڳو الڳ قوم هئا، بلڪ بهترين ۽ ٻين سڀني ڪان اعليٰ ۽ افضل قـوم هئا. حقيقت ۾ اسلام دنيا ۾ محبت ۽ امن جو پيغام ڪٺي آيو، مگر اهو انهيءَ ملا واريءَ تشريح ۽ نظرين ڪري نفرت ۽ بدامنيءَ جو باعث پيو بڻجي. اسان انسانذات جي مجموعي مفاد جون ڳالهيون وساري ويٺا آهيون. اهو سڀ ان لاءِ ڪيو وڃي ٿـو، جـو ان مان چند ماڻهن ۽ گروهن جي مستقل مفاد کي فائدو پهچي ٿو.

هن وقت پاڪستان ۾ انهيءَ نظريي جي ڪري ئي، هيٺيون مشڪلاتون سامهون آيل آهن:

(١) پاڪستان جا غير مسلم پاڻ کي، ڌاريو ڄاڻي، محفوظ نٿا سمجهن.

(٢) ننڍن صوبن جا رهاڪو سنڌي، بلوچ، ۽ پختون، سندن جملي مصيبتن جهڙوڪ: ون يونٽ جي قيام، زمين، واپار، تعليم، ڪارخانن، ڪلچر ۽ زبـان جي نقصان جو بـاعث انهيءَ نظريي کي سمجهن ٿا.

Gul Hayat Institute

(۳) بينگالي انھيءَ ڪري اڪثريت مان ڦريو اقليت ٿيو پون.

(۴) ھندستان سان ڪشمير جي سوال ۽ افغانستان سان پختونستان جي سوال تي سمجھوتو ٿي ڪين سگھيو آھي. انھيءَ ڏِپ ڪان پيدائش جو گھڻو حصو بچاءَ تي خرچ ڪرڻو پوي ٿو ۽ انھيءَ ڪري ڌارين حڪومتن جو محتاج رھڻو پيو آھي.

(۵) انھيءَ ڪري ملڪ جي سياست کي ھنگامي نعرن تي ھلائي، عوام جو توجھ، سندن حقيقي مسئلن کان ھٽائي، حڪمران طبقو پنھنجو راڄ قائم رکيو اچي.

(۶) انھيءَ ڪري، حڪومت جو ڪاروبار مذھبي بنيادن تي ھلائڻ جو راڳ اچاريو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سيڪنھن کي پتو آھي ته موجوده ھنري سائنسي دور جي ضروريات مطابق حڪومت ھلائڻ لاءِ ملا جي تشريح واري اسلام مان ڪابہ رھبري ملي ڪين سگھندي. موجوده حڪومتن جي قانونن جو اسلام سان سواءِ وراثت ۽ نڪاح وغيره معاملن جي، ڪوبہ واسطو نہ آھي.

(۷) مذھب جي غلط استعمال ڪري، ملڪ جو نوجوان طبقو اسلام جي ملا واريءَ تشريح کي حقيقي مذھب سمجھي، ان مان بيزار ٿيندو پيو وڃي.

ھيءَ صرف سنھنجا خيال نہ آھن، پر ملڪ جا مکيہ مفڪر ۽ عالم انھيءَ قسم جي تشريح جي افاديت ۾ شڪ آڻڻ لڳا آھن.

علامہ عنايت الله مشرقي مرحوم، سندس ڪتاب "تذڪره" ۾ لکيو آھي تہ ماڻھن جي موجوده گروه بندي مصنوعي ۽ غير حقيقي آھي. ھر صالح ماڻھو، پوءِ ظاھري طرح ھو ڪھڙي بہ مذھبي گروه بنديءَ ۾ شامل ھجي، مسلمان آھي ۽ ھر غير صالح ماڻھو غير مسلم آھي.

علامہ آءِ - آءِ - قاضيءَ جي چوڻ موجب صحيح مسلمان پنھنجي بلند خيال ۽ حميده اخلاق ڪري، ھر جاءِ تي رھڻ جي لائق آھي. اڳي چند ماڻھن دنيا ۾ صحيح اسلامي تعليم کي فروغ ڏنو. ھن وقت ان دين فطرت جي پوئلڳن کي ڪمزور سمجھي، شفاخاني ۾ پناه گزين

Gul Hayat Institute

ڪرڻ، صحيح اسلامي تعليم کان ناواقفي ۽ مسلمان سڏائيندڙن جي بي همتيءَ جو ثبوت آهي.

## هن گروهہ جو ڇهون عقيدو آهي تہ انسانذات جي نجات اسلام مان ٿيڻ واري آهي، ان ڪري ان جي پکيڙڻ لاءِ جهاد ضروري آهي.

اهو عقيدو حالات حاضره ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ بعد نقصانڪار ۽ فرسوده ڏسڻ ۾ ايندو. هيٺين سببن ڪري:

(الف) متي پڏائي آيو آهيان تہ اسلام جو واحد ۽ واضح تخيل نہ ڪڏهين موجود رهيو آهي نہ رهڻ جو امڪان اٿس. تنهنڪري سوال اٿندو تہ ڪهڙي اسلام مان دنيا جي مشڪلاتن کان نجات حاصل ٿيڻ واري آهي، جنهن لاءِ جهاد ڪرڻو آهي. سولانا عبيدالله سنڌي اهي ڳالهيون ڏسي اڳيئي فرمايو آهي تہ "هندستان ۾ ڪن مسلمانن کي سنڌن شخصيت بابت هڪ وهمي تصور وينل آهي، جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجودئي ڪو نہ آهي. اسان ڪنهن زماني کان هڪ اهڙي اسلامي جماعت جو نالو وٺي رهيا آهيون، جنهن بابت اسانجي ذهنن ۾ نہ ڪو صحيح نقشو آهي ۽ نہ اها جماعت دنيا ۾ ڪٿي وجود ۾ آهي. اسان پاڻ کي اهڙيءَ خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي، جو نہ رڳو اسان ٻين مسلمان ملڪن جي تاريخ، ترقي ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد کان غير واقف رهجي ويا آهيون، پر خود پنهنجي ملڪ ۾ بہ اسان جي اڳيان ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو موجود نہ آهي."

هن وقت جا اڪثري مسلمان دنيا جي مهذب ملڪن جي ماڻهن کان علمي، اخلاقي، هنري، تمدني ۽ معاشرتي طور پٺتي پيل آهن، سي ڪهڙيءَ طرح مهذب، متمدن، عالم، با اخلاق ۽ طاقتور قومن کي سبق ڏيئي، انهن جي رهبري ڪري سگهندا. ملا واري اسلام ۾ رکيو ڇا آهي، جنهن مان هنن کي سبق ملندو. ڪنهن جي مت ڪٿي آهي، جو غريب، جاهل ۽ وهم پرست ماڻهن جي سوسائٽيءَ ۾ اچي شريڪ ٿيندو.

Gul Hayat Institute

حقيقت ۾ هن وقت جي ضرورت ان ڳالهه جي تقاضا ٿي ڪري ته ملا واريءَ تنگ نظريءَ جو خاتمو ٿيڻ گهرجي نه ڪه فروغ. ملا جي تشريح پوءِ ان کي علامه اقبال جي پشتي هجي يا مولانا مودوديءَ جي، وحشيانه دور ۽ فسطائيت جي روايات جي حامل، ماڻهن ۾ نفرت ڦهلائڻ جو باعث، جمهوريت جي دشمن، ۽ گمراهيءَ ۽ جهالت جو نشان آهي. ان جو ٽوڙڻ هن دور جي اهم ضرورت آهي.

هونئن به جهاد يا زور زبردستيءَ ذريعي دين ڦهلائڻ جو خيال هن ائٽمي دور ۾ اهڙو آهي، جهڙو جهرڪيءَ جو باز سان لڙڻ جو ارادو. زور زبردستيءَ سان پنهنجي راءِ ٻين تي مڙهڻ کان خود مغربي ملڪ، باوجود ايڏي ساز سامان جي، بيزار ٿي، باهمي سمجهوتي لاءِ گڏجي گذاري (Co-existence) يا رواداريءَ جو اصول، ڪم از ڪم اصولي طرح، قبول ڪري چڪا آهن. رشيا جا ڪميونسٽ، جن جي نظريي ۽ پاليسيءَ جو بنيادي متو خوني انقلاب هو، هاڻ ان کي ڇڏي باهمي تعاون يا علمي، تهذيبي ۽ اقتصادي چٽا ڀيٽيءَ جي ذريعي کي اختيار ڪري رهيا آهن. هن وقت دنيا ۾ صرف ڪميونسٽ چين، پاڪستان ۽ اسرائيل جا چند گروه آهن، جن جو اجا پنهنجن خيالن جي ڦهلاءَ لاءِ زور زبردستيءَ ۾ اعتقاد آهي. هنن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هن ائٽمڪ دور ۾ زور زبردستيءَ جي گفتگو ڪرڻ ڪيتريقدر نقصانڪار ٿي سگهي ٿي. البت ملڪ اندر مخالف راءِ کي دٻائي، گروهي تسلط قائم رکڻ لاءِ، ان کي هو استعمال ڪري سگهن ٿا.

## هن گروهه جو ستون عقيدو مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جو آهي.

انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو ته حڪومت جي واڳ خليفءِ اسلام، امير جماعت يا ڪنهن آمر شخص يا گروه جي هٿ ۾ رهندي.

حڪومت جي نظام جو واڳ قرآن ۽ سنت جي نالي هيٺ صاحب اقتدار طبقي جي نمڪ خوار ملا جي تشريح مطابق، هلائڻو

چالاڪ سياستدانن ۽ صاحب اقتدار طبقي جي هٿ ۾ رانديڪو ٿي، ڪتب آيو آهي. ملا ڪي ڪهڙي مجال آهي جو سندس رزاق حاڪم جي حڪم جي انحرافي ڪري. جن انحرافي ڪئي، انهن جا مثال اڪين اڳيان اٿس. اسلامي تاريخ ان تي شاهد آهي ته ملن اڪثري پنهنجن مربي حاڪمن جي اشاري تي، سندن فائدي خاطر اسلام ڪي توڙي مروڙي پئي ظاهر ڪيو آهي.

اسلام يا ٻين مذهبن جي ڪتابن، دستورن ۽ شريعتن ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه موجود نه آهي، جا موجوده هنري ۽ سائنسي دور جي ضروريات مطابق ڪارگر ٿي سگهي. مذهب ماڻهن لاءِ ٺاهيا ويا آهن، نه ماڻهو مذهبن لاءِ. جڏهين حالتن جي تقاضا موجب مذهبي شريعتون ان لاءِ ڪارآمد نٿيون ٿين، ته پوءِ انهن سان محض رسمي ڳانڍاپي ذريعي ڪوبه مسئلو حل ڪونه ٿو ٿئي. وقت اچي ويو آهي ته ماڻهن کي ذهن نشين ڪرايو وڃي ته ملا صاحب اقتدار جو ٻانهن ٻڌو ٻانهون آهي، جو مذهب کي مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آڻڻ گهري ٿو. هاڻ ان جي اِنهيءَ اصلي ڪردار کي سڃاڻڻ گهرجي. هن وقت ٻيا سڀ مسلمان ملڪ ملا جي اِنهيءَ نقطي نگاه کي ختم ڪري چڪا آهن. دنيا ۾ صرف پاڪستان ئي هڪ ملڪ آهي، جتي اهو راڳ ڳايو ٿو وڃي.

Gul Hayat Institute

هتي پاڪستان ۾ پهرين انگلنڊ جي پارليامينٽري طرز جي حڪومت هئي. هاڻ ڪنٽرولر جمهوريت جي نالي سان حڪومت هلائي وڃي ٿي. سندن قانون رومن قانونن جي بنياد تي ٺهيل آهن انهن جو سمورو ڪاروبار يورپي طرز تي هلي رهيو آهي. پوءِ به عوام کي دوکي ڏيڻ لاءِ قرآن ۽ شريعتي قانونن جا نالا ڪتب آندا وڃن ٿا.

ملن کي خبر آهي ته پراڻا شريعتي قانون جهڙوڪ چور جا هٿ وڍائڻ، زانيءَ کي سنگسار ڪرائڻ، مذهبي اختلاف رکندڙ کي قتل ڪرائڻ، ڏاڙهي رکائڻ، وياج بند ڪرائڻ، شراب تي بندش وجهڻ

زالن کي پردو ڪرائڻ، تصويرون نه ڪيڏائڻ، مينا بازارين کي بند ڪرائڻ وغيره لاءِ هو ڪجهه ڪري نٿا سگهن. پوءِ به هو اسلامي قانونن جو نالو اچاريندا وتن ٿا. ان مان هرڪو ذي عقل ماڻهو سمجهي سگهي ٿو ته ان مان سندن مقصد، سندن مستقل مفاد لاءِ عوام کي ڌوڪي ۾ رکڻ کان سواءِ، ٻيو ڪجهه نه آهي.

تاريخ شاهد آهي ته برهمڻن ڪروڙها ماڻهن کي مذهب جي نالي ۾ اڇوت بنائي ڇڏيو. ساڳيءَ طرح پادرين مذهب جي نالي ۾ هزارها ماڻهن کي زنده جلائي، ۽ صليبي جنگين ۾ تباهه ڪري ڇڏيو. مسلمانن جي تاريخ مان به سوين اهڙا مثال ملندا، جنهن ڪري مذهب جي نالي ۾ نه صرف ماڻهن جي آزاد راءِ ۽ عمل تي بندش وڌي وئي، پر اختلاف رکندڙ عالمن ۽ درويشن کي سخت سزائون ڏنيون ويئون. منصور کي سنگسار ڪرائڻ، شمس تبريز جي کل لهرائڻ، سرمد کي قتل ڪرائڻ، شاهه عنايت کي شهيد ڪرڻ، شاهه بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙائڻ جا مثال تاريخ جون حقيقتون بنيل آهن.

خلافت جي اختلاف ڪري شيعا سني فرقا پيدا ٿي پيا. امام حسين عليه جي شهادت، بغداد جو منگولن هٿان قتل عام، هندستان ۾ اورنگزيب جي پاليسيءَ ڪري، مغلن جي طاقت ختم ٿيڻ، سڀ انهيءَ پاليسيءَ جا چند مثال آهن. انهيءَ جو فائدو وٺي، مسلمان حاڪمن ملا کان جهاد جي فتوا ڪيڏائي، ڌارين ملڪن تي ڪاهون ڪيون. عرب، مغل ۽ ترڪ سامراج اهي ئي هٿيار ڪتب آندا. محمود غزنويءَ ۽ تيمورلنگ جون غارتگريون سڀ مذهبي رنگ ۾ هيون. باوجود ان جي ملن انهن کي غازي ۽ صاحب قران جا لقب عطا فرمايا.

اسان جو صاحب اقتدار طبقو، ٻاهرينءَ دنيا کي ڌوڪي ڏيڻ خاطر، اختلافي مسئلن کي باهمي گفتگو ۽ صلح ڪن طريقن سان حل ڪرڻ جو آواز ڪيدي رهيو آهي. قومن جي خود اراديءَ جي نالي ۾ ڪشميري مسلمانن کي آزادي ڏيارڻ گهري ٿو، پر هنن کان ڪو پڇي ته سنڌ، بلوچستان ۽ پختونن جي آزاديءَ کي ڪهڙي

اصول سوجب سلب ڪيو ائن. هاڻيءَ جا ڪائڻ جا ڏند هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. آمرانہ حڪومت جو سرشتو، مخالفن جي آواز کي دٻائڻ، ننڍن صوبن جا حق مارڻ، ماڻهن جا بنيادي انساني حق کسڻ، سڀ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي شاخ آهن.

هن وقت جڏهين سڀ مذهب خدا ۾ ويساه، شخصي آزاديءَ ۽ حيات بعدالممات جي عقيدن جي بچاءُ ۾، مٽيريلزم جي زد کان محفوظ رهڻ لاءِ، موت ۽ حياتي جي جنگ لڙي رهيا آهن، جنهن ۾ مٽيريلزم عوام جي پلي لاءِ سائنس ۽ عقل سان ملبوس، ٿي، مذهب جي هر عقيدي کي منهدم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، اهڙي وقت ۾ عقل جي تقاضا اها آهي تہ جملي مذهبن کي سياسي ڳالهين کان علحده رکي، پاڻ ۾ اتحاد ڪري، دهريت جي وڏندڙ سيلاب کي منهن ڏيڻ گهرجي. پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ اسلام ملا جي چوگان شطرنج ۾ روزبروز کيلوٽو ٿي ڪم اچي رهيو آهي. منجهائن اختلاف گهٽجڻ جي بجاءِ وڌي رهيا آهن. مذهبن جي حالت اهڙي آهي، جو ٻيڙي ڪن ۾ اچي پوي ۽ ناخدا پاڻ ۾ وڙهندا رهن. مذهب جو مڙدو نرڳ وڃي يا سرڳ وڃي، تنهن جي هنن کي پرواه نہ آهي. ڪين سندن مستقل مفاد محفوظ رکڻا آهن.

جيڪڏهن اسان جي ملڪ کي مٿي ذڪر ڪيل خرابين کان بچائڻو آهي، اخلاقي معيارن کي قائم رکڻو آهي، ظلم ۽ تشدد، نفرت ۽ استعمال غرضيءَ جي بيمارين کان ماڻهن کي آزاد ڪرڻو آهي، تہ مذهب کي سياست کان علحده رکڻو پوندو. ملا جي اسلامي تشريح کي ترڪ ڪري مذهب جي اهڙي تشريح ۾ اعتقاد رکڻو پوندو، جا موجوده سائنسي دور جي تقاضا موجب انسان ذات جي مشڪلات کي حل ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هجي.

Gul Hayat Institute

## (۳)

# صوفيائي ڪرام جي اسلامي تعبير جي وضاحت

قرآن ۾ ڪيترين جڳهين تي راسخون في العلم، متقين ۽ اولي الالباب جو ذڪر آيل آهي.

هيٺيون آيتون ان جي دليل ۾ پيش ڪريان ٿو:

(۱) هو الذي انزل عليڪ الڪتاب منه آيات محڪمات هن ام الڪتاب و آخر متشابهات فاما الذين في قلوبهم زيغ فيتبعون ما تشابه منه ابتغاء الفتنه و ابتغاء تاويله، وما يعلمه تاويله الا الله والراسخون في العلم يقولون آمنا به- ڪل من عند ربنا وما يذڪر الا اولي الالباب.

معنيٰ— هن اوهان تي ڪتاب نازل ڪيو آهي، جنهن جون ڪي آيتون فيصل ڪن (چٽيون) آهن. جي بنيادي آهن، ٻيون تشبيهي آهن پوءِ اهي ماڻهو جن جون دليون گمراه آهن، سي تشبيهي حصي جي پيروي ڪري ان مان فتنا پيدا ڪن ٿا ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق معنيٰ ڪڍن ٿا. پر انهن جي صحيح معنيٰ الله ۽ حقيقت الاشيا (راسخون في العلم) تي فڪر ڪرڻ وارن کان سواءِ ٻئي کي خبر نہ آهي، جي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي ان تي، جو خدا طرفان عطا ٿيل سمجهہ ذريعي اسان کي معلوم ٿيو آهي — اها ڳالهہ اهي ڪن ٿا، جي صاحب غور ۽ فڪر آهن.

(۲) ذالڪ الڪتاب هديٰ للمتقين.

معنيٰ - هي ڪتاب صاحب تقويٰ جي رهبري ڪري ٿو.

(۳) قدخلت من قبلڪم سنن فيسرو في الارض فانظرو ڪيف ڪان عاقته المڪذبين هذا بيان للناس و هدي و موعطته للمتقين.

Gul Hayat Institute

ٻهرئين قسم ۾ جادوگر، ظاهري مذهب سان واسطو رکندڙ، پنڊت پادري، ربي، ملا وغيره داخل آهن. ٻئي قسم ۾ حڪيم، پيغمبر، ولي الله، درويش، راهب، سنت ۽ سنياسي شامل آهن.

جيئن ته ڪثرت تعداد ماڻهن جو جاهل، وهم پرست، خودمطلب غيرصالح پئي رهيو آهي، ان ڪري دنيا ۾ هميشه پهرئين قسم جي مذهبي عقيدن ۽ دستورالعمل جو چالاڻو پئي رهيو آهي. ٻئي قسم جي ماڻهن، ٿورائيءَ هئڻ ڪري، مصلحت وقت عام ماڻهن جي ڪم فهميءَ خود مطلبيءَ ۽ وهم پرستيءَ جو لحاظ رکي، پنهنجي تعليم کي چونڊيل ماڻهن تائين محدود پئي رکيو آهي.

جيڪڏهن صاحب طريقت ماڻهن جي تاريخ جو مطالعو ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته اهڙي قسم جي تعليم جا آثار دنيا جي هر مهذب قوم ۽ متمدن ملڪ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. يونان، مصر، عرب، ايران، چين ۽ هندستان ۾ اهڙيءَ تعليم جا آثار ملن ٿا. انهن جماعتن جا هرملڪ قوم ۽ مذهب ۾ بنيادي سا هڪجهڙا هئا.

مسلم صوفيائي ڪرام اسلام جو تعبير آنهن اصولن مطابق پئي ڪيو آهي، جنهن جو بنياد عشق ۽ علم تي رکيائون ٿي، جن جي پڇاڙي يا حد مقرر ٿيڻ واري نه آهي؛ زندگيءَ وانگر اهي سدائين ارتقائي تحرڪ ۾ هئا.

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سيڙهو سڪ،
عدد نه آهي عشق، پڇاڙي پاڻ لهي.

صوفين جو چوڻ آهي ته، رسول مقبول صلعم، جي عام لاءِ هدايتون ڏنيون، اهي شريعتي قانون بنيون، ۽ جي خاص لاءِ سمجهاڻيون هيون، اهي طريقت ۽ معرفت جي علمن جو باعث بنيون. صوفين وٽ انهيءَ خاص علم جو شهر يا مخزن رسول مقبول هو ۽ حضرت علي ان جو دروازو هو. ان کان پوءِ خود طريقت جا ڪارڪن ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا:

Gul Hayat Institute

هڪڙن اخلاق جي درستيءَ ۽ نفسياتي اصلاح طرف زياده توجه ڏنو، ۽ ٻين حقيقت اشيا ۽ انسانذات جي مجموعي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ زندگيون صرف ڪيون.

## صوفين جو پهريون گروه:

ان ۾ مکيه چار طريقا پيدا ٿيا: قادري، سهروردي، چشتي ۽ نقشبندي. جن جي بزرگن، ماڻهن جي اخلاق کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، جيئن ته رضا تي راضي رهڻ، هر وقت شڪر ڪرڻ، مصيبت کي صبر سان برداشت ڪرڻ، ماڻهن سان فضيلت جو برتاءُ وٺڻ، برن ڪمن کان ڪنارو ڪرڻ، حق ۽ صداقت مطابق پنهنجي قول ۽ فعل کي سنوارڻ، ۽ نفسياتي اصلاح لاءِ تعصب، غصي، نفرت، تشدد، ڪيني وغيره کان گوشو ڪرڻ. اهڙن بزرگن ۾ حضرت جنيد بغدادي عليه، شبلي عليه، شيخ عبدالقادر جيلاني عليه، شيخ ابو نجيب سهروردي عليه، خواجه معين الدين اجميري عليه ۽ خواجه بهاءالدين نقشبندي عليه مکيه هئا. اهي نه صرف پڙهيل ۽ سمجهدار ماڻهن تي اثرانداز ٿيا، پر عام ماڻهن کي به پنهنجي طرف راغب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. انهن جي مکيه پاليسي اها هئي ته مذهب جي ظاهري عقيدن ۽ دستورن جي ڇيڙڇاڙ نه ڪري، ان تي هلندي، عوام ۽ خواص جي اخلاقي ۽ نفسياتي اصلاح لاءِ ڪوشش ڪندا رهن. انهن بزرگن، ماڻهن جي اخلاق ۽ نفس جي درستيءَ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو.

## صوفين جو ٻيو گروه:

ان گروهه هرهڪ ڳالهه جي تهه تائين وڃڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي اهڙو مستغرق ڪري ڇڏيو، جو مذهبن جي ظاهري تسليم ڪيل دستور ۽ عقيدن جي افاديت ئي وٽائن ختم ٿي ويئي. زندگي ڇا آهي؟ ان جي گذارڻ جا مقصد ڪهڙا آهن؟ ۽ حيات بعدالممات ۽ ڪائنات جي ٻين اونهين ڳالهين جي کوجنا طرف، هو غور فڪر ڪندا رهيا.

Gul Hayat Institute

انهن مصر، يونان، ايران ۽ عرب جي قديم فيلسوفن ۽ اهل طريقت جي معلومات مان فائدو ورتو، ۽ پاڻ به ان تي غور فکر ڪندا رهيا. انهيءَ معلومات ڪان متاثر ٿي، هنن ڪثرت مذاهب، دستورن ۽ عقيدن پويان بنيادي وحدت جو راز حاصل ڪري ورتو. تنهنڪري هنن حوصلي ڪان ڪم ورتي، جملي مذهبن جي ظاهري عقيدن ۽ دستورن کي فرسوده ۽ غلط ڄاڻي، حقيقي مسئلن جي اپٽار ڪئي. هنن کي پتو پئجي ويو هو ته مذهبن جا بنيادي مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم هئا. موجوده ظاهري مذهبن جي ڪثرت ان جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئي. اهي مذهب مستقل مفاد بنجي پيا هئا، جي نفرت پيدا ڪري انسانذات ۾ نفاق جو ڪارڻ بنيا هئا. ان ڪري امن جي بجاءِ فساد پيدا ٿيو هو. بدامنيءَ ۽ فساد جي حالتن ۾ انساني ترقيءَ جي راهه رڪجيو وڃي. مطلب ته بقول شاعر ـــ

رند روز شب آهن سدا، وحدت جي واديءَ ۾ غرق

ـــ وارو حال هون. انهن پنهنجو رهبر عشق ۽ علم کي بنايو هو. انهيءَ گروهه ۾ ڪيئي بزرگ ٿي گذريا؛ پر منصور عليه، خواجه فريدالدين عطار عليه، شمس تبريز عليه، شيخ محي الدين ابن عربي، سرمد شهيد عليه، شاهه عنايت الله شهيد عليه، سچل سرمست وغيره مکيه هئا.

انهن ۾ هڪ گروهه سالڪن جو هو ۽ هڪ مجذوبن جو. ٻئي وحدت الوجود (ويدانت، همه اوست) جا قائل هئا. ليڪن ڪن مصلحت خاطر، ملا واري مذهب جي کليءَ مخالفت ڪرڻ کان گوشو ڪيو، جن ۾ مولانا روم، شاهه ولي الله، شاهه عبداللطيف وغيره مکيه هئا.

اِنهيءَ ابتدائي تمهيد بعد، اچو ته ٻئي گروهه جي صوفين جي نقطه نگاهه تي روشني وجهندس.

## صوفياء ڪرام جو ٻهريون عقيدو.

## ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جي پرک:

انهيءَ عقيدي جا هيٺيان پهلو هئا:

(الف) خدا سائينءَ طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ انسانذات جي

اصلاح ۽ رهبريءَ لاءِ حڪيم، پيغمبر، رشي پئي آيا آهن.

(ب) انهن جي تعليم مان ڪي بنيادي ۽ دائمي قسم جون هدايتون هيون، ۽ ڪي فروعي ۽ عارضي قسم جون هدايتون هيون.

**(الف) هر زماني ۾ برگزيده شخص جو اچڻ:** صوفي هن ڪائنات جي پيدا ٿيڻ کي حادثو تصور نٿو ڪري. هن جي ڪنن ۾ "ما خلقت هذا باطلا" [معنيٰ ـــ چا، هي سارو مانڊاڻ بنا ڪنهن مقصد جي بنايل آهي؟"] جو آواز گونجي رهيو آهي. هو ان کي هڪ رٿا مطابق ڪن خاص مقصدن لاءِ پيدا ڪيل سمجهي ٿو. رٿا ۽ مقصدن ۾ ويساه ڪرڻ بعد هن جو خيال ان طرف وڃي ٿو ته ان ساري معاملي پويان ڪا وڏي طاقت ڪارفرما هوندي. ان جا نالا ۽ تصور ڪٿي ڪهڙا به هجن، پر ان جي وجود بابت ڪيس شڪ نٿو رهي. ان جا ڪي تصور ۽ نالا صفاتي آهن ۽ هڪ ذاتي آهي. پيغمبر خدا صلعم ان ذاتي نالي کي الله جي نالي سان سڏيو. اهڙيءَ طرح ٻين مذهبن ۾ به ڪي ذاتي نالا آهن. هنن جو عقيدو آهي ته رٿا موجب ڪي شيون مظهر ۾ اچي، شڪل وٺي، ڪجهه وقت رهي، وري شڪل مٽائي بي صورت اختيار ڪن ٿيون. اهو سلسلو سدائين قائم رهي ٿو. بزرگن ان پلئن ۽ مقصد بابت وقت بوقت کوجنا ڪري، ان بحر عميق مان ڪي موتي ڪڍي ٻاهر ڪيا آهن ـــ

شيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين سپجن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جڙئي مال، ته پوچارا پر ٿئين. (شاهه)

جهڙيءَ طرح ڪائنات جي پيدائش ۽ تبديليءَ جو سلسلو اڻ کٽ آهي، اهڙيءَ طرح کوجنا جو سلسلو به هميشه جاري رهڻ وارو آهي. ان جو انت ۽ علم ان ذات حقيقيءَ کان سواءِ ٻين کي تمام ٿورڙو مليو آهي.

يسئلونڪ عن الروح قل الروح من امر ربي و ما اوتيتم من العلم الا قليلا ط

معنيٰ — اي پيغمبرؐ ماڻهو جيڪڏهن ان روح (راز حقيقي) بابت پڇا ڪن، تہ کين جواب ڏي تہ اهو خدا جو ڳجهہ آهي. ماڻهن کي ان جو تمام ٿورو پتو پئجي سگهي ٿو. پيغمبر، حڪيم، سائنسدان، ان جا غواص (ٽوٻير) آهن، جي ٿيءَ مان ڪو داڻو هٿ ڪري اچن ٿا.

**(ب) برگزيده شخص جي تعليم:** جا ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي: (۱) انهيءَ پلئن (رڳا) ۽ مقصدن بابت معلوم ڪيل راز پڌائڻ، ۽ (۲) ماڻهن جي حالتن ۽ ضرورتن پٽاندر ڪي اصلاحي ۽ تنظيمي تجويزون ڏسڻ. پهريون ڀاڱو دائمي ۽ بنيادي قسم جو آهي، ۽ ٻيو ڀاڱو عارضي ۽ فروعي قسم جو آهي.

دائمي ۽ بنيادي قسم جي تعليم جا ٻہ جزا آهن: هڪ رڳا سان واسطو رکندڙ جزو، ۽ ٻيو مقاصد سان واسطو رکندڙ جزو.

**رڳا سان واسطو رکندڙ.** اهي ڳالهيون اسرار ڪائنات، خلقت اشياءِ، روح ۽ ماده (جسم ۽ جوهر) جي حقيقت، تسلسل حيات ۽ ان جي قسمن جي ڳالهين وغيره سان لاڳاپو رکن ٿيون. صوفي ان جي تشبيه بحر عميق يا وسيع صحرا سان ڪري ٿو، جنهن جي سنڌي سيڙهي جو پتو نہ هئڻ ڪري، حيرت ۾ اچي وڃي ٿو. خواجہ حافظ صاحب ان جي ترجماني هيئنءَ طرح ڪري ٿو:

کس ندانست کہ منزل گہ معشوق کجا ست،
این قدر هست کہ بانگ جرسي مي آید؛
در هر طرف کہ رفتم جز حیرتم نیفزود،
فریاد زین بیابان وز راه بي نهایت.

باوجود ان جي، هو ڳولا ۾ سرگردان رهي ٿو. انهيءَ ۾ لطف اچيس ٿو. شاهہ سائين ان کي هيئنءَ طرح پيش ڪري ٿو.

ڳوليان ڳوليان ۾ لهان، شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، متان ملڻ سان مٺي ٿئي.

**(٢) مقصد سان واسطو رکندڙ مسئلا:** صوفي ڪائنات ۽ زندگيءَ جو مقصد ارتقائي راهه ۾ مسلسل جدوجهد ڏسي ٿو. انهيءَ ارتقا ۽ جدوجهد کي هو عشق يا محبت جي نالي سان سڏي ٿو. ان کي هو هر مذهب جو روح سمجهي ٿو. ان جي پختگيءَ لاءِ، هو ڪي اصولي قانون مقرر ڪري ٿو، جي ڪيس ان بي انت راهه ۾ رهبري ڪن ٿا. اهي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ انسانيءَ جا اصول آهن. هن کي اها پرواهه نه آهي ته ڪڏهين مقصد حاصل ٿيندا. پر اها ڳالهه هن لاءِ ڪافي آهي ته هن جي ساري زندگي ان راهه ۾ صرف ٿئي ٿي.

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد،
اين بار گران بود، ادا شد چه بجا شد.

---

”جي قيام مڙن، ته ٻه ويجها پانئج سپرين.“ (شاهه)

**فروعي ۽ عارضي قسم جون هدايتون.** اهي ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن: (١) عقيدن سان واسطو رکندڙ هدايتون، (٢) باهمي تعلقات سان واسطو رکندڙ هدايتون، ۽ (٣) رسومات ۽ عبادات سان واسطو رکندڙ هدايتون.

**(١) عقيدن سان واسطو رکندڙ فروعي هدايتون.**

صاحب فهم ۽ فراست کي جڏهين پتو پيو ته انساني طبيعتن کي موڙي فرمانبردار بنائڻ ۽ درست ڪرڻ لاءِ خوف ۽ لالچ جي نفسياتي اثر کي گهڻو دخل آهي، ته هنن انهن پنهي ڳالهين جي استعمال سان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. جن کي بدني طاقت ۽ پيسو هو، انهن هنن ڳالهين کي ملڪي نظم ۽ نسق جي برقرار رکڻ ۽ پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد جي قائم رکڻ لاءِ ڪم آندو؛ ليڪن جن کي بدني ۽ مالي طاقت جي عيوض علمي ۽ عقلي ذاتيءِ عطا ٿيل هيون، انهن وري ماڻهن جي وهم پرستي، لڪل طاقتن جي خوف، قديم عقيدن ۽ مختلف قسم جي ڪمزورين مان فائدو وٺي، دپ ۽ دلاسو ڏيئي، مذهبن جي ترتيب، نظام ۽ فروغ لاءِ انهن کي ڪم آندو.

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح، حاڪمن گـذريل قبيلائي روايات، شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي مد نظر رکي، ملڪي نظام لاءِ ڪي دستور سرتب ڪيا، جن کي اڳتي هلي قانون جي نالي سان سڏيو ويو، ۽ مذهبي مهندارن گناهه ۽ ثواب، سزا ۽ جزا لاءِ قانون ۽ دستور مرتب ڪري، انهن کي شريعتون سڏيو. ٻنهي جا بنيادي محرڪ جذبا (Incentives) ساڳيا خوف ۽ لالچ هئا. تفاوت ٻنهي ۾ هي هو ته ملڪي حڪومتن جي سزا جلد ملڻ واري هئي ۽ مذهب وارن جي جزا ۽ سزا جو آخرت ۾ بهشت ۽ دوزخ جي صورت ۾ ملڻ جو انتظار ڪرڻو هو. اهل حڪومت ۾ ظالم ۽ خود مطلبين جو تعداد زياده هو، ۽ مذهبي مهندار انهن کان نرم ۽ ڪجهه قدر رحمدل هئا.

ڪنهن وقت اهي ٻيـئي اداره علحده پئي هليا آهن. ليڪن اڪثري ٻنهي جـا مستقل مفاد ڪم و بيش ساڳيا هئڻ ڪري، ٻنهي گڏجي هڪٻئي جي تعاون سان ڪم ڪيو آهي. انهيءَ ڏس ۾ شاذ و نادر مذهبي مهندارن جو اثر غالب رهيو آهي. اڪثر حالتن ۾ مذهبي مهندارن جي پوزيشن ثانوي پئي رهي آهي. هنن اڪثر ڪري، حاڪمن سان سندن مستقل مفاد ڳنڍيل هئڻ ڪري، اهل حڪومت جي مرضي مطابق مذهبن کي مروڙي پئي ڪتب آندو آهي. ازانسواءِ ماڻهن ٻه، حڪام وقت جي طاقت کي نقد ۽ مذهبي مهندارن جي قوت کي آڌار ڄاڻي، پهرئين کي ترجيح پئي ڏني آهي. حاڪمن جي جزا ۽ سزا ترت ملڻ واري هئي. مذهبي جزا سزا لاءِ قيامت تائين ترسڻو هو.

جيستائين حد کان وڌيڪ انهن ٻنهي گروهن سندن شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ حڪومت ۽ مذهب جو ناجائز استعمال نه پئي ڪيو، ماڻهن سندن معمولي خود غرضي ۽ ظلمن کي برداشت پئي ڪيو. پر جڏهين ٻه ٻنهي يا هڪ جو ظلم ۽ استعمال غرضي حد کان لنگهي ٿي ويئي، ته ڪيترن کي غيرت ٿي آئي، ۽ هنن ان جي خلاف بغاوت ڪئي ٿي، يا ڪم از ڪم آواز اٿاريو ٿي.

گذريل پنج سؤ ورهين کان دنيا جي اڪثر ملڪن جون سماجي حالتون بدلجي چڪيون هيون. ماڻهن حڪومتن ۽ مذهبن جي جوڙجڪ

اسان جو شاهه سائين عليه الرحمة فرمائي ٿو:

ملين منو ماڻ، پٽو ڦٽس پيٽ ۾،
سچائي الله، تہي ڏنائين ڏوڙ ۾. (شاه)

سچل سرمست عليه الرحمة چوي ٿو ته

سنجهايو ساڻهن کي، ماضين، مذهبن،
محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن،
هون حديثن ڪينڪي، نہ ۾ آيتن،
مڃن تن کي ڪين، ٿيو ملا ٿا مڃن،
سي سوگها سپيئي ڪيا، نامراد نيرن.

## (٢) باهمي تعلقات سان واسطو رکندڙ هدايتون:

انهن ڳالهين جو اخلاق سان واسطو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي (Ethics) سڏجي ٿو. مذهبي شريعت ۾ فقه ذريعي ان جو اظهار ڪيو ويو آهي.

باهمي تعلقات سان واسطو رکندڙ دستور ۽ قانون بدليل حالتن جي تقاضا، نت نين معاشري جي ضرورتن، مختلف نسلن، ملڪن جي ماڻهن جي قديم روايات ۽ رجحانن سبب وقت بوقت پئي تبديل ٿيا آهن، ۽ ٿيندا رهندا. مذهبي قانون به انهيءَ عام ارتقائي قانون کان ڇٽل نہ آهن. ملڪي مدبرن، پيغمبرن ۽ مصلحن، انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي، جماعتي دستورن جي تعمير پئي ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن بابت گهڻي غلط فهمي پکڙيل آهي، تنهنڪري ضرورت آهي ته پهرين انهن کي صاف ڪجي.

ان باري ۾ پهرين ڳالهه هيءَ ياد رکڻ جهڙي آهي، جيئن مٿي بيان ٿي آيو، ته ماڻهن جي باهمي تعلقات جا قانون، پوءِ اهي حڪومتن طرفان ٺاهيل هجن يا مذهبن طرفان، دائمي ٿي نٿا سگهن. اهي حالتن جي تبديليءَ ۽ معاشري جي ڦير گهير سبب بدلجي سگهن ٿا.

ٻي ڳالهه هيءَ ته عام ماڻهو نفسياتي طور قدامت پسند آهن، جن عقيدن ۽ دستورن سان مانوس ٿيو وڃن، تن کي بدلائڻ تي جلد رضامند نہ ٿا ٿين.

Gul Hayat Institute

ٽين ڳالھ ھيءَ تہ مذھبي يا جماعتي دستورن جي ھلائڻ جي چارج جن ماڻھن جي ھٿ رھي ٿي، تن جي مستقل مفاد جي تقاضا انھن جي بدلائڻ جي خلاف رھي ٿي.

چوٿين ڳالھ تہ اسلام جي ناليءَ مقرر ٿيل شريعتي قانون، عرب ملڪ جي بدويانہ دور ۾ تيار ڪيل ھئا، جنھن وقت معاشرو قبيلائي بنيادن تي تعمير ٿيل ھو. موجوده تمدن، ھنري ۽ سائنسي دور جون تقاضائون علحده آھن.

تنھنڪري، موجوده دور جي بدليل حالتن ۽ معاشري جي ڦيرگھير ڪري، ملڪن ۽ قومن جي اقتصادي ۽ سماجي ڳالھين سان تعلق رکندڙ مسئلا نئون رخ اختيار ڪري ويا آھن؛ تنھنڪري ملا واريءَ تشريح جا شريعتي دستور سندن افاديت وڃائي چڪا آھن. وقت آيو آھي تہ انھن کي بدليل حالتن جي تقاضا ۽ معاشري جي ضرورتن مطابق، نون نظرين جي بنياد تي، عوام جي رضامنديءَ سان، نئين سر مرتب ڪيو وڃي. ان لاءِ ھيٺين ڳالھين بابت خاص توجه لھڻو:

(۱) ماڻھن جي غربت ۽ بي روزگاري دور ڪري، سندن معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ تجويزون رٿڻ.

(۲) دنيا ۾ مروج سياسي نظرين مان ڪھڙو اسان لاءِ موزون ۽ ڪارآمد ٿي سگھندو، ان تي غور ڪرڻ.

(۳) اخلاقي ۽ سماجي قانونن ۽ دستورن جي نئين سر ترتيب.

صوفي ۽ جديد علم ۽ سائنس سان ملبوس ماڻھو قديم مذھبي شريعتن جي افاديت ختم ٿيل ڏسي ٿو. ھن کي معلوم آھي تہ اھي دستور يا اخلاقي قانون وقتي ضرورتن ۽ معاشري جي تقاضائن مطابق بنايل ھئا، جي حالتن جي بدلجڻ ڪري، تبديل ٿيڻ گھرجن؛ پر ملا طرفان ان جي مخالفت ٿئي ٿي. چي، اھي قانون بدلجي نٿا سگھن، جو اسلام دين مڪمل آھي؛ پر مٿي ذڪر ڪيل ماڻھن کي پتو آھي تہ ملا طرفان اھڙيءَ ڳالھ جو اظھار تعجب خيز نہ آھي. ھڪ تہ ان مان سندس مستقل مفاد کي نقصان پھچڻ جو انديشو آھي. ازانسواءِ

Gul Hayat Institute

خود سندس اسلامي تشريح غلط بنيادن تي تعمير ٿيل آهي.

صوفيءَ جي نظر ۾ ماڻهو نورالاهي هئڻ ڪري، مذهبن جا غلام ٿي نٿا سگهن. مذهبي دستور سندن مفاد لاءِ بنايل هئا. جڏهين اهي زماني جي تبديليءَ ڪري، فائدي جي بدران نقصان جو باعث بنجن ٿا، ته انهن کي هو غير موسمي ڪپڙن وانگر اڇلي ڦٽو ڪري ٿو.

بيدل سائين فرمائي ٿو ته

مذهب واري قيد کون بيدل، عشق ڪيو آزاد!

ٻئي درويش چيو آهي ته

ڏسو عشق جا انصاف، مڙئي مذهب ڪيائين معاف!

**(۳) رسومات ۽ عبادات:** انسان نفسياتي طور ذي حس ۽ جذباتي جانور آهي. هر خوف، نقصان، رنج، غصو، گهٽتي، وغيره سندس قلبي سڪون ۽ دلي جميعت کي لوڏيو ڇڏي.

جهڙيءَ طرح جسماني بيمارين لاءِ ڪي عارضي ۽ ڪي دائمي علاج حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن طرفان رٿيا ويا آهن، اهڙيءَ طرح ذهني ۽ نفسياتي تڪليفن جي رفع ڪرڻ يا گهٽائڻ لاءِ به ڪن بزرگن طرفان ڪي عارضي ۽ ڪي دائمي قسم جون تدبيرون سوچيون ۽ ڏسيون ويئون آهن.

ليڪن هيءَ ڳالهه صاف سمجهڻ جي لائق آهي ته جهڙيءَ طرح جسماني مرضن جي علاج لاءِ مختلف وقتن ۾ معلومات ۽ تجربن جي بنياد تي جدا جدا علاج رٿيا ويا هئا. جهڙوڪ ڪنهن وقت سڱيون هڻائڻ، رما لڳائڻ، سيرون ڇوڙائڻ، ڏنڀ ڏيڻ، ڪلون چاڙهائڻ، ۽ مارون ڏيئي بيماري ڪڍڻ جو عام دستور هو، ليڪن هاڻ انهن کي وحشيانه علاج سمجهي ترڪ ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي جاءِ تي جديد يوناني ايلوپيٿي وغيره علاج ڪيا وڃن ٿا؛ اهڙيءَ طرح نفسياتي تڪليفن لاءِ به ڪي طريقا ۽ تجويزون سوچيون ويئون هيون،— انهن ۾ ڪرياڪرم، عبادتون، ورد، وظيفا، ڦيٿا، چندا، ڏاڳا، تعويذ وغيره شامل هئا.

Gul Hayat Institute

مسلمانن ۾ هيٺيان عبادت جا طريقا مروج آهن: (۱) نماز، (۲) وظيفا، (۳) چله ڪشي، (۴) قرآن خواني، (۵) درود خواني، وغيره.

نماز کي مسلماني عبادتن ۾ مکيه درجو حاصل آهي. ان کي ملن اسلام جي مکيه رڪنن مان هڪ ڪري شمار ڪيو آهي. چيو اٿن ته

روز محشر ڪه جان گداز بود، اولين پرسش نماز بود

[يعني، روز محشر سڀ کان اول نماز بابت پڇا ڪئي ويندي.]

جيڪڏهين انهيءَ مسئلي تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته نماز مان هيٺين فائدن حاصل ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي: (۱) خدا جي رضامندي، (۲) تزڪيه نفس (نفس جي صفائي)، (۳) سڪون قلب (دل جي شانتي)، (۴) آخرت جو نفعو، ۽ (۵) گناهن کان ڇوٽڪارو.

انهن ذڪر ڪيل فائدن مان هرهڪ تي روشني وجهڻ بهتر ٿو سمجهان.

۱. نماز خدا جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ. انهيءَ عقيدي جو بنياد خدا جي شخصي تصور تي رکيل آهي، جنهن مطابق خدا سائين ماڻهن وانگر خوشيءَ ۽ رنج جي صفتن سان موصوف آهي. ملن جو چوڻ آهي ته خدا سائين سندس پيدا ڪيل ماڻهن جي هرهڪ ڪم کي ڏسي رهيو آهي. هو ڪن ڪمن تي راضي ۽ ڪن تي ناراض ٿئي ٿو. ان بابت مذهبي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل آهي ته ماڻهن تي ٻن قسمن جا فرائض ٿين ٿا: (۱) حقوق الله، ۽ (۲) حقوق العباد.

حقوق العباد جو ذڪر باهمي تعلقات جي احوال ۾ ڪري آيو آهيان.

نماز حقوق الله ۾ داخل آهي. ملا جو چوڻ آهي ته خدا سائينءَ ماڻهوءَ کي پيدا ڪيو آهي. هن کي زنده رکيو، گذر مهيا ڪري ڏنو اٿس ۽ کيس تندرستي عطا ڪئي اٿس. ان ڪري، فرمانبردار ۽ صالح ٻانهي هئڻ ڪري، هن کي انهن نعمتن واسطي خدا جا شڪرانا بجا

Gul Hayat Institute

آڻڻ لاءِ خدا جي عبادت ڪرڻ لازمي ٿيو پوي، ۽ نماز بهترين قسم جي عبادت آهي.

صوفيءَ جي نظر ۾ خدا جو شخصي تصور نا قابل قبول آهي. هي خدا ڪي شڪل، مڪان، زمان، اسباب ۽ سڀني انساني صفتن کان مٿي ۽ پاڪ سمجهي ٿو. هو قائم بذات ۽ بي نياز آهي. هو نه ڪنهن جو ڄائو آهي، نه ڪنهن کي ڄڻيو اٿس. هن کي ڪاڏي، خوشامد ۽ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي ضرورت نه آهي. هو نفسياتي صفتن کان، جن ۾ خوشي ۽ رنج پيئي اچي وڃن ٿا، آزاد آهي. هو 'ساهه جي رڳ کان ويجهو' ۽ 'هر جاءِ حاضر ناظر' آهي. صوفي جو آخري نڪتو اهو آهي ته اسان ڪجهه نه آهيون، سڀ ڪجهه ذات الاهي آهي. صفت کي ڪا جدا هستي ۽ وجود نٿو ٿئي، ان ڪري نماز جو اهو پهلو صوفيءَ جي نظر ۾ بي معني ۽ بي مطلب ٿيو پوي —

سڀ ڇڏيائون سانگ، ڪندا ڪوه نماز کي،
جيڏانهن عالم آسرو، تيڏانهن ڪن نه تانگ،
نڪي پڙهن ڪلمو، نڪي ڏين بانگ،
لاهوتي بي لانگ، عدم ڪون اڳي ويا. (بيدل)

ان کان سواءِ چِلہ ڪشي، وظيفا ۽ قرآن خواني ۽ درود پڙهڻ وغيره به مسلمانن جي عبادت ۾ شامل آهن. اهل علم ۽ تاريخدانن کي پتو آهي ته زماني قديم کان وٺي، موجوده مذهبن جي پيدائش کان به اڳ، ماڻهن ۾ ڪن لفظن جي دهرائڻ جي تاثير ۾ اعتقاد هو. ان لاءِ تپسيا ڪرڻ ۽ چلن ڪڍڻ جو رواج به جاري هو. انهن جي اثر سان هو وڏين طاقتن کي تسخير يا رضامند ڪرڻ جو ويساهه رکندا آيا آهن. مسلمانن به انهن جي تتبع ۾ انهن ڳالهين جي افاديت ۾ اعتبار پئي رکيو آهي، ليڪن تجربي ۽ عقل جي ڪسوٽيءَ تي انهن جو مؤثر هئڻ مشڪوڪ ٿي ويو آهي. ان ڪري دانشمند

ماڻهو انهن ڳالهين کي طفل - تسليءَ کان وڌيڪ حيثيت نٿا ڏين.

**٢- نماز نفس جي صفائي يا اندر اجارڻ لاءِ:** تزڪيہ نفس جي معنيٰ ڪثيف حيواني خواهشن ۽ سڌن مان نجات حاصل ڪرڻ کي سڏيو ويندو آهي. هاڻ اسان کي ڏسڻو آهي تہ اهي ڪهڙيون خواهشون ۽ سڌون آهن، جن کان ماڻهوءَ کي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي طلب آهي.

سڌون ۽ خواهشون ڇا آهن، انهن جي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن. ان جو ذڪر طوالت جو باعث بنجي، هن مضمون جي دائري کان ٻاهر ٿي ويندو. ان جي پوريءَ معلومات لاءِ علم نفسيات يا من وديا جي ڪتابن کي پڙهڻ گهرجي، جنهن کي انگريزي زبان ۾ سئڪالاجيءَ (Psychology) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ فطري سڌن ۽ خواهشن کان قطعي ڇوٽڪارو انسان کي بيڪار ۽ مرده دل بنائي ڇڏي ٿو. انهن جو هڪ حد اندر هئڻ ضروري آهي. صرف، صحيح ۽ غلط جي تميز بعد، انهن جو صحيح طرف رجحان موڙڻ ضروري آهي. انهيءَ واسطي صوفين نفس کي ٽن درجن ۾ ورهايو آهي: (١) نفس اماره، (٢) نفس لوامہ، ۽ (٣) نفس مطمئنہ.

**(١) نفس اماره:** اهو نفس جو درجو تميز ۽ عقل جي خاصيتن ۾ ناقص هوندو آهي. جهڙيءَ طرح ڪو جانور سائو گاهہ ڏسي، يڪدم خواهش جو تابع ٿي، وڃي اهو کائڻ لڳندو آهي، ۽ نتيجن جي ان کي پرواهہ نہ هوندي آهي، ۽ ان کي اهو پتو نہ هوندو آهي تہ اهو گاهہ پرائو آهي، جنهن جي کائڻ تي بندش آهي يا ان جي کائڻ مان سندس صحت کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، وغيره. ماڻهو بہ وحشيانہ دور ۾ انهيءَ حالت کي ويجها هئا. پر جيئن پوءِ تيئن تجربي ۽ علم ڪري ويا ان کان مٿي چڙهندا. هن وقت شايد تمام ٿورا اهڙا ماڻهو هجن، جن کي فائديمند ۽ نقصانڪار شين جي تميز نہ هجي، ليڪن ڇاڪاڻ تہ صحيح ۽ غلط جا معيار ۽

يڪسوئيءَ ۽ پوري توجه سان ادا ڪئي وڃي. عبادت ڪرڻ وقت اهڙي ماڻهوءَ کي پتو هجي ته ڇا چئي رهيو آهي. جنهن جي عبادت ڪري يا جنهن کان دعا گهري رهيو آهي، ان کي هو حاضر ناظر ڄاڻي. ان وقت هن جي دل خام خيالن کان خالي هجي. اگهي نماز با جماعت پڙهڻ ڪري، صالحن جي صحبت نصيب ٿيندي هئي. اڪيلي طور پڙهڻ سان غور ۽ فڪر جو موقعو ملندو هو. پر اندازو لڳائڻو آهي ته اهڙي قسم جي عبادت گهڻا ٿا ڪن؟ سامان ۾ ملاوت ڪرڻ يا چور بازاري ڪرڻ وارو واپاري نماز ۾ به اهي خيال پچائيندو رهي ٿو. رشوتي ڪاسورو يا وڏو ماڻهو اڄڪلهه نماز کي پنهنجي پرده پوشيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿو. خود مطلب ۽ ظالم پنهنجين خرابين کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. ته پوءِ ان جو نتيجو به اهو ٿو نڪري ته عبادت مان ڪن ٿورن جي نفس جي صفائي ٿئي ٿي. عام طرح ان جو اثر تمام گهٽ ٿئي ٿو. نماز يا عبادت جي افاديت جو اهو حال ڏسي، شاهه باهو عليه الرحمة فرمايو ته

نفل نمازان ڪم زنانيان دا تے روزے صرفا روٽيي، هو–
مڪے دريول اوئي جاون گهر دے هوون توٽيي، هو–
آچيان بانگان اوئي ڏيون نيت جنهان دي کوٽيي، هو–
ڪي پرواه تنهانون "باهو"، جنها گهر وچ لڌي بوٽيي، هو–

شاهه لطيف عليه الرحمة انهيءَ کي مد نظر رکي فرمائي ٿو:

روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

علامه شيخ محمد اقبال عليه فرمائي ٿو ته

جو سر بسجده هوا کبهی، تو زمین سے آنے لگی صدا.
ترا دل تو هے صنم آشنا، تجهے کیا ملے گا نماز میں!

حضرت بلا شاهه عليه فرمائي ٿو–

روزے حج نماز نے مائی،
مینون پیا نین آن بهلائی.

(٣) نماز قلب جي سڪون لاءِ. اها ڳالهہ حقيقت آهي تہ مشڪلاتن، تڪليفن، بيمارين ۽ ڏکن ۽ دردن جي وقت جڏهين ماڻهو مغموم ۽ مضطرب ٿئي ٿو، تہ ان وقت ڪيس آٿت، ڏڍ ۽ دلاسي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. عبادت اهڙن وقتن ۾ دل جو سڪون ڏئي ٿي. ماڻهو انهن حالتن ۾، جانورن، دريائن، بتن، ديوتائن، ديوين ۽ خدا کان پئي مدد ۽ دعا گهري آهي، ان ڪري ڪيس تڪليفن مان ڇوٽڪارو مليو آهي يا نہ، ليڪن نفسياتي طور، عارضي طرح، اطمينان قلب پئي حاصل ٿيو اٿس. ان ڪري عبادت کي دل جي چنبڙي (Sedative) ۽ مفرح (Tranquilizer) دوا طور پئي ڪتب آندو ويو آهي. ليڪن اهو بہ سوال اٿي ٿو تہ هر دوا جو بي وقت ۽ حد کان وڌيڪ استعمال ان جي افاديت وڃايو ڇڏي. جهڙيءَ طرح دوا جي عادي ٿيڻ ڪري، آها اثر وڃايو ڇڏيو، اهڙيءَ طرح سان هر وقت، بنا ضرورت جي، دعا ۽ عبادت جي عادت بہ پنهنجو اثر گهٽايو ڇڏي. ان جو اهو مطلب بہ نہ آهي تہ دل جو سڪون صرف نماز مان حاصل ٿئي ٿو. هر مذهب وارن هن عبادت جا جدا جدا طريقا رٿيا آهن. تنهنڪري سڀڪنهن طرح جي عبادت دل جي چنبڙي ۽ مفرح جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي.

(٤) نماز آخرت جي فائدي لاءِ. چوٿون فائدو نماز جو آخرت جي ڀلائيءَ جو بيان ڪيو وڃي ٿو. صوفي، ملا واريءَ آخرت کي ڪو نہ ٿو مڃي. هن کي معلوم آهي تہ بهشت، دوزخ، پلصراط، قيامت وغيره اهوجهہ، ماڻهن کي لالچائڻ يا ڊيڄارڻ لاءِ ذريعا ڪري پئي ڪتب آندا ويا آهن. انهن جو حقيقت ۾ ڪو وجودئي نہ آهي. تنهن ڪري جيڪا شيءِ هجيئي ڪا نہ، ان جي فائدي لاءِ عبادت ڪرڻ جي ڪا معنيٰ ئي ڪا نہ آهي. ازانسواءِ صوفي عاشق آهي. هن جو هر ڪم دوست جي رضامندي ۽ دل جي خوشيءَ لاءِ، ۽ نہ سودي ۾ عيوضي وٺڻ لاءِ، ٿئي ٿو. عبادت جي جيڪڏهن هو ضرورت سمجهي تہ البت محبت الاهيءَ لاءِ ڪري سگهي ٿو. ليڪن آخرت جي نفعي لاءِ عبادت ڪرڻ سندس اصولن جي خلاف آهي.

Gul Hayat Institute

حملي انسانذات جي وچ ۾، ملن، پادرين ۽ پنڊتن وغيره طرفان مذهبن جي نالي ۾ ڪڙي ڪيل ديوارين کي ڊاهي، اتحاد عالم پيدا ڪرڻ لاءِ آيو هو، نه مذهب جي نالي ۾ نئين ديگڙي چاڙهي، فتني فساد کي وڌائڻ لاءِ آيو هو.

صوفي انسان کي خدا جو نائب ڄاڻي ٿو، ان جي آزاديءَ کي، مذهب، حڪومت، نسل ۽ رنگ جي نالي ۾، سلب ڪرڻ بنيادي انساني حق خلاف ڄاڻي ٿو. صوفي هڪ قسم جو مزاجي آهي. (Anarchist) آهي، جو سڀني قيدن کان آزاد ٿيڻ گهري ٿو. انهيءَ ڪري ڪيترا انتهاپسند تارڪ الدنيا، مجذوب ملامتي ٿيو، ملا جي تسلط کان ٻاهر نڪرڻ گهرن ٿا.

صوفي، هر موجوده مذهب جي ٩٥ سيڪڙو ڳالهين کي فرسوده، بي معنيٰ ۽ بي سود سمجهي، انهن ۾ اعتبار نٿو رکي. هو مذهبن جو ست ڪڍي، قوڪ قتو ڪرڻ گهري ٿو. هو عشق ۽ عقل کي هڪ تصوير جا ٻه رخ ڄاڻي ٿو، جنهن جي رهبريءَ هوندي ٻئي ڪنهن جي هدايت جي ضرورت نٿو محسوس ڪري.

هو پاڻ کي فطرت جو ايجنٽ ڄاڻي، هر پراڻي ۽ بي سود شيءِ کي ڊاهي، حالتن ۽ ضرورتن جي تقاضا مطابق، نئين شيءِ بنائڻ گهري ٿو. فطرت تي جڏهن غور سان نظر ڪري ٿو، ته ڪيس ان ۾ هر گهڙي انقلاب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نئين شيءِ پراڻيءَ جي جاءِ وٺندي وڃي ٿي. ڪابه شيءِ ساڳيءَ جاءِ تي بيٺل نٿو ڏسي. زمين، تارن، چنڊ، سج کي هو ڦرندو ڏسي ٿو. راتين پٺيان ڏينهن ۽ موسمن پٺيان موسمون بدلبيون ڏسي ٿو. پاڻيءَ هوا سدائين تحريڪ ۾ نظر اچنس ٿا. وڻ، جانور ۽ ماڻهو ڄمي وڏا ٿي، مرندا ڏسي ٿو. وري انهن جي جاءِ ٻين کي والاريندو ڏسي ٿو. ماڻهوءَ ۾ هر گهڙيءَ، دم کڻڻ سان، خراب رت کي بدلي ٿيندو ڏسي ٿو. ڪابه شيءِ، سواءِ ذات الاهيءَ جي، دائم ۽ قائم نٿو ڏسي. ان اڻ کٽ تبديليءَ جي سلسلي هوندي، هن کان ڪهڙيءَ طرح ڪو توقع رکي سگهجي ٿي ته ڪيس ڪن مذهبي قانونن جي دائري

Gul Hayat Institute

انهن ڳالهين ۾ تياڪر جي دست اندازي برداشت ڪري سگهي ٿو. حڪومت ۽ مذهبي نظام طرفان سندس عقيدي، خيال ۽ راءِ جي آزاديءَ ۾ دخل ڪي هو پنهنجي انساني بنيادي حق جي خلاف سمجهي ٿو.

هو مذهبي ڳالهين ڪي، باهمي گفتگو، ذاتي تجربي ۽ علم ۽ عقل جي بنياد تي قائم ڪرڻ جو حامي آهي. هن جي ڪنن ۾ "لا اڪراه في الدين قد تبين الرشد من الغي" (معني- دين ۾ سختي ۽ زور نه هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هدايت جو رستو گمراهيءَ کان پڌرو پيو آهي.)" جو آواز گونجي رهيو آهي.

صوفي اهنسا جو قائل آهي. هو سياست، مذهب، خيال، عمل ۽ روزانه زندگيءَ ۾ اهنسا جي اصول کي رهبر راه بنائڻ گهري ٿو. هو رسول مقبول صلعم جي قول "اظهار اختلاف الراء في امتي رحمة." (معني - "اختلاف راءِ کي برداشت ڪرڻ منهنجي پوئلڳن لاءِ رحمت جو باعث ٿيندو-") کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. هن جو عقيدو آهي ته نظر ۽ خيال جي رنگارنگي حسن ازلي کي دوبالا ڪري ٿي:

"مارڻ لاءِ مسڪين جي لکين ناز سکيو آهين نوان نوان!"

جيئن باغ ۾ مختلف رنگن جا گل ان جي زيبائش کي وڌائين ٿا، تيئن ڪثرت خيالات کي هو وحدت حق جا مختلف پهلو ڄاڻي ٿو:

هڪ قصر در لک، ڪوڙين منجهس ڪڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.
(شاهه)

هو جدا جدا مذهبن کي هڪ قالين قدرت جا گوناگون رنگ ڄاڻي ٿو، جي، باوجود ظاهر ڪثرت جي ان جي بنيادي خوبصورتيءَ ۽ وحدت کي وڌائين ٿا.

هو هندو، مسلم، عيسائي، ٻڌ، يهودي وغيره سڀني ۾ حق جي

Gul Hayat Institute

جهلڪ ڏسي ٿو. جي ظاهري اختلاف ڪري منجهي پون ٿا، تن کي هو ڪچو چائي ٿو.

حسن جو حق جو، سو خامي پائئين خام،
اچي ٿيا اسلام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.
(شاهه)

صوفين ۽ سنتن طرفان مختلف مذهبن کي نزديڪ آڻڻ لاءِ، دنيا ۾ ڪيتريون ئي ڪوششون پئي ٿيون آهن. جهڙوڪ:

(١) شيخ بدرالدين سماوا طرفان، ترڪيءَ ۾، اسلام ۽ ڪرسچئنٽيءَ کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ٿي.

(٢) ڪبير ڀڳت ۽ گرونانڪ طرفان، هندستان ۾، اسلام ۽ هندوازم کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ٿي.

(٣) راجا رام موهن راءِ طرفان، هندستان ۾، ڪرسچئنٽيءَ ۽ هندوازم کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ٿي.

(٤) هنگ سيوچئان طرفان، چين ۾، تائوزم ۽ ڪرسچئنٽيءَ کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ٿي.

(٥) اڪبر بادشاه طرفان هندستان ۾، اسلام، هندوازم، جين ازم، ڪرسچئنٽي ۽ زردشتيءَ مت کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ٿي.

(٦) دارا شڪوه طرفان هندستان ۾، جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي.

(٧) شاه عنايت عليہ الرحمة، سچل سرمست عليه الرحمة طرفان، سنڌ ۾ جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي.

تنهنڪري صوفي مذهب کي سياست کان علحده رکڻ جو حامي آهي. هن کي پتو آهي ته ٻنهي کي گڏي هلائڻ ڪري، فائدي بدران ماڻهن کي نقصان زياده ٿيو آهي. هندن، عيسائين، ٻڌن ۽

Gul Hayat Institute

هن مذهبي عقيدن موجب ماڻهن جي ڪفر ۽ اسلام ۾ ورهاست نہ ٿي ڪئي.

هن جي نظر ۾ اها ورهاست هيٺينءَ طرح هئي:

| اسلام | ڪفر |
|---|---|
| (الف) بي طمعي | (الف) خود مطلبي |
| (ب) اتفاق | (ب) نفاق |
| (ت) محبت | (ت) نفرت |
| (ث) اهنسا | (ث) زور زبردستي |
| (ج) اتحاد | (ج) فرقہ بندي |

جيئن تہ سندس نقطي نگاه واري اسلام تي گهڻو بحث ٿيل آهي، انهيءَ ڪري هاڻي سندس ڪفر وارين ڳالهين تي ڪجهہ روشني وجهان ٿو.

**(الف) خود مطلبي:** صوفيءَ وٽ هر ڳالهہ، جا شخصي يا مستقل مفاد جي فائدي ۾ ۽ عوام جي نقصان ۾ هئي، سا خود مطلبي هئي. صوفيءَ وٽ هر ڳالهہ، جا هر فرقي جي فائدي ۾ ۽ انسانيت جي نقصان ۾ هئي، سا خودمطلبي هئي. صوفيءَ وٽ هر ڳالهہ، جا هڪ مذهب کي ٻين کان وڌيڪ يا جدا ڄاڻندڙ هئي، سا خودمطلبي هئي. صوفيءَ وٽ هر ڳالهہ، جا هڪ ملڪ جي فائدي ۽ ٻين جي خلاف هئي، سا خود مطلبي هئي. هن خود مطلبيءَ کي ڪفر برابر سمجهيو ٿي.

**(ب) نفاق:** صوفيءَ جي نظر ۾ حقيقي وجود ذات الاهيءَ جو آهي. ٻيون سڀ شيون ان جي صفات آهن. صفات گوناگون ۽ ڪثير آهن. ذات واحد آهي. ڪثرت کي حقيقت ڄاڻڻ غلطي آهي. صوفيءَ جي نظر ۾ اها ڳالهہ ڪفر برابر هئي تہ هرڪو پنهنجي راهہ، مذهب ۽ عقيدي کي صحيح سمجهي، ٻين کي غلط ڄاڻي. ان مان نفاق پيدا ٿيڻ جو امڪان هو، جو بدامني ۽ فساد جو ڪارڻ بنجي

ته اسلام صلح ۽ امن جو پيغام آندو آهي، نه بدامنيءَ جو. انڪري، جا ڳالهه نفاق جو باعث بنجڻ واري هئي، تنهن کي هن ڪنهن به صورت ۾ اسلام نٿي سمجهيو، بلڪ ڪفر ٿي ڄاتو ـــ جيتوڻيڪ ملن ان کي قرآن، حديث، شريعت، دين اسلام جا غلاف ويڙهي، ڪٽي پيش ڪيو ٿي.

**(ت) نفرت**: صوفي محبت جو متوالو آهي. هن جي نظر ۾:
جا ڳالهه ماڻهن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي،
جا ڳالهه فرقن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي،
جا ڳالهه مذهبن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي،
جا ڳالهه قومن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي،
پوءِ اها ڳالهه ڪٿي اسلام، خدا، رسول يا ڪنهن به ٻئي نظريي جي نالي ۾ پيدا ڪئي وڃي، ڪفر هئي. جتي محبت هوندي، اتي نفرت کي جڳهه ئي ڪانه ملڻي آهي. هن دنيا جي سارين خرابين جو ڪارڻ نفرت کي ڄاتو ٿي.

دنيا ۾ جنگيون نفرت ئي پيدا ڪرايون. هن جي نظر ۾ محبت، دين فطرت، ۽ قانون ارتقا ۽ اسلام ساڳي ڳالهه آهن. نفرت، تنزل ۽ ڪفر ساڳي شيءِ هئا، تنهنڪري هن جڏهن دين اسلام جي نالي ۾ صاحب اقتدار طبقي يا ان جي معاون ملا کي نفرت ڦهلائيندو ڏٺو ٿي، ته بي اختيار چئي وينو ٿي:

محبت سندي مام، ڪوڙ پروڙي ڪين ڪي.

**(ث) زور زبردستي**: صوفي هر اڳرائيءَ، زور زبردستيءَ، تشدد ۽ اهنسا جي ڳالهه جي خلاف آهي. هو ان کي محبت ۽ عشق جي منافي ٿو سمجهي، پوءِ اها اڳرائي (جهاد) خدا، قرآن، رسول، اسلام، ملڪ ۽ قوم جي نالي ۾ ڇو نه ڪئي وڃي. هو رواداريءَ جو حامي آهي. تنهنڪري هو اهڙو معاشرو اڏڻ گهري ٿو، جنهن ۾،

غريب ۽ شاهوڪار جا تفاوت نه هجن،

Gul Hayat Institute

سياسي تسلط ۽ ڏاڍاين جا تفاوت نہ هجن،
مذهبي، نسلي ۽ رنگن جا امتياز نہ هجن، ۽
غير فرقيوار ۽ غير طبقي وار سوسائٽي بنائي وڃي.

هو جماعتي نظام کي باهمي مشوري ۽ رضامندي جي بنيادن تي قائم ڪرڻ گهري ٿو. هو جملي ماڻهن ۽ قومن کي انسانذات جي واحد سوسائٽيءَ (جماعت) ۾ شامل ڪرڻ گهري ٿو.

هو مذهب ۽ نظرين جي اختلافن کي بنيادي وحدت جي نظر سان ڏسي، باهمي برداشت (Tolerance) ۽ گڏجي گذارڻ (Co-existence) جو سبق ڏيڻ گهري ٿو.

هو "لڪم دينڪم ولي دين" جو پڪو پوئلڳ آهي.

Gul Hayat Institute

# فصل پنجون

## تصوف جيئن مون سمجهيو آهي

تصوف جو اڪر اڪثر مسلمانن ڪتب آندو آهي. ليڪن صحيح معنيٰ ۾ اهو لفظ جن عقيدن ۽ مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، انهن ڪي ٻين مذهبن جي ساڌن، سنتن، راهبن، ڀڪشن به جدا جدا نالن سان منسوب ڪري پئي استعمال ڪيو آهي. عام طرح هن لفظ جي تشريح ۾ هيٺين گروهن حصو ورتو آهي:

(١) افلاطون جو فلسفهءِ اعيان، نوفل اطونيت، اسپائي نوزا ۽ ٻين فيلسوفن جا انهيءَ فلسفي جي دائري ۾ بيان ڪيل خيال ۽ رايا.
(٢) ويدانتي سنتن جي تعليم.
(٣) ڪرسچن توحيدي ۽ اسٽائڪس (Stoics).
(٤) ڪي ٻڌ ڌرم جا ڀڪشو.
(٥) جين ڌرم جا ڪي يوگي.
(٦) اسلام جا وحدت الوجودي صوفي.
(٧) ٿياسافسٽ (Theosophists).
(٨) جديد مذهب انسانيت جا حامي (Modern Humanists)
(٩) ٻيون اهڙي قسم جون روحاني جماعتون.

مسلمانن مان ڪيترن تصوف کي فلسفهءِ اسلام، روح اسلام، مذهب عشق، نفس مارڻ، اندر اجارڻ، پاڻ سڃاڻڻ وغيره نالن سان

Gul Hayat Institute

سڏيو آهي. ڪن درويشن ته خود اسلام کي عين تصوف ڄاتو آهي. اهڙيءَ طرح هر مذهب جي اهل نظر ان جي مقصدن جي حمايت ڪئي آهي.

جهڙيءَ طرح جملي مذهب، باوجود سندن اعليٰ اصولن جي، سندن پوئلڳن جي خامين ڪري، فرقه بنديءَ، نفاق، مڪر ۽ مستقل مفاد جا اڏا بنجي پيا آهن، ساڳي حالت مختلف مذهبن جي صوفي تحريڪن جي ٿي آهي.

جيڪڏهن ملا واري اسلام جا پوئلڳ نمازون پڙهي، روزا رکي، زڪواتون ڏيئي، حج ڪري، مسجدون ۽ مدرسا ٺهرائي به، چور بازاري، سمگلنگ، ڪثير تعداد نفعي خوريءَ، وياج خوريءَ، رشوت غريب آزاريءَ ۽ طرح طرح جي بداخلاقيءَ کان نٿا هٽڪن، ۽ مذهب جا ڪي عالم به مذهب کي شاهوڪار طبقي جي مفاد واسطي استعمال عرضيءَ لاءِ ڪتب آڻن، اختلاف راءِ کي برداشت نه ڪرڻ، انسانذات ۾ نفرت، ۽ نفاق پيدا ڪرڻ کان نٿا چرڪن، ته پيران طريقت جي اڪثريت به شخصي خدمت ڪرائڻ، بزرگيءَ ۽ شيخيءَ ۾ ڦاسڻ، تصوف جي نالي ۾ گروه بنديءَ، دقيانوسي خيالن، ڪرامتن، ورد ۽ وظيفن جي تاثير ۾ اعتماد رکي، ماڻهن کي بيڪار ۽ بزدل بنائڻ لاءِ دڪان کوليو ويٺا آهن، ان ڪري حقيقي طرح تصوف جو به صرف نالو وڃي رهيو آهي.

تعليم يافته نوجوان جهڙيءَ طرح انهن ڳالهين ڪري اسلام جي نالي ۾ استعمال عرضيءَ (ايڪسپلائيٽيشن) کان تنگ اچي مذهب کان بيزار ٿيندو وڃي، اهڙي طرح صوفيزم جي نالي ۾ روزبروز ٿيندڙ خسيس ڪم، جهڙوڪ پيرپرستي، ورد وظيفا، پاڻ سڏائڻ کان سواءِ الله سڏائڻ جا نعرا هڻڻ، حسن پرستيءَ جي نالي ۾ بداخلاقيءَ جا ڪم، ڪم ڪار ڇڏي تارڪ الدنيا ٿي پن مڱ تي گذر ڪرڻ، ۽ نشي پتي وارا پيا اهڙا ڪم ڏسي، ان کي مڪر ۽ فريب سمجهي ان کان حقارت ڪرڻ لڳا آهن.

Gul Hayat Institute

آءٌ پهريائين هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ ۽ پوءِ ان جي جدا جدا فصلن ۾ اِنهيءَ مضمون جي جدا جدا پهلوئن تي خيالن جو اظهار ڪري آيو آهيان. پڙهندڙ ان سان معلوم ڪري سگهيا هوندا ته منهنجي سامهون انسانذات جي مجموعي مفاد جا ٽي مقصد رهيا آهن: اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم.

انهيءَ مقصد لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏجي ڪم ڪرڻ واسطي جمع ڪرڻ لاءِ ڪهڙو نالو ڪتب آڻيان، ان تي گهڻو غور ڪيو اٿم. حقيقت ۾ اسلام جي تشريح ان لاءِ منهنجي نقطي نگاه کان ڪافي هئي، پر جيئن ته اهو مذهب جدا دين منظم ٿي چڪو آهي ۽ ان جي پوئلڳن جا مستقل مفاد پيدا ٿي چڪا آهن تنهن ڪري امڪان اهو ڏسڻ ۾ آيم ته ٻين منظم مذهبن جا پوئلڳ باوجود منهنجي جدا تشريح جي به، ان نالي هيٺ ڪيل تشريح کان چرڪي، تعصب ڪري، ان ڏي توجهه نه ڪن. ان ڪري مجبوراً اهڙو نالو استعمال ڪريان ٿو، جو باوجود ان جي پوئلڳن جي ڪوتاهين ۽ خامين جي به پاڻ بين الاقوامي ڪشش رکي ٿو ۽ بي تعصبيءَ ۽ رواداريءَ جي اصولن جو حامي آهي.

بيدل فقير فرمائي ٿو ته:

اکران دي وچ جوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مور نه چڙهيا.

مون کي ڪنهن خاص نالي سان دلچسپي نه آهي. پر جيئن ته عالم مڪان ۽ زمان ۾ ڪنهن به ڳالهه جي نالي کان سواءِ اظهار ڪري نٿو سگهجي، تنهن ڪري پنهنجي مقصد کي سنڌ هند ۽ وچ مشرق جي قديم بزرگن جي آندل نالي، يعني تصوف سان، جنهن کي جديد زبان ۾ "مذهب انسانيت" سڏيو وڃي ٿو منسوب ڪريان ٿو.

هرڪو ماڻهو جا به ڳالهه ڪري ٿو، سا سندس طبعي رجحان ۽ شخصي ڪمزورين کان خالي نه هوندي آهي. آءٌ به ان عام قانون

Gul Hayat Institute

ڪان مٿي ٿي نٿو سگهان. البت منهنجي، صوفيزم جي تشريح ڪرڻ وقت، حتي الامڪان اها ڪوشش رهندي، ته ان ۾ سرزمين سنڌ جي گذريل ٽن هزار ورهين جي تاريخ ۽ بزرگن جي حتي الامڪان ترجماني ڪريان.

منهنجي نظر ۾ تصوف جا هيٺيان اصول ۽ مقصد آهن:

(۱) تصوف، وحدت‌الوجود (ويدانت) ۾ ويساهه رکڻ کان سواءِ مڪمل ٿي نٿو سگهي—

جنهن مطابق هر شيءِ جو مرڪز ذات الاهي آهي؛ پيون سڀ شيون ان جي صفات، تجلي يا پرتو آهن. هر شيءِ ۾ انتهاپسندي غلط آهي. هن نظريي جي انتهاپسنديءَ ڪري هيٺين غلط نتيجن نڪرڻ جو امڪان رهي ٿو، ان کان گوشو لازمي آهي:

(الف) جي سڀ شيءِ ذات حقيقيءَ ۾ سمايل آهي، ته پوءِ گناهه، ثواب، بري، ڀلي، رحمت ۽ لعنت جا فرق مٽجي وڃڻ جي احساس ٿيڻ ڪري، اڪثر صوفي عمل جي زندگيءَ کي بيڪار سمجهي، تارڪ الدنيا ٿين ٿا، جا ڳالهه حقائق دهر ۽ قانون فطرت جي خلاف آهي. اهڙيءَ ڳالهه کان بچڻ لاءِ خواجه حافظ فرمايو آهي ته

دوش از مسجد سوي ميخانه آمد پير ما،
چيست ياران طريقت بعد ازين تدبير ما!

[معني—ڪجهه وقت ٿيو ته منهنجو رهبر مسجد مان نڪري ميخاني ۾ آيو،—طريقت جا دوستو، هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟]
ان تي وري جواب ڏني ٿو ته

ما مريدان رو به سوي ڪعبه چون آريم چون،
رو بسوئي خانه خمار دارد پير ما!

[معني—اسان ارادتمند ۽ صحبتي هاڻ هن کان سواءِ ڪعبي طرف وڃي سگهنداسين،—جڏهين اسان جو رهبر خمار خانه ۾ وينو آهي.]
هڪ سنڌي درويش ان ساڳئي خيال کي هن طرح ادا ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

ڪي ڏسي، خيال پيدا ٿئي ٿو ته ڪائنات ۾ ڪا رٿا يا ترتيب ضرور آهي، جنهن مطابق هي سلسلو هلي رهيو آهي.

انهن مختلف ڳالهين کي مد نظر رکي، ٻه نظريا قائم ڪيا ويا آهن.

هڪڙو نظريو اهو هو ته جيتوڻيڪ فطرت ۾ ٻه طاقتون، خير ۽ شر جون، ساڳئي وقت هڪٻئي جي مخالف ڪم ڪري رهيون هيون، ليڪن ڪائنات رٿا ۽ مقصد سان ٺهيل هئي ۽ رٿا ۽ مقصد سان هلي رهي هئي.

ٻيو نظريو اهو هو ته سارو معاملو حادثن تي ۽ رٿا کان سواءِ هلي رهيو هو.

پويون نظريو دهريت جي فلسفي جي پيداوار هو.

وحدت الوجودي صوفين به ان تي غور ڪيو ٿو ڏسجي. انهن هنن ٻنهي نظرين ۾ ويساهه نٿي رکيو. هنن خلقت جي پويان منصوبي کي مڃي، ان کي قانون ارتقا جي ماتحت صرف خير ڪري مڃيو ٿي. انهن مان ڪن مٿي ذڪر ڪيل زندگيءَ جي بي ڊنگاين يا نقصانن کي اسرار جي ڳالهه سمجهي، ٽاري ڇڏيو ٿي. ڪن ان کي قانون فطرت جي ڇنڊڇاڻ جا جزا ڏسي، ان کي عارضي سمجهي، مستقل طور ۽ آهستي آهستي ٿي، انهن جي حل ٿيڻ ۾ اعتماد رکيو ٿي.

پر ان ساري معاملي مان هڪ ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته ماڻهن جي تڪليفن ۽ فطرت جي بي ڊنگاين بابت راءِ جي پيدا ٿيڻ جو مکيه ڪارڻ خدا جو شخصي تصور آهي، جنهن مطابق دنيا جي هر شيءِ سندس نظر هيٺ سندس رضامندي ۽ ناراضگيءَ جي بنياد تي هلندڙ ٿي سمجهي ويئي. صوفي، جيڪڏهين بهشت ۽ دوزخ جي نظريي کي نٿو مڃي، ته خدا جي عدل ۽ انصاف جا هيٺاهينءَ سطح وارا تصور به نٿو مڃي، جنهن مطابق هرڪ ڳالهه ۾ ان جي نظر هيٺ رضامندي ۽ ناراضگيءَ جا نظريا ختم ٿي وڃن ٿا. صوفي ڪرامت، معجزي، خرق عادت ۾ ويساهه نٿو رکي.

(۴) صوفي انسانذات کي هڪ جسم واحد ڪري سمجهي ٿو. هو ماڻهن جي طبيعتن، قبيلن، قومن، نسلن، رنگن، مذهبن ۽ نظرين جي اختلاف جي باوجود، انهن کي هڪ ئي جنس سمجهي ٿو. انهيءَ ڪري انهن جي اختلافن پويان هو بنيادي وحدت پرکي ٿو، تنهن ڪري هن انهن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ اصول مقرر ڪيا آهن، جن جي هو مخالفت ۾ ڪابه ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه آهي.

هن کي طبيعتن، قبيلن، قومن، نسلن ۽ رنگن جي ڳالهه ايترو تنگ نٿي ڪيو، جيترو الله جي نالي ۾ برپا ڪيل مذهبي نظرين جي ذريعي ماڻهن ۾ پيدا ڪيل اختلافن ڪيو ٿي.

هو عشق جي ايڏي اوچي مناري تي چڙهيو بيٺو آهي، جتان ڪفر ۽ اسلام جا جهنڊا برابر جهولندا نظر اچنس ٿا. هوائي جهاز ۾ تمام مٿي اڏامڻ بعد زمين جو جهڙو نظارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو — ان ۾ زمين جون هيٺ مٿاهيون، پٽيون، ٻيلا سڀ هڪ وڏي پکڙيل غاليچي وانگر نظر ٿا اچن. ان وانگر هي به ايڏيءَ اتاهينءَ تان انسانذات تي نظر ڪري ٿو، جو اهي سڀ هڪ ئي باغ جا جدا جدا قسم جا وڻ ڏسڻ ۾ اچنس ٿا، ان ڪري سندس ڪوشش اها ئي رهي ٿي ته انهن ۾ اتحاد آڻي.

(۵) **وحدت مذاهب**: انسانذات جي وحدت ۾ ايمان رکڻ بعد هو جدا جدا مذهبي نظرين جي پويان به وحدت پرکي ٿو. ڪفر ۽ اسلام کي هو وڻ جي ٽاري سمجهي ٿو. صوفيءَ جو ڪفر اسلام جو تصور، ملا جي تصور کان علحده آهي. ملا ٻئي مذهب يا فرقي جي پوئلڳن کي ڪافر سمجهي ٿو، پر صوفي جملي مذهبن کي هڪ سمجهي ٿو ۽ دهريت کي جدا سمجهي ٿو، پر انهن ٻنهي کي به هڪ تصوير جا ٻه پاسا شمار ڪري ٿو: مذهبن کي هو ارتقا جو حامي ۽ دهريت کي انقلاب جو حامي سمجهي ٿو: ليڪن وري به ٻنهي جو منزل مقصود ساڳيو سمجهي، ڪين صرف طريقهءِ ڪار جو تفاوت ڄاڻي ٿو.

Gul Hayat Institute

**(٦) مذهب جو روح:** هو عشق ۽ علم کي مذهب جو روح سمجهي ٿو. عشق هن کي اتحاد جو رستو ڏيکاري، امن تي پهچائي ٿو. علم هن کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿو. مذهب جي هن روح جي ذريعي هو مذهبن، فرقن، نظرين جي ڪثرت ۾ وحدت پرکي ٿو. ان راهه ۾ نفرت، نفاق، فرقه پرستي، تعصب ۽ خود مطلبيءَ کي هو وڏيون رڪاوٽون ڄاڻي ٿو.

**(٧) طريقت يا ڪلچر:** صوفي صاحب دل آهي. هو دل ۽ دماغ جي زرخيزيءَ لاءِ ڪوشش ڪري، انسانذات کي مهذب بنائڻ گهري ٿو. ان ڪري جديد لفظ ڪلچر ۾ جيڪي اچي وڃي ٿو، ان جو هو حامي آهي.

ان لاءِ هو، نفس جي اصلاح لاءِ، خود مطلبيءَ، قومي شعور جي عدم موجود گيءَ، نفرت ۽ نفاق ۽ بزدليءَ کي ڪڍي، اندر اجارڻ جو حامي آهي.

ان ڪري هو اخلاق جي درستيءَ لاءِ ڪوشان رهي ٿو. هر اهڙا ڳالهه جا مجموعي مفاد جي حمايت، پراپڪاريءَ جو جذبو، محبت ۽ همت ڏياري ٿي، تنهن کي هو اخلاق ڄاڻي ٿو.

ان لاءِ مذهب جي صحيح تشريح ڪري، روح مذهب کان هو واقف ٿيڻ گهري ٿو.

اهو سڀ ڪم هو تاليف قلوب ذريعي ڪرڻ گهري ٿو.

صوفيءَ جي ڪم جو دائرو مخصوص آهي. هو نہ ڪنهن جي خلاف آهي. نہ ڪنهن جو پوئلڳ آهي. هو باهمي رواداريءَ (Co-existence) ۾ اعتماد رکي ٿو. هو مذهبن، نظرين، نسلن جي نالي ۾ انسانذات جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن جي ڪيرائڻ جو حامي آهي. هو هر انهيءَ ڳالهه جي خلاف آهي، جا انسانذات ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جو باعث بنجي ٿي — پوءِ ڇو نہ اهي ڳالهيون خدا، پيغمبرن ۽ الهامي ڪتابن جي نالي ۾ ظاهر ڪيون وڃن.

Gul Hayat Institute

# جي - ايم - سيد جا لکيل ڪتاب

| جريان نمبر | ڪتاب جو نالو | ڇپيل يا اڻ ڇپيل |
|---|---|---|
| ١- | محال مهاڻدن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام | ڇپيل |
| ٢- | انتظامي ڪاتي ڪان عدالتي ڪاتي جي جدائي | ” |
| ٣- | پاڪستان ۽ مسلمان (ترجمو) | ” |
| ٤-٥ | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد سنڌي ۽ انگريزي | ” |
| ٦- | پيغام لطيف | ” |
| ٧- | موجوده سياسي مسئلا | ” |
| ٨-٩ | جيئن ڏٺو آهه مون (سنڌي، اردو) | ” |
| ١٠- | جديد سياست جا نورتن (سنڌي) | ” |
| ١١- | سنڌ جا سورما | ” |
| ١٢- | جنب گذاريم جن سان | ” |
| ١٣- | رهاڻ - سيد ميران محمد شاهہ جا خط | ” |
| ١٤- | شاهہ عبداللطيف جون ڪافيون ۽ وايون | ” |
| ١٥- | سنڌ جي بمبئي کان جدائي | ” |
| ١٦- | سيد علي محمد شاهہ راشدي جا خط ۽ مضمون | ” |
| ١٧- | ساهڙ جا سينگار علامہ آءِ - آءِ قاضي جا خط | ” |
| ١٨- | سنڌي ڪلچر | ” |
| ١٩- | بزم صوفيائي سنڌ جا خطبا | ” |
| ٢٠- | محترم جي - ايم سيد جا چونڊ سياسي مضمون ۽ تقريرون (١٩٦٢ع) | ” |

Gul Hayat Institute

| جريان نمبر | ڪتاب جو نالو | ڇپيل يا اڻ ڇپيل |
|---|---|---|
| ٢١- | جديد سياست جا نورتن (اردو) | اڻ ڇپيل |
| ٢٢- | محترم - جي - ايم - سيد جا مضمون ۽ تقريرون (اڄ تائين) | " |
| ٢٣- | " " " ادبي مضمون | " |
| ٢٤- | " " " جديد مشاهير عالم | " |
| ٢٥- | ديار دل ۽ داستان محبت | " |
| ٢٦- | جناح صاحب سان لکپڙهه | " |
| ٢٧- | ورلڊ مسلم ڪانفرنس | " |
| ٢٨- | سنڌ جي مکيه اديبن جا خط | " |
| ٢٩- | سنڌ ۽ هند جي مکيه سياستدانن ۽ عالمن جا خط | " |
| ٣٠- | سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ (سنڌي) | " |
| ٣١- | " " " (انگريزي) | " |
| ٣٢- | پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني جلد پهريون | " |
| ٣٣- | " " " " " ٻيو | " |
| ٣٤- | " " " " " ٽيون | " |
| ٣٥- | " " " " " چوٿون | " |
| ٣٦- | " " " " " پنجون | " |
| ٣٧- | متياري جي سيدن جي تاريخ ۽ شجرا | " |
| ٣٨- | متفرق مضامين اخبارن ۾ ڇپيل | " |
| ٣٩- | متفرق پمفليٽ مختلف نالن هيٺ لکيل | " |
| ٤٠- | محمد امين کوسي سان لکپڙهه | " |

Gul Hayat Institute

# پلنامون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٩ | ١ | صداقت جو | صداقت جي |
| ١٠ | ٢ | آئنده پڻ ۽ انجي | آئنده پڻ انجي |
| ١٥ | ٥ | لکن، ۽ ورهين | لکن ۽ هزارن |
| ١٥ | ١١ | جسمن کي ٻ، ظاهري طور | جسمن کي ٻ، روح سان منسوب ڪيائون جيتوڻيڪ اهي روح ڪين ظاهري طور |
| ١٧ | ٩ | شروع ڪئي. نتيجو | سندن مخالف قبيلن، وري پنهنجا طرفدار، پاڪ ۽ فائدي بخش جانور، ديوتائون ۽ روح جدا مقرر ڪري انهن جي پوڄا شروع ڪئي. نتيجو |
| ٢٠ | ٢-٣ | دنيا دشمي ۽ هڪ قوم جو ٻئي سان ڪان خوف، شروع ڪان وٺي دنيا ۾ | هڪ قبيلي جي ٻئي سان دشمني ۽ هڪ قوم جو ٻيءَ کان خوف شروع کان وٺي دنيا ۾ نندي کان نندي |
| ٢١ | ٤ | رهيانيت | رهبانيت |
| ٢٦ | آخري | عقدي | عقيدي |
| ٣٠ | ٦ | نتيجن | نتيجتاً |
| ٣٦ | ٧ | عليه | اِليه |
| " | ١٥ | ميٽريلزم | مٽيريلزم |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۴۳ | ۵ | ور ورائي جو | ور وائي جو |
| ۴۶ | ۱۱ | دوستي | درستيءَ |
| ۴۹ | ۳۳ | جن حو | جن جو |
| ۵۰ | ۱۱ | ٿي ته ٽا | ٿي نه ٽا |
| ” | ۳۵ | اداريا | ادارا |
| ۵۶ | ۷ | دليق | دليل |
| ۵۸ | ۲ | ان ۾ آهي | ان ۾ نه آهي |
| ۶۲ | ۱ | عشل | عشق |
| ” | ۲۵ | جسمائني | جسماني |
| ۶۳ | ۸ | پنهنجن بچاءَ | پنهنجي بچاءَ |
| ۶۵ | ۲۱ | قوزي | قلزم |
| ۶۷ | ۱۲ | نفعي | نفي |
| ” | ۱۳ | خرابيءَ ڪان | خرابيءَ کي |
| ۶۸ | ۱۲ | نالي ظاهر | نالي سان ظاهر |
| ” | ۱۹ | موسيٰ ۾ فرعون | موسيٰ ۽ فرعون |
| ۶۹ | ۳ | سائين | شاهه سائين |
| ” | ۱۳ | نه سگهيو | نه سگهو |
| ” | ۱۸ | نه نگبريم | نگيريم |
| ۷۰ | ۱۱ | تنهنڪري هن | تنهنڪري دنيا هن |
| ۶۳ | ۱۶ | تقسيم | تسليم |
| ” | آخري | وليالدين | ولي دين |
| ۷۴ | ۳ | لڪد قوم | لڪل قوم |
| ۵۷ | ۲۵ | مٿي آهن | مٿي آهن |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧٦ | ” | نيسف | نيست |
| ٧٧ | ١٧ | دا | دل |
| ٧٩ | ٢٢ | نوافلاطونين ۾ پين | نوافلاطونين ۽ پين |
| ” | ٢٣ | رام ڪرشن سٽ | رام ڪرشن مت |
| ٨٠ | ١٩ | تحريڪن جوذڪر پس منظر | تحريڪن جو پس منظر |
| ٨١ | ١٥ | مطابق | مطلق |
| ” | ١٩ | پرتوي | پرتوي |
| ٨٢ | ١٦ | مطابق | مطلق |
| ” | ٢٣ | عالم ۽ وحدت | علم ـ وحدت |
| ٨٩ | ١٨ | سياست ڪي حڪومت | مسلمانن ڪي حڪومت |
| ٩٩ | ١ | ثم اذني | ثم دني |
| ١٠٠ | ٣ | يمسڪ الموت السماوات | يمسڪ السماوات |
| ١٣٦ | ٤ | وچ ۾ جو | وچ جو |
| ١٤٤ | ٢٠ | ڪنتولر | ڪنٽرولر |
| ١٤٧ | ٥ | و آخد متشابات | و آخد متشابهات |
| ” | ٦ | ابتغاء الفته | ابتغاء الفتنة |
| ” | ١٢ | ڪان عاقته | ڪان عاقبة |
| ” | ” | و موعطة | و موعظة |
| ١٧٢ | ١٠ | راسخ القيده | راسخ العقيده |
| ١٧٦ | ٦ | نوفل اطونيت، اسپائي نورا | نوفلاطونيت، اسپنوزا |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۱۱۳ | ۹ | والصائبين | واصابئين |
| ” | ۱۳ | انصارن | نصارن |
| ۱۱۵ | ۱۵ | ٻنجي تي سگهي | ٻنجي نہ تي سگهي |
| ۱۲۲ | ۸ | فڪ ڪل نظام بعيد | فڪ ڪل نظام |
| ۱۲۳ | ۲۳ | رضاڪارانہ طور ڏجي ٿو | رضاڪارانہ طور ڏجي ٿي |
| ۱۲۷ | ۷ | خوديبي | خوديني |
| ۱۲۹ | ۱۰ | خدا جي مثال | خدا بي مثال |
| ۱۳۵ | ۱۷ | خالق ۽ معبود | خالق ۽ مخلوق |
| ” | ۲۰ | رحمة للعاشقين | راحة للعاشقين |

Gul Hayat Institute

# جيئن ڏٺو مون

Gul Hayat Institute

جي ايم سيّد